# اسان کي مٽان وساريو

(وساريل لفظن جي لغت)

تحقيق ۽ ترتيب

گنگارام سمرات

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

# اسان کي منان وساربو

## (وساريل لفظن جي لغت)

تحقيق ۽ ترتيب
گنگارام سمرات

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر (55)

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب: اسان کي متان وساريو (وساريل لفظن جي لغت)
تحقيق ۽ ترتيب: گنگارام سمراٽ
ڇاپو: پهريون
تعداد: هڪ هزار
سال: مارچ، ۱۹۹۹ع
ملهه: هڪ سئو روپيا
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

I.S.B.N 969-8194-06-1

ملڻ جا هنڌ:

- سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، نئشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ
- ڪاٺياواڙ بڪ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي، سنڌ
- شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو، حيدرآباد، سنڌ
- عزيز ڪتاب گهر، سکر، سنڌ
- ڪتاب سپر مارڪيٽ، اصغر پلازا، فرسٽ فلور، پاڪستان چوڪ، لاڙڪاڻو، سنڌ

**ASAN KHE MATAN WISARYO**

AUTHOR: GANGA RAM SAMRAT
Printed by: Azad Communications, Karachi
Published by: Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, Pakistan.
First Edition: © March, 1999
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
Price: Rs: 100/=

هيءُ ڪتاب، ميٽرس علمي پرنٽرس ڪراچيءَ جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽ اداري جي سيڪريٽريءَ، تاج جويي، آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچيءَ مان ڇپرائي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي آفيس، نئشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

# پيش لفظ

سنڌي هڪ قديم، شاهوڪار ۽ سڌريل ٻولي آهي. هيءَ ٻولي پنهنجي شاهوڪار لغوي خزاني، وياڪرڻ، لسانياتي خوبين ۽ خصوصيتن، نثر ۽ نظم جي مڙني صنفن، حسن بيانيءَ ۽ اُسلوب جي خصوصيتن سان مالا مال آهي.

هن ٻوليءَ قديم زماني کان وٺي، پنهنجيءَ سرزمين تي حملي آورن ۽ فاتحن جي ٻولين کان گهڻوئي ڪجهه پئي ورتو آهي، ۽ ساڳئي وقت، اُنهن قومن جي ٻولين کي پڻ گهڻوئي ڪجهه پئي ڏنو آهي. اهوئي سبب آهي، جو هن ٻوليءَ جي لغات ۾ هزارن جي تعداد ۾ پراڪرت ٻولين، سنسڪرت، فارسيءَ، يونانيءَ، عربيءَ، پورچوگيزيءَ، ترڪيءَ ۽ انگريزي ٻوليءَ جا بيشمار لفظ شامل ٿي ويا آهن. انهن لفظن مان ڪي ته ايتري قدر هن ٻوليءَ جي لغوي خزاني ۾ ضم ٿي ويا آهن، جو اڄ اُهي سڃاڻپ ۾ ئي نٿا اچن ته ڪو اُهي لفظ اوپرا آهن.

اهڙيءَ طرح، سنڌي ٻوليءَ جا هزارين لفظ، پاڙي وارين اڳوڻين رياستن جهڙوڪ: جوڌپور، جيسلمير، جئپور، گجرات، ڪاٺياواڙ، بهاولپور ۽ قلات وغيره جي ٻولين کان سواءِ عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ به شامل ٿي ويا. انهن لفظن مان ڪي انهن ٻولين ۾ ايتري قدر ته ڳَنڍجي ويا آهن، جو ائين نٿو محسوس ڪري سگهجي ته ڪو اهي لفظ بنيادي طرح سنڌي ٻوليءَ جا آهن.

ٻولين جو، اهڙيءَ طرح، هڪ ٻئي کان لفظ اُڌارا وٺڻ ۾ ڪو به عيب ڪونهي، بلڪ اها ته هڪ سڌريل ۽ شاهوڪار ٻوليءَ جي خوبي آهي. دنيا جون سڌريل ۽ شاهوڪار ٻوليون هميشه هڪ ٻئي کان لفظ اُڌارا وٺنديون رهنديون آهن. لفظن جي اُڌاري وٺڻ واري انهيءَ عمل کي ٻولين جي لغات ۾ واڌارو چئبو، ۽ نه ڪ ٻوليءَ جو بگاڙ.

ٻوليءَ جو بگاڙ يا ٻوليءَ کي بگاڙڻ، ان عمل کي چئبو آهي،

جڏهن ڪنهن بہ ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙَ اديب ۽ شاعر، پنهنجيءَ ئي ٻوليءَ جي صوتياتي آوازن جو غلط اُچار ڪن؛ ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ غلط نموني سان ڦيرڦار ڪن؛ ٻوليءَ جي لغوي خزاني يعني لفظن جي وياڪرڻي ڍانچي، يعني صرفي ۽ نحوي قاعدن ۽ قانونن کي، پنهنجيءَ مرضيءَ يا اڻڄاڻائيءَ سبب غلط نموني ڪم آڻين؛ يعني علم صرف جي قانونن موجب لفظن جي مؤنث ۽ مذڪر جي صيغي کي غلط نموني استعمال ڪن، يا لفظن جي واحد ۽ جمع صورتن ٺاهڻ جي اصولن کان اڻڄاڻ هجن، يا علم نحو جي قانونن کان واقف نہ هئڻ جي ڪري، حالت فاعليءَ، حالت جريءَ يا حالت تغيريءَ (عام حالت) جي ڦيري يعني گردان ڪندي، فاعل ۽ مفعول ۾ تبديليءَ آڻڻ واري اصول کان اڻڄاڻ هجن؛ يا کين اها بہ خبر نہ هجي تہ 'آڇو' صفت مان اسم ذات ٺاهڻ لاءِ اُن جي پويان 'اڻ' پڇاڙي ملائبي، 'آڇاڻ' اسم ٺاهيو آهي؛ اهڙيءَ طرح 'ڪارو' صفت مان 'ڪاراڻ' اسم ذات ٺهندو آهي، ۽ ساڳئي وقت 'ڪارو' لفظ مان 'ڪارات' يا 'ڪارن' اسم ذات بہ ٺهندا آهن، پر 'پيلو' صفت مان 'پيلاڻ' اسم ذات ڪونہ ٺهندو آهي. اهڙيءَ طرح وياڪرڻ جا ٻيا ڪئين مثال پيش ڪري سگهجن ٿا.

'ٻوليءَ ۾ بگاڙ' جي حوالي سان، سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ، حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ۾، سيمينارن جو بندوبست ڪيو هو، جنهن ۾ ماهرن مقالا پڙهيا ۽ بحث مباحثي ۾ حصو بہ ورتو، ۽ ان سلسلي ۾ ڪي سفارشون پڻ ڪيون؛ ۽ اهڙا ٻيا سيمينار سکر ۽ ڪراچيءَ ۾ پڻ ڪوناڻا آهن.

ٻوليءَ ۾ بگاڙ جي سلسلي ۾، جڳ مشهور مفڪر علامہ آءِ- آءِ قاضيءَ پنهنجي هڪ مقالي ۾ اها شڪايت ڪئي تہ اخبارون سنڌي ٻوليءَ کي بگاڙي رهيون آهن. علامہ صاحب جن لکن ٿا:

"سنڌي اخبارون، سنڌي ٻوليءَ جي ڪن بنيادي قاعدن کي نظرانداز ڪري رهيون آهن، ۽ اردوءَ جو نقل ڪري رهيون آهن: مثلاً: اڄڪلهہ سنڌي اخبارن ۾ لکيو ويندو آهي تہ، 'آءُ ڪنڊيارو مان پيو اچان'، يا 'آءُ مورو مان پيو اچان'. شهر جو نالو 'ڪنڊيارو' يا

’مورو‘ ٺي سهي، پر هنن جملن ۾ انهن کي ’ڪنڌياري‘ يا ’موري‘ مان پيو اچان، چئي استعمال ڪرڻو آهي.“
علامہ صاحب اهو بہ فرمايو هو تہ:

”سنڌي، بنيادي طور هڪ لَئي واري ۽ سُريلي زبان آهي. انهيءَ جو پنهنجو گرامر آهي ۽ پنهنجو مزاج. اسان کي انهن جي حرمت ڪرڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ زبان جي شڪل بگڙجي ويندي. سنڌيءَ ۾ ’جوٽيجي‘ کي ’جوٽيجہ‘ لکڻ، ’پُٺي‘ کي ’پٺہ‘ لکڻ ۽ ’ذريعي‘ کي ’ذريعہ‘ لکڻ بہ غلط آهي.“

سنڌي ٻوليءَ جي بگاڙڻ ۾ نہ صرف اردُو ٻوليءَ جو نقل ڪندڙ ذميوار آهن، پر سرائڪي ڳالهائيندڙن جي پنهنجي سرائڪي لهجي ۽ سرائڪيءَ جي اثر بہ. سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۽ صرف و نحو جي اصولن ۽ قانونن ۾ بگاڙ آندو آهي، مثال طور: اردُوءَ جي اثر ڪري اسان جا اڪثر ٻار، ڪي جملا هن طرح اُچاريندا آهن:

| معياري جملو | بگاڙيل ٻوليءَ وارو جملو |
| --- | --- |
| ١- اڄ موسمَ سٺي آهي. | اڄ موسمُ سٺو آهي. |
| ٢- مون کي ڪتابَ کپن. | مون کي ڪتابون کپن. |
| ٣- مون سان ڳڌ هل. | مون ڪان ڳڌ هل. |
| ۴- توهان سان ڪمَ اٿم. | توهان ڪان ڪم اٿم. |
| ۵- منهنجي دل خوش ڪيائين. | منهنجو دل خوش ڪيائين. |
| ٦- ڏاڍو سٺو نظم پڙهيائين. | ڏاڍي سٺي نظمَ پڙهيائين. |
| ٧- توهان ڪان ڪتابَ ورتم. | توهان سان ڪتابون ورتم. |
| ٨- مون غزل پڙهيو. | مون غزل پڙهي. |

اهڙيءَ طرح سرائڪيءَ جي اثر هيٺ سنڌ ۾ رهندڙ، سرائڪي ڳالهائيندڙَ، ڪي سنڌي جملا هيٺ موجب ڳالهائيندا آهن:

لهجو ۽ محاورو ڪم پئي آندو آهي، ۽ معياري لهجي جي ڪم آڻڻ جي ڪابہ پرواهہ ڪانہ ڪئي آهي. انهن ڪارڪنن، پنهنجي پنهنجي لهجي ۾ خبرون، ڪالم، خط، ايڊيٽوريئل ۽ مضمون پئي لکيا آهن، جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي کي ڪم آڻڻ جو رواج گهٽجي رهيو آهي. هن سلسلي ۾ سنڌ جو بزرگ صحافي ۽ علم ادب جي ميدان جو هڪ مشهور شهسوار، علي احمد بروهي صاحب، پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو تہ:

"وقت جي ڀيڙ ۽ ڀڄ ڀڄان ۾، اسان جا نوجوان صحافي خبرن جو پورائو ڪرڻ لاءِ زور رکن ٿا اڙدو اخبارن جي انڌا ڌنڌ ترجمن تي. نج ۽ ٺيٺ سنڌي لفظ وڃي ڪڏ ۾ پيا، پر عام فهم اکرن جي بہ ڄاڻ نہ هئڻ ڪري، هو ڌار ڌار اڙدو اکر استعمال ڪندا رهن ٿا. اهوئي سبب آهي جو اوهان کي سنڌي اخبارن اندر معطل، مثبت، تسلط، مزاحمت، منتشر، محصورين، متاثرين ۽ مداخلت جهڙا ڦوڙان اکر، عام جام سنڌيءَ جي سيني تي مڱ ڏريندي نظر ايندا.

هن همراهن وري پنهنجا هٿرادو ۽ جڙتو اکر گهڙڻ تي بہ سندرو ٻڌو آهي، جي لفظ نہ لغت ۾ آهن ۽ نہ ئي وري رواج ۾. هن ڏس ۾ جو تازو لفظ اخبارن ۾ استعمال ٿي رهيو آهي، سو آهي 'سٽيل' ؛ پوءِ کي ٻوڏ جا 'سٽيل' آهن تہ ڪي وري 'برسات جا سٽيل' . سٽيل نهايت ڳورو ۽ ڳردار لفظ آهي، جو مارشل لا دور ۾ ايجاد ٿيڻ گهربو هو، جڏهن مسڪين ماڻهن جي پٺين تي ڦٽڪا (ڪوڙا) اگهڙين جيان وسائي، سندن چمڙي، اُڌيڙي ٿي ويئي. عام فهم اکر 'ستايل' آهي، جو صدين کان رواج ۾ آهي." بروهي صاحب اڳتي لکي ٿو تہ:

"ٻوليءَ جي هاڻوڪي بگاڙ ۾ جنس جو غلط استعمال سرفهرست آهي، خاص طور جڏهن جملي ۾ ڌارين ٻولين جا اکر ڪتب آندا ٿا وڃن، مثال طور: 'آپريشن' انگريزي اکر آهي، جنهن جي معنيٰ ڊاڪٽري 'وڍَ ڪُٽَ' ، جراحي يا ڪاروائي آهي. جنس جي لحاظ کان هيءُ لفظ مؤنث طور ڪتب ايندو آهي، پر اڄ ڪلهہ هن لفظ کي جنس مذڪر طور استعمال ڪيو ٿو وڃي، جيئن: آپريشن ٿيندو' يا ڪيو

وبندو: ’آپريشن هميشه ٿيندي‘ آهي يا ’ڪئي ويندي آهي‘ . اهڙيءَ طرح ٻيا هڙئي انگريزي اکر، جن جي پٺ ۾ ’شن‘ لاڳو ٿيل آهي، سي سيئي جنس مؤنث ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن، جيئن: ٽرانسليشن، ڊڪٽيشن، ڪوآپريشن ۽ سيپريشن وغيره. اهي اصول سچاڻ اُستادن اڳئي طئي ڪري ڇڏيا آهن."

دنيا جون سڀ ٻوليون، وقت جي سياسي، سماجي، اقتصادي، علمي ۽ ادبي تبديلين سان، تبديل ٿينديون رهيون آهن. اُنهن ۾ حالتن پٽاندڙ نوان نوان لفظ شامل ٿيندا رهيا آهن. ٻولين جا ماهر نوان نوان لفظ گهڙيندا رهيا آهن، ۽ ڪي پراڻا لفظ عام وهنوار ۽ گفتگوءَ مان گم ٿيندا رهيا آهن. اهڙن لفظن جو عام واهپو جڏهن ختم ٿي ويندو آهي، تہ اهڙن لفظن کي ٻولين جا ماهر ’متروڪ لفظ‘ سڏيندا آهن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ انهيءَ قسم جا متروڪ لفظ بيشمار آهن، جيڪي هاڻ عام طور ۽ روزاني وهنوار ۽ گفتگوءَ ۾ ڪم نٿا آڻجن. سنڌي ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي صنفن، خاص ڪري شاعريءَ ۾، پير صدرالدين جي گنانن، قاضي قادن، شاهہ ڪريم، مٺين شاهہ عنات، شاهہ لطف الله قادريءَ، شاهہ لطيف، خواجہ محمد زمان لنواريءَ واري، مخدوم ابوالحسن ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي ڪلام ۾ ڪم آندل لفظن مان ڪيترائي لفظ هاڻ، عام وهنوار ۾ متروڪ ٿي چڪا آهن؛ جيئن: سيٺانِ= اُنهن جا سيڻ؛ ڪيٺانِ= اُنهن کي؛ مونٺان= مون کان؛ گهروءِ= تنهنجو گهر؛ تٺان= تنهن کان؛ آڳانجهو= زياده؛ ڇُٽڪن= هُرن؛ جمِ= مستان؛ جڪَس= شايد؛ جوراٽو= عذاب؛ ڪوهہ= ڇا؟؛ ٻهون= گهڻو؛ ڇاڪَ= طاقت؛ پُرڪٽا= لڦون؛ ڦڻ= پيرن جا پب؛ ڏُٺي= چوُندي؛ ٻِرَهي= اروتي؛ اُٻڙي= سمجهي؛ ٻَيَر= زالَ، جوءِ؛ ٿهَرَ= آرام؛ داڦ= گول مول؛ تپ= تہ ٻہ؛ ڪيڻ= ڪيڏانهن.
آنهن لفظن جي بدران هاڻ نوان لفظ ڪم آڻبا آهن.

دادي گنگارام سمراڻ جي ڪاوشن کان ڪير واقف نہ آهي. سنڌ جي قديم تاريخ، ڀارت ورش واري زماني ۾ سنڌو سڀيتا جي تاريخ ۽ سنڌي ڀاشا ڪوش جي موضوع تي سندس ڪوششون تعريف

جي لائق آهن.

دادي گنگارام سمراٽ جي هيءَ ڪوشش يعني 'اسان کي متان وساريو'، اسان جهڙن سڪندڙن لاءِ وڏي حيثيت ٿي رکي. 'اسان کي متان وساريو'، واري عنوان کي سامهون رکي، سنڌ جي هن بزرگ وِدوان، سنڌي ٻوليءَ جي انهن لفظن جو هڪ 'ڪوش' ترتيب ڏنو آهي، جن مان ڪي لفظ ته هاڻ بلڪل متروڪ ٿي چڪا آهن. دادي البت اهڙا لفظ به هن ڪوش ۾ ڏنا آهن، جيڪي سماجي وهنوار ۾، اجا ڪم ايندا رهندا آهن. اهڙن لفظن جي باري ۾ دادو گنگارام سمراٽ لکي ٿو ته:

"مون ڪي اهڙا لفظ به ڏنا آهن، جيڪي عام/ چالو آهن، پر چاڪاڻ ته انهن جو ٻين ٻولين ۾ وهنوار هئڻ ڪري اهو سمجهڻ لازمي آهي ته اهي مدد ڪندا. اٿين ته اهڙا بيشمار لفظ آهن، مگر اهي هن ڪتاب جي دائري کان ٻاهر هئڻ ڪري، ڪونه ڏنا اٿم."

پنهنجي هن 'ڪوش' جي باري ۾ دادو گنگارام سمراٽ لکي ٿو ته:

"هي سڀ لفظ مون هٿ ڪونه ڪيا آهن، پر مون خود گڏ ڪيا آهن، جيتوڻيڪ تاريخِ سنڌ سان منهنجي اوائلي رُغبت رهي آهي. ان ڪري جيڪي به ڪتاب، ريسرچ جرنل ۽ رسالا پڙهندو هوس، جن جو اندازو ڏهه هزار ڪن آهي، تن ۾ ڪوبه لفظ سنڌيءَ سان نهڪندڙ هوندو هو ته جدا جدا ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪندو ويندو هوس، ۽ ان طرح تاريخِ سنڌ جي نسبت ڪي ڳالهيون هونديون هيون ته اهي به فقط reference طور، نوٽ ڪندو ويندو هوس.

ٻه سال اڳ 'پراچين سنڌ' (قديم سنڌ) لکڻ جو شوق جاڳيو، ۽ ٻه هزار ڪن صفحا لکيم به، ۽ اُن کان اڳ هي لفظ، ماڻهن جا سنڌي نالا ۽ سنڌي شهر، تن جا تواريخي بيان لکڻ لڳس، پر پوءِ هتي جي بيدردي ڏسي، فقط هي لفظ لکي، 'قديم سنڌ' کي قيدين طور بند ڪري ڇڏيم.

مون کي ڪڏهن ڪڏهن ڪي لفظ، ڊڪشنريون (لغتون) نظر

مان ڪيندي بہ هٽ لڳا. اهڙيون لغتون دنيا جي مختلف ٻولين جون ڪي ۴۸ کن هيون، اُنهن مان بہ نوٽ ورتا هئم. هڪ دفعي قديم ايجپشن ٻوليءَ جي لغت مان مون هڪ سنڌي لفظ، ’سر‘ (متو) هٿ ڪيو، مگر اهي ڪتاب پوءِ وڪڻي ڇڏيم. اُن ڪري انهن ڪتابن جي موجود نہ هئڻ ڪري، ڪيترائي قيمتي لفظ ڏيئي نہ سگهيو آهيان.“

دادي گنگارام سمراڻ جو هونئن تہ وڏو نالو آهي، پر سندس هيءُ ’ڪوش‘ سندس نالي کي اڃا بہ اُوچو ڪندو.

آءٌ پنهنجيءَ ذاتي حيثيت ۾، ۽ سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ جي هڪ ادنيٰ ڪارڪن جي حيثت ۾، دادي گنگارام سمراڻ کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. مون کي وڏي اُميد آهي تہ سنڌ جا ماڻهو ۽ سنڌي ٻوليءَ جا گهڻگهرا، سنڌ ۾ توڙي ٻارت ۾، هن جهوني جوڳيءَ جي هن ’لغات‘ کي قدر ۽ احترام جي نگاهن سان ڏسندا. هيءُ ’ڪوش‘ ۽ هن ڪوش ۾ گڏ ڪيل لغوي خزانو، سنڌي لغات تي تحقيق ڪندڙن لاءِ، رهبر طور ڪم ڏيندو.

حيدرآباد- سنڌ
۱- جنوري، ۱۹۹۹ع

سنڌي ٻوليءَ جو فدائي
**ڊاڪٽر غلام علي الانا**
چيئرمئن
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# ڪجهه منهنجي طرفان!

اِتهاسُ (تواريخ) هڪ ڳوڙهو سنجيدگيءَ وارو "مجموعي" علم آهي، جو اڪيلو ناهي. هن هڪ سان وابسته گهڻا ٻيا علم به شامل آهن. جهڙوڪ: جاگرافي، آرڪيالاجي، انٿراپالاجي، ايٿنولاجي، جيئالاجي، فائلالاجي (علم اللسان)، نيومسمٽڪ (سِڪا)، لوڪ اِدب، جنهن جون به ٽي شاخون آهن ــ پاليٽوگرافي، آرڪيٽيڪچر، آرٽ وغيره وغيره. اهي ڪي علم- تواريخ جون شاخون ناهن،پر پرپاٽي ڪندڙ (Compliments) آهن. انهن کانسواءِ علم- تواريخ لنگڙو آهي ۽ تواريخ کانسواءِ خود اهي غير ضروري آهن، باوجود ان جي ته اهي مڙئي نجي علم آهن، جن جي چڱي ڄاڻ هئڻ نهايت ضروريءِ لازمي آهي، اگر سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان تواريخ لکڻي آهي ته. نه ته تواريخ جا ته هزارين ڪتاب ڇپيل آهن، تن مان ڪو ورلو ۽ بلڪل ورلو معتبر (سَند) قبول ڪري سگهبو، نه ته مڙئي ڪتاب آهن. ان ڪري اگر ڪير ڪابه تواريخ (تاريخ) لکڻ جي ڀاڻ تي "عنايت" ڪري ته ڪيس انهن ۽ ٻين علمن جو علم (ٿورو خواه گهڻو)هئڻ لازمي آهي.

اگر آرڪيئالاجي (Archaeology) جو علم نه هجي ها ته "موهن جي دڙي" جي کوٽائي ۽ شناس به ڪانه ٿي سگهي ها. ڇاهي ته ان جي ٻي ڪابه تواريخي ڄاڻ ميسر ڪانهي، ان ڪري باقي جيڪي به ان جي باري ۾ لکيو ويو يا وڃي ٿو، سو سڀ لڳ ڀڳ ڏُڪا آهن. اندازا آهن، اٽڪلون لڳائڻ آهن يا ته غلط فهميون خواه غلط بيانيون آهن، جنهن ڪري ئي اهو غلط ڏکو هنيو ويو ته موهن جي دڙي جي تباهي آرين ٻاهران اچي ڪئي، جن جو ٻاهر ڪٿي وجود هو ئي ڪونه. پر جي

"جيئالاجي" جو علم نہ مدد ڪري ها، جنهن اهو ثابت ڪيو تہ اها بربادي سنڌو نديءَ جي چاڙهہ، ٻي رخيءَ ۾ اٿل پٿل ڪري ٿي، جنهن جا آثار سيوهڻ ۾ جهرڪن وٽ ملي چڪا آهن. تہ اهو ڏکو، اها غلط بياني صدين تائين گمراهہ ڪندي رهي ها. ۽ وري‌ان ئي "رڻ پٽ" ۾ جي انٿراپولاجيءَ واهر نہ ڪري ها تہ "موهن جي دڙي" مان مليل هڏائن پڃرن جون کوپڙيون ۽ اڄ جي سنڌين جي کوپڙين جي ماپ (Cephalic Index) اڄ بہ ساڳي (هڪجهڙي) آهي، تہ اهو غوطو بہ کائيندا رهون ها تہ "موهن جي دڙي" جا لوڪ دراوڙ هئا (جن جو دنيا ۾ ڪو وجود هو ڪونہ، آهي ڪونہ) ۽ انهن کي آرين هتان ڀڄائي ڇڏيو ۽ وري جي پاليئوگرافي جي علم نہ هجي ها، تہ موهن جي دڙي مان مليل لکيتون (مهرون وغيره) فقط سنڌ تائين محدود هجن ها، پر Art of Writing اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ "ايسٽر آئلنڊ" (چلي- ڏکڻ آميريڪا) مان مليل ڪتبن (لکيتن) جي لکاوت ۽ "موهن جي‌دڙي" جي لکاوت ساڳي آهي!

— ۽ انهن مڙني علمن هاڻ خاطريءَ سان ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ "موهن جي دڙي" جي تهذيب‌۽تمدن خالص سنڌي نہ، پر هڪ "عالمگير" تمدن آهي. (مون هي سڀ پنهنجي انگريزي ڪتاب ۾ قديم تصويرن/فوٽن سوڌو تفصيل سان ڏيکاريو آهي).

ان ڪري فقط ڪجهہ ڪتاب، ناول وغيره کي هرويرو تاريخي ڪتاب تسليم ڪري،ڪا تواريخ تيار ڪرڻ فقط "عالي جناب علم" جو مظاهرو ڪرڻ برابر آهي، جنهن کي نہ فقط هڪ دفعي سان ئي طلاق ڏيڻ گهرجي. نہ تہ "تواريخ" (اِتهاس) جا ڪتاب تہ بيشمار آهن، مگر انهن مان ڪنهن کي خود تواريخ چئجي،اها شناس تڏهن ايندي جڏهن تواريخ سان وابستا علمن جو خزانو بہ هوندو.

اڄ عام ماڻهو (پڙهندڙ) تواريخ کان مُنهن موڙي ڇو ويٺا آهن؟ ڇاڪاڻ ته خود انهن تاريخن پاڻ کي بي نياز بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن ڪري ويچارا سوين ڪتاب پڙهي پڙهي تنگ اچي چڪا آهن،جو صحيح معنيٰ ۾ ڪو تاريخي ڪتاب ظهور ۾ اچڻ تي ڪين ان کان به بدگمان ڪيو ٿو وڃي. ڇو؟ اگر ڪا تاريخ ٧٥ سيڪڙو به صحيح آهي ته اها معتبر آهي،باقي ٨٠ سيڪڙو بڪواس، ته پوءِ پڙهندڙ اهڙو اجايو خرچ ڇو ڪن، تنهن کان ته ڪو سٺو ناول خريد ڪري ڇو نه پڙهن. صفا سچ اهو به آهي ته علم تواريخ کي ڄاڻي ٻجهي بيرحميءَ سان زخمي ڪيو پيو وڃي.

هيءُ ڪتاب ٻوليءَ جيعلم(علم اللسان) سان واسطو رکندڙ آهي، جنهن کي مان تاريخ سان جڙيل ٿو سمجهان،ڇجنهن ۾ مون اهي لفظ ڏنا آهن،جيڪي سنڌيءَ ۾ فقط اڌ صدي اڳ به مروج هئا. مگر اڄ ڄڻ ته جلاوطن ٿي چڪا آهن يا ڪيا پيا وڃن. ڪجهه اهڙا آهن،جن جي نئين ءِ بلڪل نئين ڄاڻ آهي، پر اڪثر اهي آهن،جن لفظن جو سنڌيءَ کانسواءِ پارت- پاڪ ۾ وسندڙ قديم قبيلن ءِ دنيا جي قديم قومن ۾ به چلن هو يا آهي، يا ته ڪي خواه مخواه آهن،مگر دلچسپ ضرور آهن. اڪثر لفظ پڙهندي ڄڻ ته جاسوسي ناول جو لطف ماڻيو،ڇاڪاڻ ته اهي نئين تواريخي خواه ٻئي طرح جي ڄاڻ ڏيندڙ آهن ءِ علم ۾ اضافو ڪندڙ آهن.

مان سنڌي ٻوليءَ جو يا علم اللسان جو ماهر آهيان، يا ٻيو ڪو پاڻ کي ائين سمجهي ٿو ته ڪيس ان دعويٰ تان دستبردار ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اهڙو معتبر (سَنَدي) ماهر بڻجڻ خُود غير معتبري آهي. ٻوليءُ خواه تاريخ جو هر علم هڪ اٿاهه سمنڊ آهي،جنهن ۾ غوطا کائي/ لڳائي به اگر ڪير واپس موٽي اچي ڪناري تي پهتو هجي ته ڪيس هينئر اصل هن وقت هَنِيمُونَ (Honeymoon) ملهائڻ هليو وڃڻ

گهرجي. ان ڪري دعويداريءَ واري مريض کي اهو دوا دارون ئي درست ڪري سگهي ٿو. جيڪو تواريخ جي غيب ۾ غرق آهي. هتي هڪ سچو واقعو پيش ڪريان ٿو:

اڌ صديءَ کان اڳ جي ڳالهه آهي، مرحوم مولانا محمد حسين آزاد فارسيءَ جو استاد هو. سڄي زندگي ڪاليج جي شاگردن کي فارسي زبان پڙهائيندو رهيو. ڪيس فارسيءَ جو فاضل هئڻ جي وڏي دعويٰ هئي، سو ڀاڻ ان فخر جي جذبات سان ويو ايران ته جيئن اتي جي عالمن تي پنهنجي قابليت جي ڌاڪ ڄمائي. شيراز ۾ هڪ دوست وٽ وڃي ٽڪيو.

صبح جي وقت جڏهن گهر جي دالان ۾ ڪاڏو تيار ٿي رهيو هو ته مولانا ڏٺو ته چُلهه تي رکيل ديڳڙيءَ جي هيٺان ٽڻ (باهه) وڌيڪ آهي ۽ ڊڪٽي ٻاڦ جي سبب هيٺ مٿي ٿي رهي آهي. مولانا ان حالت کي ڏسي رهيو هو ۽ سوچي رهيو هو ته ديڳڙيءَ مان ٻاڦ نڪرڻ جو فارسي ترجمو ڇا ٿيڻ گهرجي، جو گهر جي مالڪيائيءَ کي اطلاع ڏئي. فارسيءَ جو فاضل ۽ هيءُ خسيس جملو سندس ماهريت کي ضربي،ايجا اهو سوچي ئي رهيو هو ته ايتري ۾ ميزبان جي ننڍي ڇوڪري جنهن جي عمر ٨–١٠ ورهيه هئي، سا ڪمري کان ٻاهر نڪري ورانڊي ۾ آئي ۽ ان ديڳڙيءَ کي اُپامندو ڏسي فوراً پنهنجي ماءُ کي بنا تڪليف- هڪ جي آواز ڏنو: " ديگچي سرڪرده."

ان ٻار جا اهي لفظ ٻڌي،مولانا صاحب تعجب ۾ پئجي ويو. ٻئي ڏينهن تي اهو خيال دل ۾ ڪري هندوستان لاءِ روانو ٿيو ته 'ڪنهن غير زبان تي پوريءَ طرح قادر ٿيڻ نه صرف انتهائي مشڪل آهي،بلڪ ممڪن به ناهي.

مولانا صاحب اها شڪست ڇو کاڌي، جڏهن ته فارسيءَ جو

مشهور ماهر هو؟ ڇاڪاڻ تہ لفظن جي بہ پنهنجي زندگي ٿيندي آهي. اهي بہ ڄمندا، وڏا ٿيندا، وڌندا، ويجهندا، جوان ٿيندا، پيدا ٿيندا، نيٺ رحلت فرمائيندا آهن، سو فارسي جي ان 'سرڪرده' لفظ جي معنيٰ فقط اڳواڻ، آفيسر، يا مکيہ ماڻهو آهي. اگر ان کي "سرڪردن" ڪجي تہ معنيٰ ٿيندي شروع ڪرڻ ۽ جي چئجي تہ ديگڙي اُيامڻ شروع ڪيو تہ چئي سگهجي ٿو، مگر هتي تہ ڳالهہ ائين بہ صاف ڪانهي. اگر سرڪشي معنيٰ بغاوت چئجي تہ بہ ڪونہ نهڪندو، تہ پوءِ اهو ڇا آهي؟ بس، اهو ٿي تہ لفظن جو ڄمڻ ڪان پوءِ وڌڻ ۽ وڌوتيڻ آهي ۽ اهو حال فقط ڳوناٺي ۽ ڳهرو زندگيءَ ۾ ٿي ٿيندو آهي، جتي لفظ پنهنجي نئين ضرورت ۽ نئين معنيٰ سان نپجي وڏا ٿيندا آهن. ان ڪري اهو سرڪرده لفظ فارسيءَ ۾ هو تہ "اڳواڻ"، مگر گهرو زندگيءَ ۾ ڪنهن طرح اهو مطلب معنيٰ ۾ اچي ويو، جيڪا معنيٰ مولانا صاحب کي معلوم نہ هئي.

توهان ڏسندا تہ هن ڪتاب ۾ توهان کي اڪثر لفظ اهي ملندا، جيڪي گهرو زندگيءَ ۾ زنانا لفظ آهن، جن جو صحيح معنيٰ ۾ اشتقاق بہ ملي ڪونہ سگهندو ۽ ان "سرڪرده" جيان اهڙا ڪيترا دلچسپ لفظ اندر پڙهندا. انهن لفظن جي سمجهاڻين ۾ ڪن لفظن جا اُچار سنڌيءَ ۾ هڪڙا تہ ٻين ٻولين ۾ پيا آهن يا هڪ ملڪ ۾ هڪ معنيٰ تہ ٻئي ملڪ ۾ جُدا معنيٰ هلندي آهي. اهو سڀ سمجهائڻ لاءِ هت ان جو خلاصو پيش ڪريان ٿو.

<u>ابجد</u>: هي فِنيشين لفظ آهي جيڪو لِپيءَ (رسم الخط) سان واسطو رکي ٿو. فنيشين لِپيءَ جو طريقو/سلسلو قديم آهي، يعني ابجد، هوز، حطي، ڪلمن، سعفص، قرشط، اتان يورپ وارن نقل ڪيو D،C،B،A جي صورت ۾ يعني ابسد يا ابجد ۽ چو تہ C جو اچار س، ڪ، ج، گ، چ صورتون بہ اختيار ڪندو آهي، پر هتي ائين ڪونهي، جو انگريزيءَ ۾ ان کي يوناني بنياد سان الفا، بيٽا، گاما، ڊيلٽا برابر الفابيٽ چئبو آهي.

يعني هتي C ”گ“ آهي، جنهن کي ابگد چئي سگهجي ٿو. ان طرح اها الفابيٽ ابجد جي حساب سان هن طرح آهي. ابجد (D.C.B.A)، ڪلمن (N.M.L.K)، قرشط (T.S.R.Q) ۽ هووز (Z.W.O.H). ابجد جون ٽي صورتون آهن. س، ج، گ. اچو ته ان کي سمجهون:

عربي ابجد موجب اهو الف، ب، جيم، دال آهي،پر لکڻ ۾ اهو سلسلو آهي ئي ڪونه. الف. ب ڪانسواءِ ٻيو سڀ بدليل آهي ۽ اگر ا- ب- ث ڪجي ته به پويون د خواه ب غائب آهي، مگر يورپ ۾ اهو فنيشين ابجد نه ٽي ڪري، ابگد آهي يعني اهو D.G.B.A ٿيڻ گهرجي. عربن ۾ ج جو بدل گ آهي يا گ جو ج. ته به چالو اڪثر ڪري گ جو ج چ آهي. هن طرح پراڻا عرب وچين زماني ۾ گجرات کي جُزر چوندا/ لکندا هئا. گجرات جو بنياد گوُجر قوم آهي،ان ڪري گوُجر جو جُزر کندا هئا، ته چين کي سين يا صين چوندا هئا. يعني ته C جو س ۽ چ اُچار برابر چ جو - س. ظاهر آهي ته اصل ابگد هوندو، جنهن کي عربن ابجد بڻايو. يعني گ جو ج. هاڻ جي اڄ جي زماني ۾ ڪير به نئون (اُٺچاڻ) اهو لفظ جُزر پڙندو ته اول ته سمجهندو ئي ڪونه، پر جي سمجهندو ته به ان کي گجرات ڪڏهن به ڪونه سمجهندو.

بلڪل تازو مثال ڏيان ٿو. سعودي عرب جي تعليمي وزير مون وٽ قرآن جي انگريزي ڪاپي سوکڙي موڪلي ۽ ان سان گڏ خط به لکي موڪليو. توهان کي عجب لڳندو ته منهنجو نالو وٽن انگريزيءَ ۾ بلڪل G سان هو،مگر خط ۾ مون کي گنگارام جي بدران جنجارام ڪري مخاطب ڪيو ويو. يعني گ جو ج. ٢-٣ ڏهاڪا اڳ جڏهن سيني عرب ملڪن جو اسرائيل جي خلاف مورچو ٺهيو يعني "متحده عرب جمهوريت" ۽ ان جو هيڊ ڪوارٽر ڪئرو (ايجپٽ) ۾ هو ته سندن طرفان هڪ ماهوار رسالو نڪرندو هو، جيڪو مون وٽ ورهين تائين ايندو رهيو ته اهي وري انگريزيءَ ۾ ئي لکندا هئا، گنجارام يعني وچين

ڳ جو ڄ ڪري، جڏهن تہ مان اڄ بہ گنجو ڪونہ آهيان.

هاڻ ابجد جي ابسد کي ڏسون. هن ۾ C هڪ عجيب اکر آهي، جيڪو بہ صورتون هڪدم اختيار ڪندو آهي؛ س ۽ ڪ.اگر شوق ٿيس تہ ڄ بہ بڻجي پوندو. انگريزن ۾ اعرابن طور Vowels رواجي طرح ڇهہ آهن Y,U,O-I,E,A. هن جا بہ حصا ڪريو U,O,A ۽ Y,I,E. هاڻ C کانپوءِ جي U,O,A واول ايندو تہ ان C جو اُچار ڪِ (K) تي پوندو. هن طرح: Call (ڪال)، Congress (ڪانگريس) ۽ Custom (ڪسٽم). پر جي c کان پوءِ Y.I.E ايندا تہ سي جو اچار سين ٿيندو. هن طرح: Certain (سرٽن)، Circular (سرڪيولر) ۽ Cycle (سائيڪل). اهو لپين ۽ ٻولين جو موالي پڻ آهي. هن طرح: سنسڪرت ۾ "جماعت" لفظ لاءِ سَمِتي لفظ آهي. انگريزي ۾ اها سَمتي ڪيئن بہ لڪو.پر انگريزي ۾ ان کي ڪاميٽي Committee لکندا آهن. هتي ابسد جي حساب سان C جو"ڪ" نہ ڪري،اصلي"س"ڪريو تہ اهو ڪاميٽي لفظ خود بدلجي سَمتي بڻجي پوندو. مون چيو آهي تہ C کي شوق ٿئي تہ چ بہ بڻجي پوندو آهي، هن طرح: سنسڪرت ۾ "اخلاق" لفظ لاءِ "چرِتر" لفظ آهي. انگريزي ۾ هن طرح لکبو آهي "Character" هاڻ هتي هن "C" کي "ڪ" جڏي"چ"چئو تہ اهو بہ چرتر بڻجي پوندو. هاڻ جي توهين چئو تہ سنسڪرت جو لفظ انگريزيءَ ۾ عمل ۾ ڪيئن آيو؛ تہ ان جو جواب تہ علم اللسان ڏيئي سگهي ٿو. جهڙيءَ طرح عربيءَ جوجُزر. ٺيڪ ان طرح سنسڪرت ۾ اُٺ لاءِ ڪريميل يا ڪريميلڪ لفظ آهي. اهو يورپي ٻولين ۾ تہ Camel سان ملندڙ آهي، مگر عربيءَ ۾ اهو ٿي جمل آهي يعني C (س) جو ج. پر اهو ٿي فنيشين ۽ هيبرو (عبراني) ۾ C جو G بڻجي "گامل" تہ فرينچ ۾ ان ٿي، C جو"چ" بڻجي "چاميل" ٿي ويو آهي.

هي سڀ الفابيٽ جون اڻپورايون، نامڪمل هئڻ جون ڪمزوريون خواه قومن جو مڪاني هواءِپاڻيءَجي ڪري اُچار جو بدلجڻ يا صحيح اُچار ڪرڻ جي ڪمزوري آهن، نه ته عربن گوُجر کي "جُزر" ڇو چيو "جُڪَر" ڇو نه چيو؟

ان بگاڙ لاءِ ڪوبه نيم - قاعدو ڪونهي... نه ته فقط ۳-۴ صديون اڳ به انگريزي اهڙي طرح غلط اُچار (Spelling) ۾ لکي ويندي هئي،جو اڄ ڪاليج جو شاگرد به پڙهي ڪونه سگهندو، نه ئي ڪيس ڪا ڊڪشنري (لغت) مدد ڪندي. ڇو؟ فقط الفابيٽ جو ناقص هئڻ يعني سڀ جون سڀ رسم الخط ايترو ناقص آهن (۽ اڄ تائين به) جو جيڪر پريس هجي ها، ته هڪ صديءَ ۾ ان ئي ٻولي جا چار نمونا اُڀري اچن ها.

هي ڏسو، سنڌيءَ ۾ "شاهه" چالو لفظ آهي، پر ش جو اُچار اڪثر "س"ٿيندو آهي ته شاهه جو لکبو ساهه. "شان" عزت لاءِ لفظ آهي،اگر ان کي به "ش" جو"س" ڪري چئبو ته اهو ٿيندو "سان" يعني مينهن جو مذڪر-ته جڏهن اکرن جون ان طرح صورتون بدلبيون رهنديون ته ان رفتار سان صدين ڪانپوءِ ته ان اصلي لفظ جو ته وجود ئي خطري ۾ اچي ويندو يا غائب ٿي ويندو آهي ۽ ان ئي ڪري نيون ٻوليون جڙيون آهن. نه ته بائيبل جي هيءَ آيت صحيح ڪيئن ثابت ٿيندي ته "انسان ذات (People) فقط هڪ آهي ۽ انهن مڙني جي ٻولي به هڪ ۽ هنڌ به هڪ آهي." ۽ وري (پيدائش: ۱۱-۱) ۾ وڌيڪ خلاصو ڪندي چيل آهي:

"And the whole earth was gone language and gone speech."

ظاهر آهي ته خالق فقط "انسان" خلقيا ۽ انهن کي هڪ ئي بي خطا زبان (ٻولي) به ڏني، مگر زماني بي خطا،ان بي خطا جي"بي"کي ئي برباد ڪري ڇڏيو ۽ اڄ ته ٻولين جو ڳاڻاٽو ئي ڪونهي ۽ اهو سڀ

مختلف آب هوا ۾ انساني لهجي ۽ رسم الخط جي ناقص هئڻ جي سبب ٿيو آهي ۽ ايتري قدر جو هندو انگن ۾ "ارب" ١٠ (١٠٠) ڪروڙ آهي، مگر اسين اهو نہ ڄاڻندي ائا بہ ارب نہ پر "عرب" لکندا آهيون. ڪن حالتن ۾ تہ خود اسان جا پنهنجا نج سنڌي لفظ بہ پرايا پيا لڳن يا الائي ڇا.

عربيءَ جي اوائلي رسم الخط (لپي) ڪوفي آهي، جنهن ۾ نہ نقطا ٿين،نہ زيرون زبرون،نہ ئي Vowels، اصل هندن جي واڻڪن اکرن کان بہ غير مڪمل. باوجود ان جي قديم لوڪ اهي لکندا پڙهندا هئا ۽ اڄ اسين بہ سمجهي سگهيا آهيون. ڏسو هي لفظ آهي ڪوفي لِپيءَ ۾ 'JNDRT' پر اُچار اٿس ڄاندرت. ڪير سمجهندو ان کي زبر آهي. سنڌ جو قديم بادشاهہ "جنڊرٽ" جيڪو مهاڀارت جي زماني ۾ سنڌ ۽ سؤوير جو گڏيل بادشاهہ هو.ءِ هي آهي چيني لپيءَ ۾ لکيل ۽ اُچارجندڙ لفظ "Kiao-ta-mo". مٿي لکيو اٿم تہ ڪ،گ،ج،ڄ هڪبئي سان مٽجندڙ آهن تہ هتي فقط K کي G ڪريو تہ ٿيندو "گوتم"

هاڻ هن طرح ڪير ڄاڻي- ٻجهي تہ غلطي ڪونہ ٿو ڪري، پر ملڪي- مڪاني لهجو. ٻولين جو ٻنيو ئي ٻئي پاسي ڪيو ڇڏي. هتي ئي ڏسو نہ ٻنيو معنيٰ گهر جي در جو چائنٽ وٽ وارو پاسو. سو ڀلا "ٻئي پاسي" ڪيئن ٿيندو؟ پر نہ، آهي، ائين چئبو آهي ۽ هرڪو سمجهي بہ ويندو آهي تہ ٻنيو ٻئي پاسي ٿيڻ ڇا آهي؟ جيئن اسين "جندرت" جو "جنڊرٽ" سمجهي سگهون ٿا.

ان ڪري ٻولين جي سمجهڻ ۽ ان تي قلم آرائي ڪرڻ لاءِ وڏي ۽ نهايت وڏي علميت جي ضرورت آهي. ٻولين جو وسيع مطالعو ۽ سچائي/ ايمانداري جي ضرورت آهي. باقي ائين ئي ٢-٣ ڪتاب ٻهاري، ٻوءِ ائين لکبو تہ فلاڻو هيئن ٿو چوي، فلاڻي هن طرح چيو آهي، فلاڻي عالم عقل

تي نُڪاءَ هن طرح ڪيو آهي ۽ مثان وري 'منطق' جي مار. ٻوليءَ جي مٿي پليت ٿو ڪري ته، اها ٻوليءَ جي نه سچائپ آهي،نه ئي اصليت. سڀ ڏڪا آهن، قياس آرائيون آهن ۽ علميت جو Rope آهي،جو ڪڏهن به Rope ۾ اچڻ جو ناهي.

مون ڪي اهڙا لفظ به ڏنا آهن،جيڪي عام/ چالو آهن، پر چاڪاڻ ته انهن جو ٻين ٻولين ۾ وهنوار هئڻ ڪري اهو سمجهڻ لازمي آهي ۽ مدد ڪندو، لفظ جي اصليت لاءِ. اهڙين ته بيشمار اهڙا لفظ آهن، مگر اهي هن ڪتاب جي دائري کان ٻاهر هئڻ ڪري ڪونه ڏنا اٿم. ته به جيڪي به ڏنو اٿم، ٿي سگهي ٿو ته توهان کي مون کان وڌيڪ دلچسپ لڳي،خواه نه به وڻي، ان ڳالهه جي پڪ مون تي ناهي.

هي سڀ لفظ مون هٿ ڪونه ڪيا آهن، پر مون خود گڏ ڪيا آهن. جيتوڻيڪ "تاريخ سنڌ" سان منهنجي اوائلي رغبت رهي ئي ڪانهي، ان ڪري جيڪي به ڪتاب، ريسرچ جرنل، رسالا پڙهندو هوس،جن جو انداز ڏهه هزار کن آهي، تن ۾ ڪوبه لفظ سنڌي سان نهڪندڙ هوندو هو ته جُدا ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪندو ويندو هوس ۽ ان ئي طرح "تاريخ سنڌ" جي نسبت ڪي ڳالهيون هونديون هيون ته اهي به فقط Referenc طور نوٽ ڪندو ويندو هوس. ٻه سال اڳ "پراچين سنڌ" (قديم سنڌ) لکڻ جو شوق جاڳيو ۽ ٻه هزار کن صفحا لکيم به ۽ ان کان اڳ هي لفظ، ماٺهن جا سنڌي نالا ۽ سنڌي شهر، تن جا تواريخي بيان لکڻ لڳس. پر پوءِ هتي جي بيدردي ڏسي فقط هي لفظ لکي 'قديم سنڌ' کي "قديم" طور بند ڪري رکي ڇڏيم. سو ڪڏهن- ڪڏهن ڪي لفظ ڊڪشنريون (لغتون) نظر مان ڪيندي به هٿ لڳا. اهڙيون لغتون دنيا جي مختلف ٻولين جون ڪي ۴۸ کن هيون. انهن مان به نوٽ ورتا هئم. هڪ دفعي قديم ايجپشن ٻوليءَ جي لغت مان هڪ سنڌي

لفظ 'سر' (متو) ۽ 'ٻيڙي' هٿ ڪيا هئم ۽ Face Value سان. مگر اهي ٻه ڪتاب اڄ ڪان متي نه وڪٽي ڇڏيم، جن جا References اٿم، مگر اهي ڪتاب موجود نه هئڻ ڪري ڪيترا قيمتي لفظ سَندَن غير موجودگيءَ ۾ ڏيئي ڪونه سگهيو آهيان.

هڪ ڳالهه وري ٻه لکان ته مون گهڻا لفظ رنڌڻي جي ٻوليءَ جا (Kitchen -Words) ڏنا آهن يعني زنانا؛ ان ڪري جو ڪنهن به ملڪ جي خالص ٻوليءَ جون محافظ خاص ڪري عورتون ٿينديون آهن. مرد پنهنجي ٻوليءَ جا لفظ ايڪوال ۽ تينوال به ڪندا آهن، 'دووال' تائين به ڪونه ترسندا؛ مگر زالن وٽ ايڪوال، تينوال وغيره لفظ ٿيندا ئي ڪونهن، ان ڪري هو جيڪا ٻولي ماءُ جي هنج ۾ ٻڌنديون آهن، اها محفوظ رکنديون آهن. سندن اُچار، لهجو بدليل، بگڙيل هوندو ته به سالم هوندو آهي. ان ڪري ڪنهن به ٻوليءَ لغت تي ڪم ڪرڻ واري کي اها ڳالهه خاص ڌيان ۾ رکڻ گهرجي. مون هي زنانا لفظ هندو ۽ مسلمان زالن جي منهان ٻڌا آهن ۽ محفوظ رکيا آهن، جن تي ڪير به محنت ڪري انهن جو بنياد هٿ ڪري سگهي ٿو.

سنڌي لنگويج اٿارٽيءَ جي فرمائش موجب هي ٻوليءَ جو هڪ ٻڪ، اوهان جي جهوليءَ ۾ وجهان ٿو. جيئن اٺوندڙ چيز جهوليءَ مان سولائيءَ سان چنڊي ڦٽي ڪري سگهو، نه ته ڳنڍ ڏيئي ٻڌجو. مگر ياد رکو! اٿوَ قيمتي ۽ اڻجاتل خزانو. خرزين پريو يا ڪيسو، اهو اوهان تي ڇڏيل آهي. ها، مون کي ر ۽ ڙ ۾ تميز ڪرڻ ايندي ئي ڪانهي، ان ڪري اها ڳالهه ڏسو ته خود درست ڪري ڇڏجو.

توهان جو پنهنجو (اگر سمجهو ته)

گنگارام سمراٽ

سنجيور بوگها: ١٣-٧-١٩٩٤ع

# آ

**آرَهڙ**– گرمي، اونهارو، گرميءَ جي مند. هن جو بنياد تہ سنسڪرت ”آده“ آهي، پر پراڪرت ۾ ”آڍم“ (آڙم) معنيٰ ڇٽني طرفن ڪان ساڙڻ آهي، جيئن سخت گرمي جڻ ساڙيندي آهي تہ ان کي آرهڙ يا آرهڙ جي مند چئبو آهي.

**آهي**– آهي، وجود آهي، موجود آهي، هي آهي يا هو آهي وغيره. هن جو مؤل (بنياد) سنسڪرت است يا استي آهي. مرائي ٻوليءَ ۾ بہ ”آهي“ چئبو آهي. گجراتيءَ ۾ پراڻي چيني ليکڪ ”سڌ شوري“ پنهنجي ”منهاس بتريسي“ ڪوتا جو هر دوهو ”آهي“ لفظ سان پورو ڪيو آهي. جهڙو ڍال ڦاڪنيءَ جي دوهي ۾: ”آهي وسنت پاس صاحب آوئيو“ [18/89]. هنديءَ ۾ بہ ”آهي“ يعني ”هئہ“ جي پراڻي صورت ”اهئہ“ آهي.

**آڻ**– آڻ ميڃڻ، هار، شڪست، جهڪڻ، حڪم ميڃڻ وغيره. هي اصل سنسڪرت ”آنَت“ جو بگڙيل آهي. راجستاني ٻوليءَ ۾ ان جي معنيٰ ’قسم‘ آهي.

**آرام**– خوش ٿيڻ، آرام ڪرڻ، ننڊ ڪرڻ، راند ڪرڻ وغيره.هي مؤل سنسڪرت ”آ+رم“ مان آيو ۽ پالي ٻوليءَ ۾ ان ئي معنيٰ ۾ آيل آهي. هتان ئي هي لفظ فارسيءَ ۾ ساڳي معنيٰ ۾ ويل آهي.

**آسمان**– آڪاس، آڀ، خال، جنهن ۾ رات جو تارا جڙيل ڏسبا آهن [18/560] هن جو مؤل بہ سنسڪرت ’اشمان‘ آهي، جتان فارسيءَ ۾ آسمان ٿيو آهي.

**آباد**– هنڌ، شهر، رهڻ جي جاءِ،آباد ٿيڻ. هن جو بنياد سنسڪرت 'آواس' آهي، جتان فارسيءَ ۾ 'و' جو ب ۽ آباس مان آباد ٿي ويو آهي، جيئن نصيرآباد يا حيدرآباد وغيره.

**آقا**– وڏو، سردار، مالڪ، ڌڻي (Boss). هي اصل ترڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي.

**آدَمُ**– ڏاڏو آدم، پهريون. اوائلي انسان، آدي منشي، مول.هي سنسڪرت آدِم جي صورت آهي ۽ دنيا جي مذهبن موجب دنيا جو پهريون انسان آدم (۽ بيبي حوا) آهن. عربيءَ ۾ آدِم پر عيسائين ۾ آدَم آهي. اصطلاحي طور هن جي معنيٰ ماڻهو، لوڪ، خلق به آهي.

**آت**– آت اچڻ، آلتي اچڻ ڪان وات ڪولڻ،پر آلتي نه اچڻ، دل ڪچي ٿيڻ سان آلتي اچڻ لاءِ آت ڏيڻ. هن جو بنياد سنسڪرت آتنڪ معنيٰ ڀؤ/ رعب (روب) آهي.

**آلير**– سُور، سوڄ، ڦرڙي وڏي سڄي وڃڻ تي ان مان آليُر/سُور ٿيندو آهي. اگر ڦرڙي جلد نه ڦاٽي ته ان آلير مان تپ هئڻ جو به امڪان ٿيندو آهي.

**آيوَن**– جُوئر جو فصل پچڻ تي ان جا ڪچڙا سنگ،تن مان تازا داڻا ڪڍي اهي ڪچا يا رڌي ڪائبا آهن ۽ ڏاڍو ذائقيدار ٿيندا آهن. انهن کي ئي آيوَن چئبو آهي. سنڌ ۾ مسلمان هاري اهي داڻا اڪثر هندو سيٺن جي گهر ۾ ڏيندا/ موڪليندا هئا،جيڪي هندو رڌي کائيندا هئا ۽ مسلمان به. رڌڻ تي لڳلڳدار ۽ سوادي ٿيندا آهن.

**آرسي**– درسني، شيشو، آريسو، مُنهن ڏسڻ جو ذريعو: هن جو بنياد به سنسڪرت"آدرشڪا" آهي، جيڪو پراڪرت ۾."آئر سئا" تي آرسي بڻيو آهي.

**آجُهرڻُ- اوجِهَرڻُ**- ننڊ ۾ ڇتو ٿيڻ، ننڊ اچڻ،پر نہ سمجهڻ جي حالت. "اجايو پيو آجهرين." "اوجهريون ڪائينڻ،تنهن ڪان سمجهي پئہ نہ!"

**آديس**- پرڻام، نمسڪار، موڪلائي. وقت جو لفظ جيڪو اڪثر ساڌ/ سنت ڪم آڻيندا آهن،انهن ڪان ئي آديس (حڪم) ڇئي موڪلائبو هو. هنديءَ ۾ ان جو بنياد سنسڪرت 'آديش' چيو ويو آهي، پر آديش جي معني (حڪم- آگيا) آهي،جڏهن ڪِ آديس جوُ اهو مطلب ڪونهي. هيڏانهن پرتگالي (پورچوگيز) ٻوليءَ ۾ آديش لفظ آهي، جيڪو انگريزيءَ ۾ آڊيو Adiue پر عدد جمع ۾ آڊيوز (Adieus) آهي، ۽ معني اتس موڪلائڻ وقت جو لفظ يعني (Farewell). پورچوگيز پادرين ۾ ائين"آڊيو"چوڻ جو رواج هئڻ ڪري،هتي جي نقلي هندو سنت بہ ان جو نقل ڪري،ان کي آڊيوس جو آديس ڪري چڏيو ۽ اهو ئي درست ٿو لڳي ۽ ان سنتن جي آديس مان ئي سنتن جو هڪ فرقو آديسي جڙيو.

**آڳاٿو**- اڳيون، پراڻو،ٿورو اڳ، پهرين. هيءُ سنڌيءَ ۾ سنسڪرت "اگر" مان ڇئي سگهجي ٿو، پر بهار پرڳڻي جي سرڪيلا راڄ جي.لوڪ گيتن ۾ بہ آڳاٿي/ پاڇاٿي ٻئي لفظ ڪتب آيل آهن، جيئن سنڌيءَ ۾ بہ آڳاٿو/ پاڇاٿو چئبو آهي.

ان لوڪ گيت جي اصل سٽ هن طرح آهي:

"ڪينچئا اُبرا ماتي، آڳاٿي ديئچ
غئشن ڪاٿي، پاڇاٿي ديئچ ڇاڙي."

**آپُوسي يا آپوس** (هاڦرس)- انبن جو هڪ قسم. آلفنسو (Alfanso)،گوئا نزديڪ هتي انب جو قسم ٿيندو آهي، جتان آلفنسو ۾ آپوسن، آڦوس يا هاڦوسي انب مشهور ٿي ويو آهي.

**آڱوٺو**– هٿ جي پهرين ٿلهي آڱر يعني آڱوٺو. هن جو بنياد ته سنسڪرت ’انگشٺ‘ معنيٰ ’آڱر‘ آهي، مگر اصطلاحي طور ان جي معنيٰ نه مڃڻ، انڪار ڪرڻ، رلي وڃڻ، ڦري وڃڻ يعني آڱوٺو ڏيڻ آهي. فقط آڱوٺو ڪيي ڏيکارڻ جي اشاري جي معنيٰ به انڪار ڪرڻ آهي. اڄڪلهه مغربي فئشن ۾ ته آڱوٺو ڏيکارڻ معنيٰ برابر، اوڪي .O.K ٺي ويو آهي. حرامي حلالي ٻنهي ويو آهي. هندي اردو ۾ ’انگوٺا‘ آهي.

**آڪَڙِ**– ٽِڳَ، ٽيڳَرِ، مغروري، ضد، تکو ڳالهائڻ. هن جو بنياد سنسڪرت ’آڪِروش‘ آهي معنيٰ غصو. هن مان ئي ’آڪڙي‘ لفظ جڙيو آهي، جيڪو ڏنڌي ۾ دڪاندار ڪم آڻيندا هئا. ڏنڌي ۾ جڏهن مانائيءَ ڪان تيزي ايندي هئي،تڏهن چئبو هو ته ڏنڌي ۾ آڪڙي آهي، اگهه وڌي ويو آهي،تڏهن دڪاندار آڪڙ مان ڳالهائيندو هو.

**آرِٽِي**– ’آريه‘ جو مونث جيئن سيٺ جو سيٺاڻي تيئن آريه جو آرياڻي. شاهه عبداللطيف به ڪلام ۾ آرياڻي لفظ نيڪ معنيٰ ۾ ڪتب آندو آهي.

**آبُ**– پاڻي، اکين مان ڳوڙها معنيٰ اکين مان آب وهائڻ. هن جو بنياد سنسڪرت ’آپ‘ يا ’اپ‘ معنيٰ پاڻي آهي، جيڪو فارسيءَ ۾ پ جو ب ٿي آب معنيٰ پاڻي بڻيو آهي. هن مان ئي آبدار (تلوار تکي/ پاڻيءَ واري) ۽ آبڪار معنيٰ شراب (شر+آب) وڪڻڻ وارو بڻيا آهن.

**آچَرُ**– آرتوار جو ڏينهن. هن جو بنياد سنسڪرت ’آدتيه وار‘ آهي، جنهن مان آرتوار بڻيو. پراڪرت ۾ ”دتيه“ جو بگاڙ چ ٿيندو آهي،ان ڪري آدتيه وار مان آچوارٿي آچر بڻيو آهي. هن جو استعمال فقط سنڌي مسلمان ڪندا هئا. هندو زالون ته آرتوار کي آڏتر به چونديون هيون. ڪيئن به آچر ان طرح بگڙيل روپ آهي. [69/111]

**آڏ**– ڪاٺ جو هڪ ننڍو ٽڪر، جنهن تي مهاڻا مڇيون پلا ڪٽيندا هئا، ٻيءَ طرح آڏ معنيٰ اڳيان ڪچ ڍڪ، پردو ڏيڻ، اڳ ٽيڪ پر آڏي معنيٰ تيڏي يا ڏنگي.

**آڌَ يا آڌَڻُ**– پيٽ ۾ سور پوڻ تي ڪڙي تيل سان آڌڻ يا آڌ ڪرڻ، تيل مهٽ ڪرڻ. ان سان سور لهي ويندو هو. ڪنهن عضوي تي سوڄ ٿي پوڻ تي به تيل سان آڌ ڪبي هئي. ننڍي ٻار کي تنجڻ جي وقت سڄي بدن جي آڌ ڪبي هئي، جيئن سندس سرير لچڪيدار، چمڪدار ۽ سهٽو رهي. وائي سور ۾ به دوا سان آڌَ (مالش) ڪبي آهي.

ٻيا اکر: آءَ– آدر، آءَ– ياءُ= آدرياءُ، آنڌ– مانڌ، آنڌي– مانڌي، آب– مان، آب– تاب، آيو– ويو، آس– اميد، آمهون– سامهون، آئو– ٻئو، آڳو، پيچو، آقي– باقي، آر– پار.

# ا

**اَٽو-** ڪٽڪ وغيره اَن جو پيٺل- پيسيل اٽو، جيڪو جنڊ ۾ پيهبو آهي. پينهي سنهو ڪرڻ. جين آچاريہ هيمچندر اَٽ لفظ جو خلاصو ڪندي لکيو آهي:

۽ ان تي ٽيڪا (تشريح) ڪندي شري مهيندر شوري ٻڌائي ٿو تہ:

" ڪٽڪَ وغيره جو چُورڻ"- اٽو "اهو ديسي" اَٽ" لفظ سنسڪرت ڪوش (ڊڪشنري) مان آجو لڳي ٿو ۽ پنهنجو چالو "اٽو" اهو 'اَٽ' جو بدليل روپ آهي ۽ اهو سنسڪرت 'ڪائڻ' جي معنيٰ ۾ "آد" ڌاتو مان نڪتل آهي. وياڪرڻ آچاريہ هيمچندر 'اَٽ' جو مول ڌاتو (مصدر) 'اَٽ' ٻڌايو آهي ۽ 'اَٽ' ڌاتو جي معنيٰ 'هنسا' (مارڻ) ۽ 'اَلنگهن' (نہ مڃڻ) ٻڌائي آهي. اٽو ڪندي (پيهندي) هنسا (مارڻ- پيڙڻ) ٿئي ٿي. ٻوليءَ ۾ تہ گجراتي 'ڪم ڪري- ڪري اٽو نڪري ويو' چوندا آهن، جيئن اسين " ڪم ڪري ڪري تيڪ نڪري ويئي" چوندا آهيون، يعني گهڻي تڪليف ٿي. ان خيال کان "اَٽ" جي معنيٰ مارڻ- تڪليف وغيره ڪرڻ اصطلاحي روپ ۾ ٺهڪندڙ آهي.

شري آپٽي (سنسڪرت ڪوش) ۾ "اد" جا روپ (صورتون) "اَت" ۽ "اَتَن" بہ ڏنا آهن ۽ معنيٰ لکي اٿس کائڻ (To eat) ڳيهڻ، ڳڙڪائڻ (devour). هڪ هنڌ "آتر" معنيٰ کائيندڙ (One who eats) ڏنو اٿس. ان مان بہ "اٽو" جو مول (بنياد "آد") لڳي ٿو.

شري ناگپا "آٽو" جو مؤل پراڪرت مان ڏنو آهي. سندس چوڻ موجب اهو پراڪرت "اَٽ" دراوڙي لفظ آهي. ڇاڪاڻ تہ ان جون صورتون

ٿي سگهي ٿو زند (zend) ٻوليءَ جو آتشي لفظ ﺑﻪ اَٽ يا اتر مان بگڙيو هجي، جنهن جي معنيٰ ﺑﻪ ساڙڻ، ناس ڪرڻ، ڪاٺڻ آهي. آتِش (باهه) ۾ ٿي سڀ اناج يا ٻيو ڪجهه ڪپيءَ ڪاڃي ٿو. ”ڪمهلو ڪير پنهنجي گهر ايندو ته چئبو“ ڪهڙو اٽو ڪنو اٿئي؟ هن مهل آيو آهين؟

**انگ** (سن. اَنڪ)- ڳڻپ جا انگ؛ هڪ- ٻه- ٽي وغيره سنڌيءَ ۾ ’هڪ‘ سنسڪرت ايڪم، هندي ايڪ جو هڪ بڻيل آهي. اٿين ته ايڪا- ڏهاڪا ۾ ايڪي جو اُچار ته سنڌيءَ ۾ ﺑﻪ ٿيندو آهي. ٻيا سڀ انگ سنسڪرت مان پراڪرت صورت ڏاري سنڌيءَ ۾ مروج آهن. جيئن سنسڪرت چتشڪ، پنجم، شنو، پستم، اشتم، نوم، دشڪم جا پراڪرت روپ سنڌيءَ ۾ ﺑﻪ نمبروار ساڳيا آهن ؛جيئن چئڪ (چؤنڪو= چؤنڪ)، پنجو، ڇڪ (ڇڪو) ستو، اٺو، نائو، ڏهم جو ڏهو.

**آنگ** (سن- انگ) بدن، بدن جو حصو- عضوا، ليڪ، ڀاڱي (جيڪو انگ لڪيل هوندو يعني قسمت ۾ لکيل هوندو). بنگلاديش ۾ هڪ قديم پرڳڻي جو نالو انگ ديش.

**آنتُ** (س اَنت) پڇاڙي- ڇيهه، خاتمو. ان جي انگريزيءَ ۾ بگڙيل صورت End آهي. يورپي ٻولين ۾”ت“جو اُچار ”ٽ“سان ادا ڪبو آهي، پر پراڪرت ۾”ت“جي صورت”ڊ“(دال) ٿيندي آهي، ان ڪري انت جو ٿيو آند ۽ نيٺ ايند معنيٰ پڇاڙي. يورپ جي اڪثر ٻولين ۾ ﺑﻪ اها ئي صورت مروج آهي.

**انبارَ**- ڍير، جام، گهڻا، پهلوي (. زند ) ٻوليءَ ۾ انبار جي معنيٰ ڀنڊار، ڍير گـڏ ٿيل آهي، جتان بدلجي فارسيءَ ۾ انبار بڻيو. جتان ئي عربيءَ ۾ ﺑﻪ دخل ڪري ويو، مگر خاص طور نه.

**آناسو يا اناسو** (سن. آناسِڪ) بي نڪو، بيشرم، جنهن تي

جڏهن فتيون ڪونہ هيون تہ نندي‌ماپ گرانٺ (آڱوٺي جي چيڙي کان چيچ جي چيڙي تائين ڪُليل هٿ) ۾ آڱر سان ڪپڙو ڪاٽبو ۽ سببو هو. ڇاڪاڻ تہ فتيون تہ درزين وٽ هيون،زالون تہ پنهنجي قابليت سان بنا ماپ اٽڪل تي بہ ڪپڙا سبنديون هيون.

**آنگوچو**- ہِ اڍائي فوٽ ويڪرو ۽ ساڍا پنج فوٽ کن ڊگهو خاص ڪپڙو،جيڪو شنان ڪري (وهنجي) انسان لڱ (بدن) اُگهبو هو. مسلمان ان کي پوتيو / پوتڙو بہ چوندا هئا. ان جو بنياد بہ سنسڪرت انگ- پروچ معنيٰ انگ ڳهڻ (اُگهڻ)، پوچڻ. [148/126]

**آگرَ**- ڪوئلا. اڏ ٻريل ڪاٺين کي پاڻيءَ سان وسائي ان جا اگر يعني ڪوئلا ٺاهڻ، جيڪي چلهہ ۾ ڪاٺين جي بدران سگريءَ ۾ ٻاربا هئا. ان تي ڪاڏو بہ رڌبو هو تہ سياري ۾ سگريءَ ۾ ٻاري هٿ بہ سيڪبا هئا. هن جو رنگ ڪارو هئڻ ڪري ڪاني بہ سڙي ويندي هئي تہ چئبو "ساڙي اگر ڪري ڇڏيئہ." يا "اگرن جي ڏنڌي مان هٿ بہ ڪارا تہ منهن بہ ڪارو."

**آنڌيرَ**- ظلم، اتياچار، بي انصافي، بدانتظامي، راجا سنو نہ هلندو تہ چئبو آهي تہ ملڪ ۾ انڌير آهي. هيءُ سنسڪرت انڌڪار، اوندهہ، روشنيءَ جي غير موجودگيءَ مان جڙيو آهي.

**آنگرِيٺو**- لال ٻٺو- رات جو ٻار پاڻ ۾ گڏجي راند ڪندا هئا، تن مان هڪ ۾ هٿ جو استعمال ٿيندو هو، پر وچين آڱر ڏسٽي آڱر مٿان چاڙهي چئبو هو.

**آڪيلو**- هڪ ڄڻو، فقط هڪ، [25/483] ۽ هيڪلو بہ چئبو آهي. هي ايڪ+ل يا هڪ+ل. ائين جڙيو آهي، جيئن هڪ+ڙو=هڪڙو ۽ ننڍو+ڙو=ننڍڙو. هي ڍنگ پراڪرت ٻوليءَ ۾ بہ آهي،جتي ايڪل يا ايڪلون صورت آهي. هن وقت هندي اردو ۾ اڪيلا صورت ۾ مروج

آهي، باقي هيڪلو فقط سنڌيءَ ۾ آهي. ائين تہ ’هڪڙو‘ صورت بہ سنڌيءَ ۾ آهي. هن مان ٺي اڪيلائي ڏيہو معنيٰ هيڪلائي، اڪيلوپڻ، واند ڪائي.

**ابو** - پيءُ، بابو. فارسيءَ ۾ آب آهي،جو اصل ۾ ابو هو. تامل ٻوليءَ ۾ آپَن، پ جو ب يا ب جو پ ٿيندو آهي. تبتيءَ ٻوليءَ ۾ آوا آهي.

**اَڊَمبَر** (سن. آڊنبرَ هندي ۾ آڊمبر). معنيٰ ٻاهريون ڏيکاءُ، ٺاهہ-ٺوهہ، ڏيک ويک، گهڻو سينگار ۽ وڏو نغارو جيڪو لڙائيءَ ۾ وڄائبو هو. گهر جي اندر يا ٻاهر جيڪا ٺاهہ- ٺوهہ ڪبي آهي، جنهن جي هروڀرو ضرورت بہ ڪانہ هوندي آهي. ڍَڍُيو يا سڪيو ماٺهو رواجي ڳالهہ لاءِ يا موقعي تي دهل- نغارا وڄائي تہ اهو بہ اڊمبر آهي. اهڙن موقعن تي وڄائيندڙ عورت کي بہ اڊمبر (ڍول- نغارو) چيو ويندو هو. [19/208]

**اڊائي**- هي شايد سنسڪرت ارڌ (اڌ)+ دوءِ (ٻہ)= ارڌ دوءِ مان اڊائي بڻيو آهي. معنيٰ ٻہ+اڌ= اڊائي. هي هند- پاڪ ۾ عام طرح واپربو آهي. سواءِ ٿوري مڪاني هير- ڦير سان. جهڙوڪ: آڍي (گجراتي)، آڍائي يا آڻائي (نيپالي)، آرٺي (آسامي)، آڊائي (بينگالي)، ڍائي (پنجابي، هندي، اردو)، اڍائي (لهندا)، آڍيچ (مراٺي). هڪ+اڌ= ڏيڍ ۽ ٽي+اڌ (س ارڌ) = ساڍا ٽي.

**اميريڪا**- هڪ کنڊ، جيئن ايشيا کنڊ وغيره. هيءَ اصل قديم هند (ڀارت) جي لوڪن جو وسايل کنڊ آهي. ساموندي اٿل- پٿل ڪري هي ايشيا وغيره کنڊ (Continent) ڪٽجي ويو. صدين بعد وري ٻڌ ڀڪشن ان ۾ داخل ڪيو. ان بعد وري ڪٽجي ويو،تان جو بعد ۾ ڪولمبس اتي ١٤٩٨ع ۾ پهتو ۽ اتي جي رهاڪن کي ”ڳاڙها هندو“

ڪانپوء "اڪرين رپيا ڏهہ هزار" ضرور لکبو هو يا آهي.

**آڙِبَنگَ-** معنيٰ ڪيچلو يا ڏنگو ٻار، مرضيءَ وارو، چاهي سو ڪري. هي سنسڪرت اريگ جو بگڙيل روپ آهي،جنهن جي معنيٰ آهي ننڍو يا ٻاراڻو، ٻاراڻو سياڻ ۽ اڙبنگ= ڪيچلو ساڳي ڳالهہ آهي. ڪي پرڳڻي ۾ سما ذات جي ابڙي کي "ابڙو اَڙبنگ" چيو ويو آهي، جيڪو اتي جو ڪنهن زماني ۾ حاڪم هو؛ اتي ان لفظ جي معنيٰ بيخوف، نڊر ۽ مست آهي.

**آگَرُ-** دڪاندار هٽ تي ڪاٺ جي ٺهيل هڪ ڊڪيل ننڍي پيتي رکندا هئا، جنهن ۾ وڪري وارا پئسا رکندا هئا. بنا ڊڪ واري بہ پيتي هوندي هئي. تنهن ۾ پئسن سان گڏ متانس ننڍي ساهمي بہ ان ۾ رکندا هئا. هي سنسڪرت آگار مان نڪتو آهي. جنهن جي معنيٰ ڊڪيل، گهر، هنڌ آهي. مراٺيءَ ۾ بہ آگار چيو ويندو آهي، پر اهو گدام(Depot) لاءِ ڪم ايندو آهي،جڏهن تہ سنڌي ۾ Cash Box طور هو.

**اگارو-** معنيٰ منگل جو ڏينهن. هي لفظ اڪثر سنڌي مسلمان ڪم آڻيندا آهن. هي 'اَڙيا' ٻوليءَ جو انگرا آهي. جيئن هندو- مسلمان ڏينهن جي نالي تي ٻارن جا نالا سومر (هندو سومو)، اگارو (هندو منگل) مسلمان اربع(هندو ٻڌر)، خميس (هندو وسپت)، جمع، (هندو شڪروار) ۽ آچر معنيٰ آرتوار رکندا آهن، تهڙي طرح هي اوڙيسا جا پوراجا قبيلي وارا لوڪ بہ ڪندا آهن. يعني سومر ڏينهن ڄاول پُٽ- ڌيءَ کي سومو- سومي، منگل واري کي منگل- منگلي يا انگرو (Angra) انگيري (Angiri). آرتوار واري کي ائيت- ائيتي چوندا آهن. وسپت واري کي برهست تان برسا يا گروُ وار (وسپت) تان گرو ۽ گري تہ ڇنڇر واري کي سونيا ۽ سوني چوندا آهن. سنڌي هندن ۾ بہ ان ئي طرح جو رواج آهي. مگر هتي مکيہ ڳالهہ آهي، منگل کي انگرا چوڻ

جي جتان ئي فقط سنڌيءَ ۾ ان مان اڱارو معنيٰ منگل جڙيو آهي.

سبب؟ چاڪاڻ ته ترڪن- مغلن وغيره جي وقت ۾ ڀارت جي هر ڀاڱي ۾ ڪنهن نه ڪنهن سبب لڏپلاڻ ٿي آهي. اوڙيسا جا اصلي رهاڪو اڏهر آهن ته ٻيا به-ته اتان "جوڙيا" (ڪڇ ۾)،جتان ڪراچيءَ ۾ اچي وسڻ ڪري اتي جي "جوڙيا بازار" مشهور آهي. ڪانڌ (سنڌ جا ڪانڌ مسلمان مشهور آهن) ۽ اوڊهر جيڪي سنڌ ۾ "اوڏ" نالي مشهور آهن ۽ سنڌ ۾ مٽي ڍوئڻ ۽ ڪچي مٽيءَ جون پٽيون جوڙيندا آهن،جن ڪي اوڏڪي پٽ چئبو آهي. ٿي سگهي ٿو ته اوڙيس جا پورجا لوڪ به سنڌ ۾ آيا هجن. [5/519] اگر نه ته پوءِ سنسڪرت جي مشهور ڊڪشنري امرڪوش ۾ منگل جا پنج نالا ڏنل آهن، جن مان هڪ آهي انگارڪ (١-٣-٢٥)،ان ڪري شايد صحيح اهو آهي ته اڙيا ٻوليءَ جو انگرا به سنسڪرت جي ان ڌارمڪ نالي منگل جي انگارڪ تان ئي جڙيو آهي.

**اَجرَڪ** (سن. اَجَرتا) رنگين ڇريل ڪپڙو،پتنجلي منيءَ پنهنجي ڪتاب مهاڀاشيه (٣-١-١٠٥) ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي، پر ان جي ڀاشيڪار (مفسر) اهو لفظ ڪنبل لاءِ ڪم آندو آهي ۽ ٻئي ڪلهي تي رکبا ۽ بدن کي ويڙهبا هئا. پر سنڌ جا جت ڪلهي تي رکندا،پر مٿي تي پڳ ناهي به ٻڌندا هئا. بافتي نالي سادي ڪپڙي تي ڳاڙهي ۽ ڪاري رنگ جي ڇُر ٿيندي آهي. ٿي جي اجرڪ مشهور آهي. ڪڇ ۾ رهندڙ سنڌي جت به اڃا تائين اجرڪ جو استعمال ڪندا آهن. [379/201]

**آرداس-** عرض ڪرڻ، پرارٿنا ڪرڻ، ٻاڏائڻ. هي لفظ سنڌ ۾ سکن جي پنٿ (فرقي) کي مڃڻ وارا هندو ڪم آڻيندا هئا، پر پوءِ عام ٿي ويو. آيو ئي پنجاب کان هو. هي اصل ۾ عرضداشت (عربي- فارسي) مان بگڙي نهيو آهي.

**اَسوَد** (س. آشويت) ڪارو، اڇو نه = ڪارو رنگ. هي لفظ عربيءَ ۾ ان ئي معنيٰ ۾ مروج آهي ۽ ان جي ٻي معنيٰ ڪارو نانگ به آهي.

**آنهيرَ**– گهوٽ جي پنيان پيٽويو (يعني جو گهوٽ) ترار ۾ ننڍي ڇَپَرَ (ڍال) طور کڻي هلندو آهي، جيسين گهوٽ جي ڄڃ ڪنواريتي گهر پهچي.

**آڏَڙَ**– سنڌ ۾ ڪارڪون (جارڪون) وچ تان ٻه اڌ ڪري ڪڪڙيون ڪيدي،باقي ڇانوَ ۾ سڪائبيون هيون ته پڇي مٿيون ٿي وينديون ۽ نرم ٻه، پوءِ اهي ڪائبيون هيون. سنسڪرت ۾ آڏَر جي معنيٰ ڇَبَ آهي. ڏسبو ته ڪائڻ واري ڪارڪ جي اڏڙ جي شڪل ٻه چپن جهڙي ٿيندي آهي.

**آوَجهڙُ**– سَڄ، اٽانگو، ڏکيو، جوکائتو. آوَجَهڙُ پاسو معنيٰ سجو، ڏکيو، اڻ ڇاتل، جوکائتو پاسو– طرف.

ٻٽا اکر : سنڌيءَ ۾ خواه ٻين ٻولين ۾ ٻٽا اکر ٿيندا آهن. جن جون چار صورتون آهن؛ هڪڙا ٻئي سنڌيءَ جا، معنيٰ به ساڳيءَ ۾، ٻيا هڪ سنڌي ته ٻيون اکر ٻي ٻوليءَ جو مگر معنيٰ ساڳي. ٽيان؛ هڪ سنڌي ته ٻيون به سنڌي مگر معنيٰ هڪٻئي جي ابتڙ. چوٿان هڪ سنڌي ته ٻيون خواه مخواه، مڙئي وزن پورو ڪرڻ لاءِ– مثال طور:

١– اهنج– ايذاءُ، اڏو– اڌ

٢– اگهه– پار، اگر– تگر

٣– اڄ– وڄ، انڌو– منڊو، ابو– ڏاڏو، اگهو– سگهو، امير– غريب، اڳ– پوءِ، اويل– سويل، اڄ– سياڻ، اڳيان– پٺيان، اڳ– پٺ، اڳ– پوءِ، اڳوَ– پوءِ، آيو– ويو، ايندڙ– ويندڙ

ادل– بدل، اِٿر– پٿر

# اِ

**اِهو**– هَو، هي، اهو (سنسڪرت اِهہ)

**اِجهو**– هي، هاڻ، جلد، اِجهو آيس، هي سنسڪرت ايهيہ جو بگڙيل لفظ آهي، ڪن ان کي دراوڙي اَجها مان مجيو آهي.[جڏهن تہ دراوڙي نالي ڪا بولي آهي ئي ڪانہ] [298/126]

**اِٽي**– اِٽي– ڏڪر راند ڪرڻ ۾ ڏڪر جي جوڙيدار ڪاٺ جي گهڙيل، جنهن جون ٻئي پُڇڙيون ٿورو سنهيون ٿينديون آهن، جيئن ٻَل ڏيڻ ۾ سهوليت ٿئي. هي راند عالمي سطح جي راند آهي. چين ۾ تہ اجا بہ ٿيندي آهي پر انگلنڊ ۾ ڪنهن ويجهي زماني ۾ بہ ٿيندي هئي، ان جي نقل تي بئٽ بال (ڪرڪيٽ) جو بنياد پيو. ڪيرالا ۾ بہ ٿيندي آهي. [2/535 ۽ 2/741]

هن ۾ ڏڪر اٽڪل ڏيڍ فوٽ ڊگهو ۽ اٽي ۴ انچ ڊگهي ٿيندي آهي. سنئين پٽ تي چار انچ کن ڊگهي ڪڏڙي کوٽي ان مان راند ڪبي آهي - سنڌ جي هيءَ خاص سوکڙي، خوبصورت وندرائيندڙ ۽ سٺي ڪسرت ڪرائيندڙ راند آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ان جو بنياد ڏکڻ هندستان هجي،ڇو تہ هن ۾ جيڪي انگ ڳڻيا آهن،سي سڀ ڏکڻ پارت جا آهن يعني وڪٽ (هڪ)،لين(ٻہ)مون (ٽي)،نار (چار).اهي اڄ بہ ڏکڻ هندستان ۾ مروج آهن. جيتوڻيڪ سنڌيءَ ۾ ان جو اصلي نالو ڳلي-ڏڪر آهي، هنديءَ ۾ ان کي ڳلي يا گلي ڊنڊا چيو ويندو آهي. موهن جي دڙي مان ڪجهہ اهڙا انگ مليا آهن،جن جي بنياد تي هن راند کي ٽيہ

هزار ورهيه پراڻي ڇيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ موهن جي دڙي جي عمر پنجويهہ هزار سال پراڻي آهي نہ ڪہ پنج هزار.

**اِرِچڪِ**- هيءَ هڪ پراڻي لوڪ- راند آهي.جيڪا ٻار رات جو واند ڪائيءَ ۾ ڪندا هئا. ڏسڻي آگر وات مان ٻوڙي هي جملو چيو ويندو هو.

"ارچڪ مرچڪ ڏاڻا ڏرچڪ، آگ ٻتولو، نانگڻ جوڳڻ، ڪارا ڪتا ٻنا چنا."

هن جو مطلب معلوم ڪونهي،مرچڪ (مرچ) ۽ ڏاڻا وري ڪارا ڪتا. سڀ مسالي (مصالحي) سان واسطو رکندڙ آهن، مگر حقيقت راز ۾ پنهان آهي.

**اِنڊا**- سنڌ ۾ ٻاراڻي درجن ۾ استاد ڪاٺ جي پٽيءَ تي پينسل سان ڪجهہ اکر (لفظ) لکي ڏيندا هئا،جن تي مٿان ڪلڪ- مس سان هو بهو لکبو هو يعني اِنڊا پربا هئا، جنهن ڪري ننڍي ڪان ئي سهڻا- سٺا اکر لکڻ جو اڀياس (مشق) ٿيندو هو. استادن جا اکر آمُلهہ تہ شاگردن جا اکر موتي ٿيندا هئا، ڇو تہ سٺا سهڻا اکر اڌ علم جي برابر سمجهيا هئا. اڄ استادن جا اکر ئي اهڙا آهن جو گرئجيويٽ ٿيڻ ڪانپوءِ سمجهڻ- پڙهڻ ۾ ڏکيا لڳندا آهن تہ علم ايندو ڪٿان؟ اڌ علم تہ ڇا، چوٿون بہ ڇٽ تہ عقل بہ گهٽ، ان ڪري ئي اڄ ٽائيپ رائيٽرن تي ٽڪ- ٽڪ ٿي رهي آهي.

**اِلو (اِلهو) ٻلو (ٻلهو)**- هي هڪ ننڍڙي راند هئي، مگر هاڻ تہ خود انهن اکرن سان راند ٿي رهي آهي. ڪير بہ نيڪ/ برابر ڪم نہ ڪندو مڙئي پورو ڪندو تہ چئبو آهي. نيڪ ڪم ڪر ، رڳو الي- ٻلي (يعني ڏڪي) تي ڪم نہ ڪر."

**اِٽَ**- ضد، ڦڏو، گڏهہ جي لت. اِٽَ هٽي بيهڻ يعني ڦڏو وجهي

وهڻ ضد ڪرڻ تہ ”مي ڪم نہ ڪندس.“ ڪنهن ڳالهہ جو فيصلو ٿيندي ٿيندي وچ ۾ ڪو ڦڏو وجهڻ سو ٿيو اِٽ يعني ضد. ڳڏهہ لت هڻندو ان ڪي بہ اٽ چئبو، پر مي هلندي هلندي ڪا اٽ وجهي ويٺو- لتون هڻڻ لڳو تہ ان ڪي اِٽون چئبو آهي.

ٻنا اکر : اِڳڙي- ٿِڳڙي، اِتيرو- متيرو، اِتَر- پِتَر

ايندي- ويندي، ايندو- ويندو، ايندڙ- ويندڙ

# اُ

**اُڀ**– آڪاس، آسمان. هن جو بنياد سنسڪرت ”اَڀر“ آهي. ڪو اڻ تيڻ جهڙيون ڳالهيون ڪندو آهي،جتي هو پهچي به نه سگهي ته چئبو آهي ”اُڀ ۾ لتون ٿو هڻي.“ ڪير وڏيون رڙيون ڪندو ته چئبو ”اُڀ ٿو ڏارين“. مگر هي لفظ به هاڻ استعمال ۾ نه اچڻ ڪري گم ٿي رهيو آهي. [24/263]

**اُگهاڙو**– ننگو، ڪپڙا لاهي اُگهاڙو ٿيڻ، کولڻ، ظاهر ڪرڻ، ننڌو ڪرڻ، هي ٻ اصل سنسڪرت ”اد گهاٽن“ مان پراڪرت ۾ ”اُگهاڙ“ بڻجي اُگهاڙو بڻيو آهي.

**اُکوڙڻ**– ڇني ، ڇڪي ٻاهر ڪرڻ، پاڙون پٽڻ، دربدر ڪرڻ. هن جي پراڪرت صورت اُکوڙ آهي.

**اُبٽڻُ**– هي ڪجهه ٽڏين ۽ سونهن وڌائيندڙ شين (جڙي- ٻوٽين) جو مرڪب آهي، جيڪو سونهن وڌائڻ لاءِ لڳائي سگهجي ٿو،مگر هن وقت فقط شاديءَ ۾ گهوٽ ڪنوار کي لڳايو ويندو آهي ۽ لازمي طور لڳائڻ گهرجي. ان سان سونهن وڌندي آهي. هن جو رنگ ميٽ جهڙو هلڪو پيلو ٿيندو آهي ۽ سڳنڌ وارو به. پر اڄ جي فئشن واري زماني ۾ اهو به هٽجندو پيو وڃي. پر عجيب اهو آهي جو مغربي ملڪن جي زالن ۾ ان اُبٽڻ جو رواج وڌندو پيو وڃي. زالون سڄو مُنهن ان سان مکي نه پر ٿَڦي ويهي رهنديون آهن ۽ ڇڳيءَ دير بعد لاهينديون آهن. اسان جي سنائين جو نقل هو ڪري رهيا آهن ۽ هنن جي برائين چاهي بدافعالن جو نقل اسين ڪري رهيا آهيون!

**اُري يا اُلي-** ٻارن کي ننڍي ماتا جيان ننڍا ننڍا داڻا بدن تي نڪرندا آهن، جنهن کي اُرڙي چئبو آهي. هن ۾ اُچ گهڻي لڳندي آهي، جنهن ڪري ٻار گهڙيءَ گهڙيءَ پاڻي گهرندو آهي. ان ڪان ٿي اصطلاحي صورت ۾ "اُرڙيءَ" مان "اُريءَ" لفظ ٺهيو آهي، معنيٰ گهڻي اُڃ . ٻار ڪڏهن ڪڏهن راند روند خواه ٻئي ڪارڻ چاهي ننڍو ٻار ڪنهن ڪارڻ گهڙي گهڙي پاڻي پيئڻ لاءِ گهرندو آهي ته ڙالون خفي ٿي چونديون هيون "مُئا اُري لڳي اٿئي ڇا؟" جيئن تپ معنيٰ بخار. پر ڪو ٻار ڪم چوڻ تي به نه ڪندو آهي ته ان کي چئبو آهي ته "ڪم ڪندي تپ (يا ٻرو) ٿو چڙهئي."

**اُمالڪ-** ترت، هڪدم، اتي جو اتي، خوشي يا جوش مان اتي اٿين ڪرڻ. جين وياڪرڻ آچاريہ هيمچندر، "ديسي نام مالا" ۾ ان جي صورت "اوَ ملَڪوُ" لکي آهي، جنهن جي بنياد جي ڄاڻ ڪانهي، ان ڪري ٿي گرامر وارن اهڙن لفظن کي "ديسي" اسم ڏنو ريو آهي.

**اُپاڏي يا اُپاڏ-** آزار، ڪٽ- پٽ، خلاف، پاڻي ڪٽڻ، اجايو گوڙ وغيره. هي سنڌيءَ جو عام فهم لفظ اڪثر ڪري گهرو زندگيءَ ۾ واپرائبو هو، ان جي بنياد جي ڄاڻ ڪانهي، باقي راجستان جي چارڻ ڪوي (شاعر) چرپٽ ناٿ، مفت خورن خلاف لکندي هڪ دوهو چيو آهي؛

"ڦوڪٽ آوي ڦوڪٽ ڪاوي، ڦوڪٽ بولي، ڦوڪٽ شائي،

ڦوڪٽ ٻئنا ڪري اُپاڏي، چرپٽ ڪهتي ڪلجگ ڪا واوي."

هن دوهي ۾ ٻه لفظ ٻيا به آهن. هڪڙو ڦوڪٽ. هن جو استعمال سنڌي ۾ "مفت" يعني "ڦوڪٽ جو مال" ڪيو ويندو آهي. هنديءَ ۾ به اٿين آهي، پر هن جي ٻي معنيٰ اجايو به آهي. ٻيون لفظ آهي چرپٽ. هي چرپٽ ڪوي سنتن- فقيرن جي غلط روش تي اهڙا مذاقي ۽ تز دوها

چوندو هو، جو انهن کي اجايو وقلڻ سمجهيو ويندو هو، ان کري سندس چرپٽ تان سنڌين ۾ چرپٽ لفظ مروج ٿي ويو، "ڪو چرپٽ ته ڪونه آهين." اٿين اصطلاحي طور عام ڪم ايندو هو ۽ آهي.

**اُلو**– ٻاهه جو اُلو يا چٽنگ، روشني، پرندڙ اگر (ڪوئلي) جو چلڪاٽ، پرندڙ ٻاهه مان ڪا چٽنگ نڪري لڳڻ. آئرش ٻوليءَ ۾ به الو- اُلهه (Uloo-Ulah) معنيٰ چٽنگ Flame آهي. [40/3/143]

**اَڪو**– سيءَ، مڙئي سيءَ جو سيءَ هڪ ٿي هنڌ ڏيڻ يا وٺڻ "اَڪو ٿي ڪٽي ڏي." ٻيءَ طرح ضد ۾ به ڪم ايندو "اُڪو ٿي وڃي ڪڏ ۾ پوي، مان نه چوندو مانس"."اَڪو ٿي وڃي جيڪي ڪيس ڪري." هنديءَ ۾ اَڪت ۽ مرهٽيءَ ۾ اَڪتا چئبو آهي.

**اَماهڻ يا اَمائڻ**– ڪوبه نئون برتن خاص ڪري پاڻيءَ جو دلو يا مٽ ڪورو وٺي ان کي پهريون دفعو ڪم آڻڻ.

**اَکري**– ڪاٺ جي هڪ چيز، ٽي چار فوٽ اُبي وچ ۾ اڌ تي سجو خال ڪري ان ۾ اناج يا ٻيو ڪجهه ڪٽڻ جو ذريعو. هندي ۾"اوکلي" چئبو آهي. هي هندو- مسلمان هر گهر ۾ ضرور هوندي هئي/آهي.

**اَچاترو**– متاچرو، هلڪڙائيءَ وارو، ٻي خيالو ڪم ڪرڻ، هلڪڙائيءَ وارو ڳالهائڻ، ٻي دليو ڪم ڪرڻ.

**اُستاد**– هي زند ٻولي مان نڪتو آهي. (زند) اويستا جو ڄاڻو، ماهر، سو ٿيو اويستاد. سو بگڙي بڻيو اصطلاحي طور استاد، معنيٰ ماستر، ماهر. هي فارسيءَ مان آيو آهي. ان ڪانسواءِ جيڪو جاين ٺاهڻ جو ڄاڻو راڄو هوندو هو، تنهن کي به اوستو يا اُستو عام طرح سنڌيءَ ۾ چئبو هو/آهي.

**اُسترو**– وارن لاهڻ جو اوزار، پاڪي. هن جو بنياد سنسڪرت

آستر آهي.

**اَلڪو يا اَدڪو**- انتظار، خيال، ڏک، چنتا. "هي اجا موٽيو ڪونهي مون کي اَلڪو ٿي پيو آهي."

**اَنٺالو**- گهٽ، ڪجهہ يا ٿورو گهٽ، ٻن برابر مان ڪجهہ گهٽ يعني اَنٺالو،اگر ٻئي ۾ ٿورو وڌيڪ ٿيو تہ اهو ٿيو سَنٺالو.

**اُٺ**- هن کي سنسڪرت ۾ اُشتَرچون،جتان مڪراني ٻوليءَ ۾ "هشتر" ٺهيو آهي. سنڌيءَ ۾ اڪثر ان ئي نالي سان مشهور آهي ۽ سنڌيءَ ۾ فقط ان هڪ ئي نالي سان هلندو آهي. ان جا ڪجهہ ٻيا بہ نالا آهن مگر اهي سڀ صفاتي نالا آهن، جهڙو: توڏو، مهري، ڪنواٽ، ڪرهو، ڏاگهو. باقي ائين چوڻ تہ سنڌي ٻولي ان ڪري شاهوڪار آهي، جو ان ۾ اڪيلي اُٺ لاءِ سؤ ڪن نالا اچن ٿا،سو بلڪل غلط ۽ بي معنيٰ آهي.

سو سنسڪرت اُشٽر مان اُٺ تہ ٺهيو،پر سنسڪرت ۾ هڪ ٻيو لفظ بہ آهي "ڪِرهيل" يا "ڪرميلڪ" ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ هزار ورهيہ اڳ جي سنسڪرت ڪوش (لغت) "امرڪوش" ۾ بہ موجود آهي. "پنچتنتر" ۾ بہ ساڳيءَ طرح آيو آهي. اشتقاق طور بہ سنسڪرت ۾ ان جي معنيٰ آهي "اهو جانور جيڪو سلسلي- ڍنگ (ڪرم) سان ايلف يعني ويڙ/رفتار سان يعني لوڏ سان هلي. [163/8/463]

هن ڪرميل يا ڪرميلڪ نالي جي اهميت ان ڪري بہ آهي،جو اهو يورپ وغيره جي ڪيترن ٻولين ۾ ٿورو بگڙي اجا بہ موجود آهي. جهڙوڪ لٽن (لاطيني) ۾ "ڪَميلس"، گريڪ ۾"ڪميلوس"، انگلو سئڪسن ۽ پراڻي اُتري فرينچ ۾ "ڪئميل" انگريزي، ۾ "ڪئمل"، پر پراڻي انگريزي ۽ فرينچ ۾ "چاميل" (جو اڄار چ بہ ٿيندو آهي). هيبرو (عبراني) ۽ فنيشيا ۾ "گامل" تہ عربيءَ ۾ "جَمل" چيو ويندو

# اوُ

**اُوٽي**– ٻڌيءَ جو اُبتڙ، نہ دوستي، اوٽي ڪرڻ يعني ٻڌي خواه ياراڻي نہ ڪرڻ، ڦِٽڻ، ڌِيارو ٿيڻ.

**اوُڻ**– ڏهاڪي مان هڪ گهٽ،جيئن ٢٠ مان هڪ گهٽ ٿيو اوڻيهہ، ٽيهن مان هڪ گهٽ ٿيو اوڻٽيهہ. [537/5]

**اونهارو**– گرميءَ جي مند، سياري جي اُبتڙ. هن جو سنسڪرت بنياد "اُشڻ ڪال" آهي. هن جي پراڪرت صورت "اُنهال" آهي، راجستاني ۾ "اوُنهاڻو" آهي.

● ٻنا اکر : اوٽي- ٻڌي، اونڌو- سُونڌو.

آهي. پر سنڌي زالون ٻارن کي جڏهن هو ڪو ڪم ڪاميابيءَ سان ڪري ڪونہ سگهيو هوندو، تہ چونديس "اوجَرَ ڪيئہ"- "تو اوجر ڪيا". اصطلاحي طور ٿيو ڪم ميرو ڪرڻ، ٺيڪ نہ ڪرڻ، سوڀ نہ پائڻ يا اوجل (روشني جو اُبتڙ)،اوندهہ (ناڪاميابي).

**اوطاق**– گهر جي مَنهن وٽ اندر يا ٻاهر هڪ ڪوٺي (ڪمرو)، جنهن ۾ فقط مرد مهمان ٽڪي/ رهي سگهندو آهي. سنڌ جي اڪثر سُکين گهرن ۾ اوطاق هوندي هئي، ڪن کي الڳ وڏي اوطاق بہ هوندي هئي، خاص ڪري مالدار ۽ زميندار لوڪن کي. هن لفظ جو بنياد نہ عربي آهي ۽ نہ فارسي ۽ نہ ترڪي. اندازو آهي تہ سنسڪرت ۾"اوٽ" لفظ،جنهن جي هڪ معنيٰ آهي آرام ۽ اوطاق آرام ڪرڻ جي جاءِ ٿيندي آهي. سنٿالي آديواسين (قبيلي) جي ٻوليءَ ۾"آتو" لفظ ڳوٺ جي معنيٰ ۾ آيو آهي ۽ انهن جي ئي ڀر ۾ مَنڊاري ٻوليءَ ۾"هاتو" لفظ بہ ان ئي معنيٰ ۾ آهي. لفظن جون معنائون وقت بہ وقت بدلجنديون رهنديون آهن. نيٺ گهٽ- وڌ ٿي وڃي ڪا اصطلاحي معنيٰ ۾ ٽڪندي آهي، ان ڪري اوٽ يا آتو مان اوتاڪ (اوطاق) بڻيو،پر انَ ۾ ط ۽ ق جي موجودگي کٽڪي ٿي، ان ڪري هي مصري يا ترڪي بہ ٿي سگهي ٿو. [6/693]

ان حالت ۾ هي ترڪيءَ جو"اوتاغ" ٿي سگهي ٿو،جنهن جي ٻي صورت اؤتاق معنيٰ گهر يا حجرو آهي. ان حالت ۾ اوطاق جي صورت غلط آهي.

**اوراٿا يا اولاٿا**– مائي/ ماتا جي بيماريءَ ۾ بيمار جي اڳيان ويهي ڪي گيت ڳائبا آهن،جيئن بيمار کي تڪليف مان راحت ملي. بي- آرامي دور ٿئي.

سنسڪرت ۾ آلاپَہ معنيٰ ٻولي/لفظ. مهٺي طور ڪجهہ چوڻ آهي، پراڪرت ۾ ان جي صورت آلاو آهي، معنيٰ ساڳي ، بڪواس. جيئن ساهت ۾ ان جي صورت اُلوڻ آهي ۽ ان جي اصطلاحي معنيٰ آهي " ٻارن

ڪي سمجهائڻ، چپ/ ماٺ ڪرائڻ جو گيت ۽ اولاٿا آهن به مائي/ ماتا نڪتل ٻار کي ايذاءُ کان ھلڪو ڪرڻ جا گيت. [13/546]

سنسڪرت آلاپ جي ھڪ معنيٰ بڪواس به آهي ته پراڻن ڪتابن ۾ ان جي صورت اَولوئي ملي ٿي،جنھن جي معنيٰ آهي سمجھ ۾ نه ايندڙ ڳالھه/ ٻولھه ۽ اولاٿايا اوراٿا به ان ئي قسم جا گيت ٿيندا آهن. [13/522]

ڪيئن به اولاٿا جو بنياد سنسڪرت "آلاپ" آهي.

**اولڙَڻُ**- خراب ڪرڻ، گڏي/ سڏي بگاڙڻ، ٻنيءَ ۾ پوک کي بگاڙڻ.

**اورانگھڻُ**- ڪو ستو پيو هجي،ان جي مٿان لنگھي وڃڻ کي خراب بي/ ادبي سمجھيو آهي: ان ڪري چئبو آهي ته "مٿل نانگ کي به نه اورانگھجي." چوڻ چاڪاڻ ته هو سچ- پچ مٿل نه هجي ته ڏنگي به سگھي ٿو. ڪيئن به اورانگھڻ خراب آهي. هن جو بنياد سنسڪرت اُلنگھن معنيٰ نه مڃڻ، حڪم عدولي ڪرڻ، نظرانداز ڪرڻ به آهي.

**اوتَڻُ**- دلي يا مٽ کي ٿورو ليٽائي،ان مان پاڻي ڪڍڻ کي اوتڻ چئبو آهي. مٽَ ۾ گلاس اصل نه وجھڻ گھرجي،اگر جونو آهي ته هوئڻ به پاڻي دِلي مان ئي اوتي ڪڍبو آهي،اها ئي فضيلت به آهي.

**اوُج**- بلندي، ترقي، وڏي درجي يا حيثيت تي پھچڻ، شاهوڪار ٿجڻ، وڏو درجو. هن جو بنياد سنسڪرت اوجس آهي،جيڪو زَند ٻولي ۾ ائوجو ٿي،عربيءَ ۾ اوج ٿيو. سنڌيءَ ۾ عربيءَ مان آيو آهي. ان جي ئي ٻي صورت اوجَ آهي،جنھن جي معنيٰ به مدد ڏيڻ، مٿي چاڙهڻ، ترقي ڏيڻ آهي.

**اورَنگي**- هڪ ڍگھو اڻ سبيل ڪپڙو،شاديءَ وقت گھوٽ کي

سندس مٿان پاڻبو آهي، جيڪو هيٺ پيرن تائين هوندو آهي تہ مٿو سڄو ۽ منهن اڌ ڍڪجي ويندو آهي. سنسڪرت جي ڪتاب ۾ نيرَنگِڪا لفظ آيو آهي. تي سگهي ٿو اتان اصطلاحي صورت اوڙنگي بڻيو هجي. جين وياڪرڻ هيمچندر پڻ "ديسي نام مالا" ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي، [206/90] جنهن مان لڳي ٿو اهو سنسڪرت جو نہ بہ هجي.

**اوڪارا**– اَلتيءَ ڪان اڳ آت اچڻ. **ڪاڪڙي** ۾ اٿوٽندڙ شيءِ ڳيهڻ ڪان بہ **اوڪارا** ايندا آهن، دل ڪچي ٿيڻ سان بہ اوڪارا ايندا آهن: ان حالت ۾ آلو **بخارو** تازو يا **سڪل** چوسڻ / ڪائڻ **گهرجي**،نہ تہ ڪتمنڙو چوسڻ گهرجي.

**اوڙَڪَ**– سخت/ساندهہ مينهن (برسات) پوڻ، سڄاپت پاڻي ٿي وڃڻ، برسات جو بند نہ ٿيڻ.

● ٻيا اکر : اوگهِ– سوگهِ، اوسي– پاسي، اوڙو– پاڙو، اوڙي– پاڙي، اوسو– پاسو، اوهي– واهي، اوکي– سوکي، اوکو– سوکو، اوٿي– موٿي (راند ۾)، اوٺي– پوٺي.

# اي

**ايڪڙُ**- پوک واري زمين جو هڪ حصو- ماپ، ايراضي، گهيرو. هن جو بنياد سنسڪرت ايجِرَ آهي،جنهن جي معنيٰ آهي آڳنڌ، پڌر، اڱڻ، چوڌاري ڪنيل نندي پٽ، ايراضي، آڪاڙو. قديم آرين ۾ زمين جي ڪا ورڇ ڪانه هئي. خالق جي چيز آهي،جنهن ڪي جيتري ۽ جتي به گهرجي والاري سگهي ٿو. ڳوٺن ۾ اوائل ۾ ته ڪا پابندي ڪانه هئي، جنهن ڪي جيتري گهرجي والاري گهر ٺاهي يا پوک ڪري، ڪا حدبندي ڪانه هئي. بعد ۾ انساني فطور ۽ لالچ جي ڪري ان ايجر جي صورت ٺي بدلجي ويئي. ڌيان رهي ته"ج"جو اچار"گ" ۽ "ڪ" به ٿيندو آهي ته "ڪ" جو "ج" به ٿيندو آهي، ان ڪري ان ايجر جي صورت ايڪڙ بڻجي ويئي،ان ڪري پراڻي سڪسن ٻوليءَ ۾ accar، انگلو سڪسن ۾ accr، اولڊ انگلش ۾ aker، پراڻي هاءِ جرمن ۾ achar، جرمن ۾ acker، آئيسلينڊڪ ۾ akr، سويڊش ۾ aker، ڊئنش ۾ سنسڪرت جهڙي صورت ager به هئي ته گاٿڪ ۾ akrs، لاٽين ۾ به شڌ (اصلي) صورت ايجر ager هئي. ان طرح صورت بدلي مگر معنيٰ ۽ مطلب ڪونه بدليو.
ماپ- ايراضيءَ جي خيال کان يورپ ۾ هن طرح ٿيو؛

تيرهين صديءَ تائين انگلنڊ ۾ "ايڪڙ" جي ماپ اوتري زمين هئي، جيتري هڪ ڏينهن ۾ هڪ "هر"سان کيڙي سگهجي، پر اهو ماپو به دائمي ڪونه ٿيو. ايڊورڊ پهرين کان جارج چوٿين تائين ان لاءِ قانون ٺهيو. ١٨٧٨ع ۾ ان جي ماپ ۴٨۴٠ چورس والن جو هڪ ايڪڙ مقرر ٿيو ۽ هندستان ۾ "ايڪڙ" لفظ به انگريزن جي اچڻ سان ٺي رائج ٿيو. [8/5]

**ايلسي** ـ هڪ قسم جو پسارڪو (پسار جي سامان جو) ٻج. ٻين ڪمن ڪانسواءِ هن جو خاص استعمال ڦٽ- ڦرڙيءَ ۾ ٿيندو هو. اها ڦرڙي جيڪا وڏي ٿي ٻه نه ڦاٽي ته ايلسيءَ جو پوٽيس ٺاهي ٻڌڻ سان ڦرڙي ڦاٽي پوندي، ان ڪري وڏيون گهر ۾ اهو رکنديون هيون. هن جي سنسڪرت صورت اَتسي آهي. هندي ۾ تسي يا تِيسي ۽ اَلسي، مهاراشٽر ۽ گجرات ۾ الشي، بنگاليءَ ۾ تِسي، ڪنڙ ۾ اَسڪي آهي.

**ايلچي**- هي تُرڪ لفظ اِل يا ايل مان جڙيو آهي. ترڪ/ منگول هلاڪو خان بغداد وغيره کي برباد ڪري پنهنجو هلاڪو خاندان جاري ڪيو ۽ راڄڌاني تَبريز (طبريز) ۾ ڪئي. هي سيني منگول خانن متان ڪَٿان يعني خاڪان/ هاگان مڃيو ويندو هو. سندس ماتحت ننڍا الوسن جا خان، "اِلخان" سڏبا هئا. ان ال- ايل نالي تان ايلچي لفظ مشهور ٿيو، جنهن جي معنيٰ هئي يا آهي،قبيلي جو قاصد. بعد ۾ ال خان ايراني/ منگول راڄ لاءِ به مشهور ٿي ويو.

**ايڪ سرائي**- هڪ قسم جي ٻاراٽي سنڌي راند،جنهن ۾ ايڪ سرائي، دوسرائي وغيره جو استعمال ٿيندو هو.

- ٻٺا اکر : ايڪڙ- ٻيڪڙ

# ب

**بُلَ**- ٽپو، اُڇل. ٻال جو ٻَلَ ڏيئي مٿي اڇلڻ. ٻُلبُل پکيءَ جو هڪ هٿ تان ٻل ڏيئي ٻئي هٿ تي وهڻ يا ٻَلَ ڏيئي اڏامي وڃڻ. لڳي ٿو هن جو بنياد ان ٻُلبُل پکيءَ تان ئي آهي. بلبل ۾ ٻال ٻئي ٻَل ڏيندڙ آهن.

**ٻانبڙا يا ٻانبُڙا**- ننڍي ٻار جو پٽ تي گوڏن ۾ هٿ جي ترين تي چوپائي جيان هلڻ يا پٽ تي گهمڻ ڦرڻ.ان کي ٻانبڙا پائڻ چئبو آهي.

**بَرَهِه**- گهٽو ڪائڻ. گهٽي اجائي ٻَڪ. پيٽ جي ٻاهه ڪائڻ جي. ننڍو/ وڏو ٻار جڏهن گهڙيءَ - گهڙيءَ اچي ڪاڏو گهري،ڪائڻ آيو تہ ماءُ چوندي، "مُئا، پيٽ جي برهہ اٿئي ڇا؟"، "رڳو پيو ڪائين،رڳو پيٽ جي بَرَهِه."

**ٻوءِ ڏکِٿا**- پئسو، ڪاڏو، ڪجهہ بہ اجايو زيان ٿيڻ يا ڪرڻ تي زالون اڪثر اهو جملو ڪم آڻينديون هيون، "اجايو سڀ ٻوءِ ڏکٿا ڪري (وڃائي) ڇڏيئہ."

**بَنبالَ**- اجايو ٻار، ڇَتي، جَنجال. "اجايو بَنبال سر تي."

**بِليس**- ماپ، وچوٽي، دوري. بلورن (چِڏن) جي راند ڪندي هڪ بلور ٻئي کان ڪيترو پري آهي، اهو ماپڻ لاءِ بليس ڪم ايندو هو (يعني سچو هٿ کولي پٽ تي رکي،جيڪي ۾ آڱوٺي جي چيڙن کي بليس چئبو آهي). مٿيَ جي کوٽائي يا واريءَ (ريتي) جو ماپ براس سڏبو آهي. ٿي سگهي ٿو اهو انگريزي براس (Brass) مان بگڙي ٺهيو آهي، جيڪو اجا عمل ۾ آهي. [15/726]

**ٻيٻيلُ**- ٻيٻيو- متوالو، چتو ٿيڻ، گمراهہ ٿيڻ. زالون چونديون هيون، "مَئا، ٻيٻيو تہ ڪونہ آهين؟"، "جهڙو مُئو ٻيٻيل" يعني چريو تہ ڪونہ ٿيو آهين.

**ٻَرُ**- ماپو ڪپڙي جو يعني ويڪر. ڪپڙو وٺڻ مهل پڇبو آهي تہ "ٻَرُ گهڻو اٿس"، ننڍو يا وڏو. ڪپڙي سبڻ مهل زالون يا درزي اول ڪپڙي جو ٻَرُ ڏسندا آهن.

**ٻَرُ**- رڻ پٽ، سڃ، برپٽ، جتي گاهہ- ٻوٽو نہ جي برابر هجي.

**ٻَلي**- واهہ واهہ، شاباس، سهڻو، خوشيءَ جو اظهار. ٻار نوان ڪپڙا پائي ٻيهندو تہ چئبو هو "ٻَلي- ٻَلي، پُٽ ڏاڍو ٺهي پيو آهي." پنجابي بہ "ٻَلي- ٻَلي" چوندا آهن خوشيءَ وچان.

**ٻِدڙي**- هَڙَ- ٻِدڙي. ٻئي ڳوٺ ۾ پرڻيل نياڻي يا ڀيڻ يا ڀيو ڪو ويجهو مٽ/ مائٽ (عزيز) هوندو هو تہ ان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪاڏي جي شيءِ (سوکڙي طور) ڪپڙي ۾ ٻڌي (خاص هوندي تہ سبي) ڪنهن ويندڙ (ٻهرَ) هٿ موڪلبي هئي. ائين تہ ڪپڙن جي هڙ يا ٻئي سامان جي هڙ بہ ٿيندي هئي،مگر ان کي ٻدڙي ڪونہ چئبو هو.

**ٻَڪَرُ**- ڦل/ ميوات، فروٽ ۽ ٻَڪاري يا ٻڪالي جيڪو ڦل/ ميوات وڪڻي. هن جو بنياد عربي بقال چئي سگهجي ٿو، پر اتي ان جو مطلب ڀاڄيون وڪڻڻ سان آهي. ڪرياني واري لاءِ بہ ڪتب ايندو آهي جو غلط آهي. ائين تہ سنڌ ۾ بہ ڀاڄيون ۽ ڦل وڪڻڻ وارو ساڳيو شخص هوندو هو، ان ڪري سنڌ ۾ فروٽ کي ٻڪر ۽ وڪڻندڙ کي ٻڪاري چئبو هو يا ٻڪالي (بقالي).

**ٻانٺُ**- اجائي ٻَڪ، ڪاڏي جي لالچ، گهر- گهر. زالون چونديون هيون اهڙي ٻار کي تہ "ٻانٺُ اٿئي ڪا ڪائڻ جي."

**باڙدي**- لوهہ جو برتن (شيخ جي ڪڙي سان ۽ هٿيل) جنهن مان پاڻي پربو يا پيو ڪم وٺبو آهي. هي پورچوگيز لفظ "بالتي" جو بگڙيل آهي. سنڌي ۾ بالٽي بہ چئبو آهي.

**بولو**- نڪ ۾ پائڻ جو زنانو زيور، جنهن ۾ ننڍڙو ياقوت پيل هوندو/هئو/هي!اڪثر ننڍيون ڇوڪريون پائينديون هيون/آهن ، پر ڪي وڏيون بہ بولو پائينديون هيون، جن ڪي وزن واري لڳندي هئي. اتر پرديش (يو پي) جي روائين ايراضي ۾ ان کي بُلاڪ چئبو آهي. [18/441]

**بِلاٽِتو**- ٺانيڪو، ٺڪاڻي، ٺيڪ هنڌ تي رکڻ، سانڍڻ، سنڀالي رکڻ. چئبو هو "هيءَ شيءِ وٺ، بِلاٽِتي ڪري رکج" (يعني ائين نہ ڪج جو جتي آيو تتي رکين تہ گهرج مهل ڳولي نہ لڀي). ياد رکج.

**بگي**- ٻن گهوڙن واري گاڏي (سواري- ٽانگو). گهوڙو ۽ گاڏي ان کي ئي بگي يا بگهي چئبو هو. هي انگريزي بگي (Buggy) تان آيو آهي.

**بِلي**- ڪاتي، نالي، هن جي پاران. "هيءَ رقم فلاڻي جي بِلي (ڪاتي) لکي ڇڏ."، "هيءَ چيز فلاڻي جي بِلي ڏي" يعني مان ان جي پاران ٿو وٺان.

**بِلو**- اُپاءُ، تدارڪ، ڪوشش، رستو، تدبير. "نيٺ تہ ان جو بلو ڪرڻو پوندو."

**بيڪَ**- بنياد، اصل، پاڙ، خاندان، نسل. فارسيءَ ۾ بُن معنيٰ وڻ جي پاڙ آهي. عربيءَ ۾ بِنَ معنيٰ پُٽ- اولاد آهي يا بَني معنيٰ اولاد آهي. جيئن بني ابراهيم يعني حضرت ابراهيم جو اولاد (نسل)، ان ڪري صحيح فارسي بَن آهي. ٻيءَ طرح بِنُ عربيءَ جو اُچار سنڌيءَ ۾ بِنِ ڪبو آهي. يهودي ٻوليءَ ۾ اهو بيني (Bene) معنيٰ بَڻ/ نسل آهي يعني بني

اسرائيل.

**بَڪيو**- ٽوپو. ڪپڙي کي ٽوپو ڏيڻي، ڦاٽل کي سبڻ. "بکيو ڏيڻ يا هڻڻ"، "هن کي بکيو ته ڏيڻي ڏي"، يعني ٽاڪو ڏيڻي ڏي.

**بئنڪ**- هڪ پيڍي، واپاري ڪوٺي، جتي ماڻهن جي پئسن جي ڏي وٺ (جمع ڪرائڻ ۽ ڪيڍائڻ) جو ڪاروبار ٿيندو آهي. بئنڪ جو رواج اٽليءَ کان شروع ٿيو، جتي وينس شهر واپاري مرڪز هو. واپارين جي سهوليت لاءِ ڪي شخص سينٽ مارڪ (St. Mark) جي چوسول تي سِڪا رکي وهندا هئا ۽ مختلف سڪن (پئسن) جي ادلابدلي (Money Exchanging) ڪندا هئا. بينچ کي اٽالين ۾ بينڪو يا بئنڪو چيو ويندو هو. هو اهو ڌنڌو انهن بينچن تي ويهي ڪندا هئا.

اهي سِڪا سندن انهن بينَچن تي رکيل هوندا هئا،جن کي بينڪو چيو ويندو هو، بعد ۾ هو ميز يا ٽيبل تي رکي اهو ڌنڌو ڪرڻ لڳا ته انهن ميزن کي به بينڪو چيو ويو. ان طرح ننڍڙي ڪاروبار مان بئنڪ جو بنياد پيو ۽ اڄ اهو انٽرنيشنل ڪاروبار ۽ لازمي ذريعو بڻجي پيو آهي. [8/6]

هڪ ٻيءَ روايت موجب "لومبارڊ" جا يهودي بينڪو (Benco) يعني بينچن تي ويهي پئسا ڳڻيندا (ڏي وٺ ڪندا) هئا. ان هير- ڦير مان جڏهن شاهوڪار بڻيا ته عمارتون ٺهرائي يا وٺي انهن ۾ اهو ڌنڌو جاري رکيائون۽ان عمارت جو نالو به بينڪو (Benco) ئي رکيو ويو هو. اڄ بئنڪ (Bank) نالي سان مشهور ٿي ويو آهي. [7/548]

**بُجڪو يا بُجڪيا**- هڙ ڪپڙن جي يا ڪپڙي جون جيڪي هڙون گهرن ۾ زالون رکنديون هيون،جو بئگ- پيتي اجا گهٽو ڪانه واپربي هئي. هي چوڻيءَ طور ائين مشهور هو، جو ڪا اڻ وڻندڙ عورت، جيڪا ڪنهن خواه مخواه ڪم سان گهر ۾ ايندي ته ان کي هڪالڻ

لاءِ (يا فقيرياڻيءَ کي بہ) ائين چوندا يون هيون، ”هل، هل آئي آهي رن بڃڪو ڪٽي پنڻ.“ پنڻ جي معنيٰ گهرڻ ۽ اجايا ڏڪا کائڻ بہ آهي.

سنڌ ۾ ڪپڙي وارا بجاجي وڏي ٿلهي ڪپڙي ۾ ڪپڙن جا وڙ (نمونا/ تاڪيا) ٻڌي ڪلهي تي رکي هوڪا ڏيندا گهٽين ۽ گهرن ۾ وڪڻندا هئا، ان هڙ کي بُچڪو چئبو هو. هن جو بنياد فارسي بُغچہ (بُغچو) معنيٰ ننڍي هڙ جيڪا ڪڇ ۾ کڻي هلجي. مطلب ٻنهي هنڌ ساڳيو آهي.

**بَنو يا بَني**- شادي جي لاڏن ۾ بنو گهوٽ لاءِ چئبو آهي. هي پنجابي لفظ آهي. [6/676] ڪنوار لاءِ بنڙي يا بني ڪم ايندو هو.

**باٻلا**- اصل ٻيءَ لاءِ پوءِ ننڍڙي ٻار يا پُٽ لاءِ پيار جو لفظ هو. ”ائين نہ ڪر بابلا پُٽ.“ [32/284]

**بنگلو**- اوائل ۾ انگريز آفيسر جيڪي بنگال ۾ رهندا هئا، سي ٻهراڙين ۾ ڪاٺ ۽ ڪکائين جاين ۾ (هوا جي خيال کان) رهندا هئا، جنهن کي چوڌاري ورانڊو هوندو هو. بنگال ۾ ان کي بانگلا چئبو آهي تہ انگريزن بہ ان کي بانگلا مان بنگلو بڻائي ڇڏيو. هاڻ تہ اميرن جي رهڻ جي جاءِ کي ئي بنگلو چئبو آهي، جنهن کي اڳي وڏن عملدارن، ڪامورن ۽ ديوانن وسايو هو، جو اهي ئي بنگلن ۾ رهندا هئا. هڪ روايت موجب انگريزي آفيسرن ئي ان کي بنگال جو هئڻ ڪري اهو نالو بنگلو ڏنو. هماچل پرديش جي گدي (Gaddi) قبيلي وارا بہ پنهنجي ان ڪاٺ ۽ ڪکائين جهوپڙي، جنهن کي ڀتيون بہ ڪونہ ٿينديون آهن، کي بَنگلور چوندا آهن. [2/335]

**بيربَل**- هن جو اصل نالو ”ويربل“ معنيٰ طاقتور، بهادر هو. [23/361] هيءُ سيوهڻ جو ويٺل ۽ اڪبراعظم جو رتن هو.

**بائيڪاٽ**- بهشڪار ڪرڻ، تعلقات نہ رکڻ، ڪم نہ ڪرڻ.

# ٻ

**ٻيلي-** ساٿي، مددگار، يارُ.

**ٻائيتال-** گوڙ، ڪٽ- پٽ، شور، ضد. گهر ۾ سڀ يا گهڻا ٻاتي جو اچي ٻاڻ ۾ تون چا/ تون چا ڪندا تہ وڏو ڇوندو هو، "چا جو ٻائيتال ڪٿي مچايو اٿو"، "گهر ۾ سڄو ڏينهن ٻائيتال مَتو پيو آهي."

**ٻالو يا ٻاليشاهي-** ٻنگي، ٻالو ٻولو معنيٰ سادو شخص. مڌيہ پرديش جي نِماڙِ ايرانيءَ ۾ ٻالاهي نالي هڪ قبيلو آهي ۽ گهٽ ذات جا ڪري ليکبا آهن،جيئن ٻالا. [6/53] سنڌ ۾ شايد راجستان ڪان ايندا هئا.

**ٻَرو-** تپ، تاءُ، بخار، تڪليف، ڪم ڪان ڪيٻائڻ. هي ٻارڻ/ ٻرڻ مان جڙيو آهي. ٻرڻ/ ٻاهہ ۾ تپت ٿيندي آهي،ان ڪري چئبو آهي تہ، "هن کي تپ آهي" يعني بخار. ڪير ڪم ڪان ڪيٻائيندو تہ ان کي چئبو آهي، "ڪم ڪرڻ ڪان تہ ٻرو ٿو چڙهئي"، "ڪم چئينس تہ ٻرو چڙهيو وڃيس."

**ٻانيَ-** ڪنهن گهٽ مغز واري عورت لاءِ چئبو هو "جهڙي چري ٻانيَ."

**ٻيڪَڙڻ-** در بند ڪرڻ پر ڪڙو نہ پائڻ، در ٿورو ڪليل ڇڏڻ. هن جو اُچار "ٻيڙڪڻ" بہ آهي،جو زالون چونديون هيون.

**ٻيگهي-** هُشي، مستي چڙهڻ، ڇوٽ ملڻ. ٻيگهي مچڻ،خوشيءَ واري ڳالهہ ٻڌي اجايو وهنوار ڪندو هو تہ چئبو "ٻيگهي مچي ويئي

اٿئي."

**ٻَنِ**- وچي ٻَنِ پوي (وچي ڪڌ ۾ پوي).

**ٻُڪي**- گراهڪي (ڏنڌي ۾). اڃا ٻُڪي ڪانہ ٿي آهي يعني اڃا ڪو گراهڪ ڪونہ آيو آهي. گراهڪيءَ جي پيڙ هوندي ۽ ڪو وچ ۾ اچي ڪجھ چوندس تہ چوندو، "هاڻ تہ ٻُڪيءَ جو وقت آهي، پوءِ اچج." شاديءَ ۾ هڪ ساٽ/ سوڻ ٿيندو آهي،ان کي بہ ٻُڪي چئبو آهي. جنڊ پيهڻ مهل جيڪو اَنُ هٿ سان وجھبو رهبو آهي،ان کي بہ ٻڪي چئبو آهي.

**ٻُڪُ**- هٿ جي ترِي ٿورو گول ڪرڻ، لَپَ.

**ٻِڙُڪَ**- واڪ، وات مان اکر ڪڍڻ، ڪنهن کي ڪا ڳالھ ڪنهن طرح بلڪل نہ ٻڌائڻ مهل چئبو آهي. "اصل ٻڙُڪَ بہ ٻاهر نہ ڪڍج" يعني بلڪل چُپ رهج. ترڪي ٻوليءَ ۾ ٻِلڪ معنيٰ ٻول- واڪ. [17/463]

**ٻُنيو**- گهر جو اڱ /منهن، چانئٺ، آڳنڊ. ڏنڌي وغيره ۾ نقصان ڪندڙ لاءِ چئبو آهي، "ٻُنيو ئي ٻئي پاسي ڪري ڇڏيائينس."

**ٻيڙي**- نديءَ/پاڻيءَ تي سواريءَ جو وسيلو. ڪاٺ جو ننهيل، ڏگهو جهاز (ٻيڙو)، ايجپشن ٻوليءَ ۾ ان کي ٻَري (Bari) چئبو آهي. [40/2/156] هتڪڙيءَ کي بہ ٻيڙي يا ٻيڙيون چئبو آهي.

**ٻڏڻُ**- پاڻي- درياءَ ۾ ٻڏڻ، ٻڏي وڃڻ، غرق ٿيڻ. ڪنهن کي شرمائڻو هوندو يا طعنو هڻبو تہ چئبو، "ٻَڏي ننڍو مرين"،شرم هجئي تہ "جيڪر پاڻيءَ ڍُڪ ۾ ٻڏي مرين." هندي- اردوءَ ۾ ان جو 'ڏوبُ' يا 'ڏوبنا' آهي، جو غلط آهي، عام طرح پراڻي هندي وغيره ۾ اُچار ٻُڊنا يا ٻوُڊ آهي. پورچپوري ٻوليءَ ۾ ٻوڊنا آهي. ميران ٻائي جي پڇن ۾ ٻوُڊ

آهي. [2/31] ڪبير بہ 'ٻُوڙا' ڪم آندو آهي. [32/89]. اَڙيا ٻولي (اوڙيسا) ۾ ٻوڏ آهي. [34/589]. پراڻي گجراتي (جين ساهت) ۾ بہ ٻوڏي آهي. [8/432] ۽ [203/34] پراڪرت ۾ بہ ٻُڏَ (ٻڏ) ۽ ٻُڏَڻ (ٻڏڻ) صورت ۾ آهي. ان جو بنياد سنسڪرت 'ٻرَڏ' معنيٰ ٻوڏن يعني ٻڏڻ آهي. مرهٽي ٻولي ۾ بہ ٻُڏوٽي آهي. پراڻي هندي ۾ بہ ڊُبئم آهي (تہ ٻوڙنا بہ). [203/34] ان ڪري سنڌي جو ٻڏ يا ٻَڏڻ صحيح ٻُڏوٽي آهي. هن مان ئي ٻوڏِ جڙيو آهي معنيٰ ندي جي اُتل ڪائي پَٽَ ٻوڙڻ.

**ٻاٻو-** اڏيرو لال (جهولي لال) جي ٿان جو پوڄاري، رکوالو. هيءُ بابا جي بگڙيل صورت آهي.

**ٻتڪو-** اَڻ تڻ، ٻتِ- ٻت، تڪڙ، اُبهرائي. ڪير ڪجهہ ڪندو يا چوندو ۽ اهو هر هر تڪڙ ۾ چوندو تہ چئبو تہ، "بس ڪر ٻتڪو تہ ڪونہ ٿيو اٿئي." يا "جو اچي ٻتڪي ڪنيو اٿئي." البت ٻار کي ڪُٽيءَ ۾ خارش ٿيندي هئي تہ ان کي ٻتڪو چئبو هو. ٻار، بس ڪري، چپ ڪري نہ وهندو،هيڏانهن هوڏانهن هٿ چراند ڪندو تہ چئبو " ڪهڙي ٻتڪي اچي ڪنيو اٿئي."

**ٻاڙَ-** چِڪ، خواهش، ڪشش، چاهہ. ٻيڙي ڇڪڻ جي ٻاڙ لڳڻ. "يار ٻيڙي تہ ڏي،ڏاڍي ٻاڙ لڳي آهي."

**ٻيتَ-** ڄاڻ، خبر، گمِ، اندازو، سَڌِ. "ڪا ٻيتَ پوئي ٿي،ڇا ٿو ڪرين". "يار، ٻيت (گمِ) تہ پوئي ڪانہ ٿي."

**ٻَڙِي-** ڙالن جو هڪ لفظ،جيڪو حجت سان ڪنهن ساهيڙيءَ کي چونديون، "ٻَڙي (يا ٻَري) ڪڏهن پير ڀري منهنجي گهر تہ اچ."

**ٻَنڙي-** ڪنوار (گهوٽ لاءِ ٻَنڙو). هي رواج راجستان جي ڪَجَرل (هندي ڪنجر) ۾ بہ آهي،هو ٻنڙيءَ بدران بينَڙي چوندا آهن. [26/451] هڪ لوڪ گيت ۾ اهو ٻَنا (بنو- ٻنڙو) ۽ ٻَني (ٻَنڙي) چيو ويو

آهي. [69/7]

**ٻوڪَ**- وچير ڳالهائڻ. چئبو هو، ”تو چو وري وچ ۾ ٻوڪ ڏنو.“ (ڳالهايو) ٻوڪَ **ڪرڻ يعني اجايون ڳالهيون ڪرڻ.**

● ٻتا اکر: ٻار- ٻچو، ٻار- ٻچا، ٻوڙ- ٻوڙان، ٻوڙ- پلاو، ٻهاري- سهاري، ٻڌ- تر، ٻتِ- ٻتِ، ٻاڪر- ڪتو، ٻوڏ- ڦوٽ، ٻڪر ٻوساٽ، ٻالو- ٻولو.

# پ

**پاڳيو**- پاڳ وارو، مالدار، گائين/ مينهن وارو. کير جو برتڻ.

**پيٺي**- پڄڻ، پهچ، حد. "هن سان پُڄڻ جي پيٺي ڪانهي."

**پڏو**- خراب، ٺيڪ نہ، غلط، اڻ وڻندڙ. "ڪم تہ يار ڏاڍو پڏو ڪيو اٿئي"، يعني خراب يا بُڇڙو ڪم.

**پَنَڙُ**- رُئڙ پتڙ، ڪٽ پٽ، گوڙ، ضد. "اجايو ڪٽي پَنَڙُ مچايو اٿئي"، يعني گوڙ يا ڪٽ- پٽ.

**پانهء**- وڻڻ، ٺهڪندڙ، پانئن، دل واري چيز. "هي نہ ڪاءُ توکي پانئن ڪونہ پونڌو." يعني نہ وڻندڙ يا نيڪ نہ لڳندو.

**پَيپُ**- پيٽ، پيٽ جي تولهہ. "وجهہ پَيپُ ۾"، "پَيپُ ٻاهر نڪري آيو اٿئي"، يعني پيٽ جي تولهہ.

**پينگَ**- سَڃ، ڪُتلائي، پئسو نہ هئڻ، وسيل هٿڻ خالي ٿيڻ. "پئسو وڃائي پينگَ تہ ڪئي اٿئي" يعني ڪُتلائي. "گهر خالي هو، پينگَ لڳي پيئي هئي"، يعني سَڃ.

**پَنيُرڪو**- صبوح جو سويل، مُنهن اونداهي. "پنيرڪي جو اٿڻ"، يعني صبوح جو سويل.

**پَتاري**- پتاري، سَئي گانء، مينهن ۽ زال جيڪا ڇم گهڻو ڪري يعني گهڻا ٻار ڄڻي، مٺي زال. عام طور ڳؤن يا مينهن کي پيارمان پتاري چيو ويندو آهي.

**پيڙڻ**- پيڙڪڻ، بند ڪرڻ. "در چگيءَ طرح پيڙي ڇڏ" يعني بند ڪري ڇڏ.

**پَتارُ**- مڙس، گهوٽ، جيڪو زال کي سڻيءَ طرح پالي. سنڌيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن دوست کي به چئبو هو "آ پوٽارا ڪٿي آهين؟ يا "نه پوٽار، ائين ڪيئن ڪندس" (هتي پوٽار مالڪ- زميندار لاءِ آهي). هن جو بنياد سنسڪرت پَرتِر معنيٰ مڙس آهي. پراڻي گجراتيءَ ۾ پَرتار آهي، [18/61] ڪنڙ ٻوليءَ ۾ پَرتاره معنيٰ مالڪ آهي. مڌيه پرديش جي بستر ايراضيءَ ۾ نَٽَ ناچ وغيره ڪندڙ به پاڻ کي پتار يا پتارا سڏائيندا آهن. [25/341]

**پٽ**- واريءَ جو دڙو، مٿاهون ٽڪر، ڊير جهڙي ٽڪري. هنديءَ ۾به پٽ ان معنيٰ ۾ آهي. جيئن پيلي پٽ (شهر جنهن کي پيلي پٽ چيو ويندو آهي). [18/318] جيئن سنڌ ۾ "شاهه جي پٽ". بنگال ۾ به پٽ معنيٰ دڙو آهي، جيئن "وترا گر پٽ". [5/461]

**پڳت**- هڪ قسم جي ناچ گاني جي ڊرمي مجلس. سنڌ ۾ رواجي طرح هڪ پڳت ڪا آڪاڻي ڪندو، سندس سامهون ڇيڙي تي ٻيو پڳت يا ٻولڙي ٻيٺو هوندو هو. جيڪو ڪيس سُر وٺائيندو يا جواب ورائيندو ويندو. وچ وچ ۾ ڪافي گيت به ٿيندو هو. هندو ۽ مسلمان هن ۾ شامل ٿيندا هئا ۽ رات جو هڪ بجي تائين ٻڌندا هئا. هتي هردوار ۽ ڪنکل (يو پي) وغيره شهرن ۾ پڳت ۽ ڪڙي ٻوليءَ ۾ سانگ نالي اپينئيه (ناٽڪ) ٿيندو آهي، ان کي به پڳت چئبو آهي. هاڻ ته پڳتَ يا پڳتِ جي معنيٰ ئي مردار تي ويئي آهي. ٺڳ به پڳتُ، ڪا سازش، سا به پڳتِ. سملي طرف جيڪا پڳت ٿيندي آهي، ان ۾ پڳت کي ڊگهو اچو جامو ۽ مٿي تي پڳَهَه‍ُو ٻهو سنڌي پڳت جهڙي ٿيندي آهي. هت ڪٿ ۽ نچڻ سڀ ان جهڙو آهي. ٿي سگهي ٿو سنڌ ۾ ڪجهه اتان اتر پرديش مان اهو سڀ سانگ سوڌو پهتو هجي.

**پونڊو**- ٻُجو، هٿ جون پنج ئي آڱريون کولي، هٿ ڌڳهو ڪري وڌائي، ڪنهن جي سامهون ڪرڻواري حرڪت کي پونڊو چئبو آهي؛ جنهن جي معنيٰ خراب ۽ بيعزتيءَ جو باعث ۽ چڙ ڏيارينڌڙ آهي. گجرات ۾ ان جو مطلب خراب، گار ۽ گندو آهي.

**پَنڊُ**- ضدي، جيڪو ڳالهه جي پڇر نه ڇڏي، گهري ته جيسين نه ملي، جند نه ڇڏي. هنديءَ ۾ پانڊُ معنيٰ مسخرو، نچيءَ ڳائي، گذر ڪندڙ لوڪ. اهي به ڪجهه وٺڻ ۽ ملڻ ڪانسواءِ هٽنداءِ ويندا ڪونه ۽ انڪري اهو پانڊُ سنڌي لفظ پَنڊَ جو بنياد آهي.

**پاڻِيا**- سنڌين ۽ ڀارت ۾ هڪ خاص ذات- گروهه آهي، جيڪي پاڻ کي پاڻيا سڏائيندا آهن. هماليه جي ڀَر ۾ 'ڀوٽ' لوڪ رهندا آهن. ٿي سگهي ٿو سندن بُنياد اتي هجي. هن تي وڌيڪ پنهنجي ڪتاب "قديم سنڌ" ۾ لکندس. هي سنا واپاري ۽ وئشنومت (فرقي) جا مڃيندڙ آهن. اولهه بنگال ۾ "راجبُنشي" قبيلو رهندو آهي، جن ۾ "پاڻيا" معنيٰ ٻاهريون يا پرديسي آهي. [415]

**پَلا**- خوامخواه جيئن "پلا، ٻُڌ ته،" "پلا. هيڏانهن ته اچ،" "چئه پلا، "پلا هي ڪم ڪندو اچج" وغيره. هونئن پلو معنيٰ پلائي آهي. جي ائين چئجي ته پلا ان پلائي جي ننڍي صورت آهي ته؟ جيئن: پلائي ڪري ٻڌ ته، "پلائي ڪري هيڏانهن اچ ته" جي بدران ٿوري ۾ ائين چئجي، "پلا ٻڌاءِ ته" ائين به ٿي سگهي ٿو.

**پِيلَڻُ**- لتوڙڻ، گڏڻ، زيان ڪرڻ، وڃائڻ. هڪٻئي ۾ گڏي خراب ڪرڻ، لتاڙڻ اناج وغيره کي.

**پينگَ**- سُج، وڏو نقصان، ڪٽل، ٻار ڪو نقصان ڪري ته چئبو، "ڪيئه پينگ؟" ، "گهر ۾ ڇا آهي، رڳو پينگ/سج ته لڳي پئي آهي". سُجو ٿيندڙ کي پينگيو چئبو آهي. ڪو ڪنجوس يا تور سُڪي (پوري) ڏيندو ته زالون چونديون، "مئو پينگيو، توري ڪيئن ٿو."، "پينگيو ته

ڪونہ آهين" (ڪٿل) "ڪائي خرچي پئسو وڃائي، هاڻ ٻينگيو ٿيو گهر ۾ ويٺو آهي."

● ٻٽا اکر: ٻگت- ٻاءُ، ٻچ- ڏاھ، ٻاجي- ٻتو يا ٻُڪو، ٻنگَ- ٻگڙو، ٻاٽي- چارو، ٻنڊ- ٻيٺي، ٻاءُ- تال، ٻوڪ- بصر، ٻَلي- ٻُلائي، ٻلو- برو.

# ت

**تانگهہ**– انتظار، اونو، بار، ڪم. ”سڀ جي تانگهہ لاهي واندو ٿي.“ ”بس، گهر جي تانگهہ لاهي ٻي اوني ٿي آهيان.“

**تمڻ تتو**– اُپانڌي ڪندڙ، گوڙڪندڙ، پيچ ڊاهہ ڪندڙ، ٻار ڪنهن ڳالهہ تي ضد ڪري گهر جا ٿپڙ اُٿلائيندو ڪندو تہ ماءُ چوندي: ”مُئا ڪو تمڻ تتو آهين.“

**توائي**– وائڙو، ٻي خيالو، مورڳو نہ سمجهندڙ. ”توائي تہ ڪونہ آهين“، ”اڄايو وائڙن جيان توائي ٿيو ويٺو آهين.“

**تيوڻ**– ڀاڄي، تيوڻ، گوشت. پراڻي سنڌيءَ ۾ تيمڻ معنيٰ سفر ۾ ڪاڌي پيتي جو ڪنيل سامان هو. راجستاني ۾ تيمڻ معنيٰ تينوڻ يعني ڪاڌي جي ڀاڄي. سنڌيءَ ۾ تيوڻ فقط گوشت (ڪچو خواه رڌل) چئبو آهي. ”چڱو اڄ تيوڻ وٺي اچج“، ”اڄ تيوڻ رڌو اٿئون.“ معنيٰ گوشت. هن جو بنياد سنسڪرت تيمنم معنيٰ چٽ پٽو (چهرو) ڪاڌو، چٽڻي يا مسالو. تينوڻ ۾ مرچ مصالحا جام پوندا آهن،ان ڪري تيمن جو تيمڻ ٿي تيوڻ مشهور ٿيو آهي. البت معنائون وقت ۽ حالتن ڪري بدليل آهن [13/340]. امرڪوش (سنسڪرت ڊڪشنري) ۾ تيمن کي ڪڙهيءَ جو هڪ نالو (قسم) ڄاڻايل آهي.

**تاهري**– مٺا چانور، چانورن ۾ ڳڙ وجهي رڌڻ، سائي تاهري،سنڌ ۾ چنڊ جي ڏينهن ڳڙ سان ٺهيل چانور يعني تاهري ڪٺي شام جو ٻاهر ايندي ويندي ۾ ورهائبي هئي. اڏيري لال جي ٻهراڻي وقت تاهريءَ جي ديڳ لهندي هئي،جيڪا سيني (هندو- مسلمانن) ۾ ورهائبي هئي.

مهاراشٽر ۾ بہ تاهري آهي. هنديءَ ۾ ٿهَري معنيٰ ڪچٽي يا ڀيني (ڀاڄي) جي وڙي آهي.

**تيرهہ تالو**- نخريلو، کل- مسخري ڪندڙ. سنڌ ۾ ڪو ائين نخرا ڪندو هو تہ زالون چونديون "ڪو تيرهہ تالو آهين ڇا؟" اصل ۾ هي راجستان جو هڪ قديم قبيلو آهي،جيڪي بازيگرن جيان رانديون، ناچ- نخرا ڪندا آهن [15/179]. هڪ راند ڇڏي وري ٻي ڪندا. سنڌ ۾ بہ ان طرح ڪير هڪ نخرو ڇڏي ٻيو ڪندو تہ بہ زالون چونديون؛ "مُئا ڪو تيرهہ تالو آهين." راجستان ۾ ٿي تير تالو نالي هڪ لوڪ ناچ آهي،جنهن ۾ ناچ ڪندڙ زالن جي ٽنگن ۾ گول ننڍين گهنڊڙين جي قطار ٻڌل هوندي آهي، جنهن جي نچڻ تيَ تال ٿيندو آهي. جيئين ۾ وري هڪ فرقو آهي،جنهن جو نالو "تيراپنٿي" آهي.

**تِيسو**- ضد، ڪِٽ- پٽ، ڪنهن ڳالهہ تي اِٽ هٺي ٻيهڻ. هن جو بنياد سنسڪرت ترشنا معنيٰ خواهش، لالچ، اُڃ، پياس آهي،ان جو پراڪرت تِيسنا آهي. ٻار ڪنهن ڳالهہ تي يا شيءِ وٺڻ تي ضد ڪري ٻيهندو تہ ان کي "تيسو ڪرڻ" چئبو آهي يا "اجايو تيسو پيو ڪرين."

قديم سميرين ٻوليءَ ۾ تُسوُ (Tusu) معنيٰ وڙهڻ، جهڳڙڻ ڇاهي لڙائي ڪرڻ بہ آهي [54/8].

○ **توَلُ**- تلهو وهاڻو (ٽيڪ ڏيڻي وهڻ لاءِ). هي اڪثر اوطاقن ۾ رکيو هو، جتي مهمان وغيره اچي ٽيڪ ڏيئي وهندا هئا. هن جو بنياد سنسڪرت ۾ استوَل معنيٰ تلهو آهي. ٻيون لفظ توَل بہ سنسڪرت جو آهي معنيٰ ڪپهہ. ٻنهي حالتن ۾ تول سنسڪرت جو بگاڙ آهي. عربيءَ ۾ "طوَل" معنيٰ ڊگهو. ٻر ڇا ڊگهو؟ جيتوڻيڪ توَل (طوَل) ٿيندو بہ ڊگهو آهي،مگر ان جون مکيہ گهرجون سنسڪرت ۾ آهن. ان ڊگهي وهاڻي ڪري عربيءَ ۾ توَل مان طوَل ٺهيو آهي.

**تَڙِڪو**- صبوح جو سويل. " صبوح جي تڙڪي (سويل) آتيم. "
**تَڙَ**- مصريءَ جي ٽڪري يا سوپاريءَ جو ٽڪرو، ٻئي وات ۾ وجهي چوسبيون آهن. مصريءَ جي تڙ کنگهه لاءِ سٺي آهي تہ سوپاري جي تڙ ڏاڻن کي اڇي پاڻيءَ لاءِ اڪسير آهي (خاص ڪري پراڻي سوپاري). تڙ جي معنيٰ ٽڻ سمجهڻ گهرجي يعني پيچي ٽڪريون ڪري ڪاٽڻ معنيٰ تڙ ڪاٽڻ.

**تَرِڪاري**- ڀاڄي، رڌل ڀاڄيءَ جي رس، يا گوشت. هن جو بنياد فرينچ لفظ ٽروڪر (Troquer) آهي، جنهن مان انگريزي لفظ ٽِرَڪ (Truck) نڪتو آهي. فرينچ ۾ ان جي معنيٰ آهي ڏي وٺ يا بدل سدل. اهو ڦهليو آميريڪا ۾، جتي اتي جا مول نويس (ڳاڙهن هندن) کي ڪجهہ ٻيو گهربل سامان ڏيئي، ان جي بدلي ۾ انهن وٽان ڀاڄيون ڏي وٺ (Barter) طور ڪندا هئا، جو تہ اتي ڀاڄيون ۽ ڦل بيحد گهڻا ٿيندا آهن.

ان ڪري انهن ڀاڄين- ڦلن جو بدل سدل واپار يعني"بارٽر" ڪرڻ کي ئي فرينچ ۾ ٽروڪر (Troquer) چئبو آهي. سو ڀاڄين لاءِ اهو " ٽروڪر" لفظ اصطلاحي طور مروج ٿي ويو ۽ هتي بہ فرينچن جي وقت ڀاڄين لاءِ ٽروڪر جو ترڪاري چالو ٿي ويو، جيتوڻيڪ اهو عام ڪونہ هو، خاص ڪري سنڌ ۾ مسلمان ئي اهو لفظ ڪتب آڻيندا هئا. شايد رس واري ڀاڄي گوشت لاءِ پر فقط رڌل نہ ڪِ ڪچي ڀاڄي. [13/1]

**تَڙي**- دڙڪو، دٻ، دهمان، ڏمڪائڻ، دٻائڻ. ٻار کي يا ٻئي ڏنگي کي نہ سمجهڻ تي زور سان دڙڪو ڏبو هو يعني تَڙي ڪڍبي هئي.

**تُڙڳڻَ**- پاڻي يعني نديءَ واهہ يا تلاءَ ۾ گهڻو سنان ڪرڻ (وهنجڻ). اتي بہ تڙي ڪڍبي هئي تہ " هاڻي بس ڪر، گهڻو نہ تُڙڳ. (ترڻ)"

**توڪي**– تون يعني مان نہ، پر تون.ان طرح مونکي نہ،پر توکي. نِماڙي قبائلي ٻوليءَ ۾ بہ تَمک معنيٰ توکي ۽ موٓک يا مَهک معنيٰ مونکي آهي. [7/584] خانہ بدوش جپسي بہ تُکي (توکي) چوندا آهن. [7/369]

تَنجَڻُ– سنهي صاف ڪپڙي جو هڪ ڊگهو ٽڪر جنهن مان نئين ڄاول ٻار کي ننگون، ٻانهون ۽ سڄو بدن وغيره ويڙهي ٻڌبو آهي، جيئن ٻار جو ڪوبہ عضوو اجائي چُرپر نہ ڪري،نازڪ هئڻ ڪري ڪٿي وڏو نہ ٿي پوي. ٻيو تہ ننڊ ۾ جي ٻانهن يا ٽنگ ڇڏيل تي چرک پريائين تہ اهو سندس ننڊ ۽ صحت تي اجايو اثر ڪندو، ان ڪري ٻار کي ان تَنجَڻ ۾ ضرور ٻڌي سمهاربو آهي.

● ٻيا اکر: ترڪ- ٽال، تپ- تاءُ، تڙو- ڪڙو، تڙو- تڪڙو، ٿريو- تکيو، تور- تڪ، تيڪ- تيڪان، تٿان- ڀٽان، تڏو- تؤنئري، تڙ- تڪڙ ، تيوڻ- تلو، تڙي- ڪڙي،

## ٿ

**ٿلهو**- متارو، بدن ۾ پريل، پيٽ وڏو ٻاهر نڪتل. هن جو بنياد سنسڪرت اسٿول معنيٰ ٿلهو آهي. گورکناٿ سميردايہ (فرقو) نيپال ۾ آهي، ان فرقي جي مشيندر ناٿ (مڇندر ناٿ) کي ٻن قسمن جو ميڄيو ويندو آهي. هڪ ٿلو ۽ ٻيو سان/ سانو. مگر هتي معنيٰ وڏو ۽ ننڍو آهي، جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ ٿلهو ۽ سنهو آهي. ٿي سگهي ٿو هن نيپالي ٿلو جو يورپ ۾ ٽال (Tall) لفظ بڻيو آهي،جيڪو اتي وڏو (ڊگهو) ۽ وڏي درجي واري معنيٰ ۾ آهي. ان ڪانسواءِ يورپي ٻولين ۾ ان Tall جو بنياد آهي ئي ڪونہ.

**ٽوپي**- ڀڪل مٽيءَ وغيره جو ٿلهو ٿئو،جنهن تي ٿلهي ماني (ڍوڍو ، ڍڳڙ وغيره) پچائي ويندي آهي. هي مسلمانن ۾ اڪثر هئي، باقي هندن ۾ ڪن خاص موقعن تي ٿلهي مٺي ماني پچائي ويندي هئي. يهودين ۾ بہ ان ٽوپيءَ جو استعمال ٿيندو هو. فرق اهو آهي جو هو اول ماني، ڪيڪ، ڪوڪيون،ٽڪي ، ويلي ٽوپيءَ تي رکي،پوءِ باهہ تي پچائڻ رکندا هئا. جيئن بيڪرين وارا بريڊ (ڊبل روٽي) وغيره پچائيندا آهن. پر سنڌ ۾ ٽوپيءَ تي هڪ، هڪ ڪري ماني ٽڪي پچائي ويندي آهي. [411/89] ائين ٽوپيءَ جو رواج اڄ جي تهذيب کان آزاد لوڪن ۾ اڃا بہ آهي.

**ٽاروَن**- شڪروار، جمعو (پراڻي حساب موجب ڇهون ۽ اڄ موجب هفتي جو پنجون ڏينهن) ڪڇي ٻوليءَ ۾ ان کي ٽاور چئبو آهي، جتان ئي ٽاور، ٽانور نالو هندن ۾ آهي. [8/51]

**ٽيڙ**- ٻَڪَرَ، ٻڪريءَ جو مذڪر، ٿلهو، متارو [2/651]. سنڌيءَ ۾

ڪنهن جوان کي ٿلهو، متارو ڏسي چئبو هو "ٿلهو جهڙوڪ ٿيڙ يا ٿيڙُ." ٻوڌ مذهب وارن ۾ ٿيرٻائي کي چئبو آهي.

**توٽِر**– سوچ، اکين جي ٻاهران يا ٻئي ڪنهن عضوي تي ڌڪ لڳڻ سان سوج ٿيڻ تي "اکين تي توٽَر ٿي پئي اٿئي" چئبو هو.

ٿاڦ– گول ٿلهي، مينهن جو ڇيڻو گهڻو لهندو آهي. هڪ ئي وقت گول ڍير لاهيندي آهي تہ ان کي ٿاڦ چئبو آهي.

**ٿاڻو ۽ ٿان** – اڏيري لال وارن جي مندر کي ٿان چئبو آهي معنيٰ مڙهي بہ. هڪ هنڌ نڪاٽو ڪري وهڻ کي ٿاڻو چئبو آهي. هن جو بنياد سنسڪرت استان معنيٰ هنڌ ، نڪاٽو آهي. پوليس جي چوڪيءَ کي بہ ان ڪري ٿاڻو چئبو آهي.

● ٻتا اکر: ٿلهو– متارو، ٿڏي– ڪوسي، ٿڪَ– ٿنين، ٿڪَ– ٻني، ٿَڪي– ٿني، ٿڌو– ڪوسو.

# ٽ

**ٽوٽي**– سست، ڪم پورو نہ ڪندڙ يا ڪيپائيندڙ، آلسي، ڪم چور، ڪو ڪم نہ ڪندو تہ چئبو هو ”ڪو ٽوٽي آهين“ يا ”اهو ٽوٽي (سست)اٿئي.“

**ٽان ٽان** - اجايو ڳالهائڻ، ڏيکاءُ، اجايو پاڻ پڌائڻ لاءِ گهڻو ڳالهائڻ. ”چڱو بس ڪر اجائي ٽان ٽان لڳائي ويٺو آهين.“

**ٽوڙهو**– رسو، نوڙي، ڏاڳو ٽلهو.

**ٽوُرو**– بيشرم، اگهاڙو، پاڻ پڌرو ڪرڻ، وچم اچي بيهڻ. ”سڀ هنڌ ٽوُرو ٿيو بيٺو آهين“، ”هاڻ پاڻ ٽوُرو نہ ڪر.“

**ٽِنڊِسُ**– ميهـو (پاڇيءَ جو قسم- گول- گول سائي رنگ جو) هنديءَ ۾ ٽِينڊا چئبو آهي.

**ٽانگو**– ٽہ رنگو يعني ٽي عضوا (ہہ ڦيٽا ٽيون گهوڙو– ٽہ+ رنگو= ٽانگو).

**ٽانڊو**– ٻريل اڱر يا ڪوئلو، ٻنا دونهين ٻريل باهہ جو ڍير. هن جو سنسڪرت بنياد تاندر معنيٰ باهہ. ڪلاسيڪي ناچ جو قسم تانڊو– نِرتيہ.

**ٽَنڊو**– ڳوٺ، جهنڊ، ميڙاڪو. سنڌ ۾ ان مان جڙيل گهڻيئي شهر- ڳوٺ آهن جهڙوڪ، ٽنڊو جام، ٽنڊو آدم، ٽنڊو الهيار، ٽنڊو باگو وغيره.⊛

جينين جي ڪتاب ۾ ٽانڊو لفظ اچي ٿو معنيٰ جهنڊ، ميڙاڪو. [24/251] برٽن ان کي هڪ ڪوٽ (ديوار) وارو شهر چيو آهي.

[27/220] حيدرآباد دکن طرف لمباڙا يا لمباڙي نالي هڪ قبيلو

⊛ ٽنڊو ٽنڊين ڇانوڻين کي چئبو آهي. ٽالپرن جي سپہ سالارن جا ڳوٺ ٽنڊ اسڏ باهڻا، ڇوتہ هر سپہ سالار وٽ مختصر فوجي جٿو هوندو هو. (تاج)

رهندو آهي،جيڪي اتر ڀارت کان ڪنهن زماني ۾ اتي ويل آهن، تن جي هر وڏي پنچات کي ٽينڊا (Tenda) چيو ويندو آهي. [60/178]. ڇوٽا ناگپور (بهار) ۾ هڪ بِرهور (بروهي) قوم رهندي آهي، جنهن جي مکيه هنڌ کي ٽنڊا چئبو آهي. [50/642] ٻنجارا (خانہ بدوش) قبيلي ۾ هر پنچات کي ٽانڊي چيو ويندو آهي. [76/62]

ظاهر آهي تہ هي فقط سنڌي لفظ نہ ٿي ڪري هڪ قديم لفظ آهي، معنيٰ ڪهڙي بہ هجي،مگر مطلب ساڳيو آهي سيني جو. يعني پنچات، قبيلي کان وٺي ڪوٽ وارو شهر. هتي اهو ڏيان ۾ رهي تہ بنجارن (سنڌي وڻجارا) جا مالوا (مڌيہ پرديش) ۾ ٽي قبيلا آهن: لبانا (سنڌي لٻاڻا)، بامنيا (سمن ۾ بامنيا نالو هو)۽راجپوت بنجارا. ٿي سگهي ٿو انهن مان ڪوبہ قبيلو (يا سڀ) سنڌ ۾ آيو/ آيا ۽ هنن ان نالي جو استعمال ڪيو ۽ ٽانڊا رکيو، جو بعد ۾ سنڌ جي مسلمانن انهن ٽي پنهنجي سردار جو نالو رکي،ان کي ٽنڊو ڄام وغيره ڪيو هجي، يا اگر سنڌ جو نج لفظ هجي تہ سنڌي هندن لڏ پلاڻ ۾ پراڻي زماني ۾ ڦهلجندي ان جو استعمال ڪيو هجي.

**ٽَلَ**- اٽڪل- ترڪيب. ڏاهپ. ڏاهپ سان ڪم ڪرڻ. ٿي سگهي ٿو خود "اٽڪل" جي بگڙيل صورت ٽَلَ ٿيو هجي. ان جي اُبتڙ آهي اَٽلي معنيٰ ساهمي يا تور ۾ وڏيڪ ڏيڻ.

**ٽيلو**- تخت. مٿاهين جاء، دڙو، ٽڪري وغيره. موُل جي ڄاڻ ڪانهي،پر اولهہ ايشيا ۾ اهو ٽيل (Tel) معنيٰ ٽڪري يا مٿاهون هنڌ مشهور آهي. جهڙو "تيل-ال- امرنا" يا اسرائيل جو "ٽيل اويو" (Tel Aviv) يعني چشمي واري ٽڪري. [41/921] هتي تيل يا ٽيل معنيٰ دڙي بہ آهي.

**ٽَڏُ**- جُهنڊ يا ڌڻ،چوپاﺋي مال جو، چوپائي مال جو ٽَڏُ.

**ٽوڪو**- ٽَڏو (ڇت مٿان ڍڪڻ لاء) جيڪو سَرن مان ٺهيل هوندو

تائين تہ چالو هو، پوءِ ڏيري  ڏيري غائب ٿي ويو،جو سڪو ئي بدلجي ويو. هن ۾ شد(خالص) تامو هوندو هو. هن تي هڪ اصطلاح آهي "ٽڪي جو نوڪر يا ماڻهو" يعني"خسيس شخص"۽ "ڪَسيري جي ڪُتي ٽڪي جا ڪائي نانَ." ٽَڪي جي ڪُتي چار پئسا ڪِهلائي

ٽڪو اڳي هنديءَ ۾ ٽِبو هو. ڪنڙ ٻولي ۾ ٽَنڪ آهي. [221/35] مغلن جي زماني ۾ ٽنڊي ۾ ٽنڊو سڪو جيتل هو،جيڪو اصل ۾ دهليءَ جي حڪومت جو هو. اڪبر ان کي وڌائي پنجن جيتلن جو ڪيو ۽ ان جو نالو ٽَنڪي هو. [35/143] هن وقت بنگلاديش جو سڪو ٽڪا آهي، مگر ان جو ملهہ گهٽو وڏيڪ آهي.

**ٽُنڊو**- ٽيڏو- ڪُبڙو. ڪمر جهڪي ڪري جهڪائي هلڻ. وڏي عمر يا ڪنهن حادثي ۾ ڪمر تي اثر ٿيڻ تي اها سڌي نہ ڪري،ٽورو اڳ طرف جهڪائي هلڻ.

● ٻيا اکر: ٽَهل- ٽڪور، ٽوپو- ٽڙو، ٽُڪر- ٽانيو، ٽورو- ٽپو، ٽَرْ- ٽر، ٽَهہ- ٽهہ، ٽيرو- مٽيرو، ٽڙ- ٽپڙ، ٽڙيل- پکڙيل، ٽِٽ- ٿوس، ٽَپَڙ- ٽرهو، ٽڪو- پئسو.

# ٺ

**ٺينڊي**– مٽيءَ، ٺڪر وغيره جي برتن ۾ سنهو ٿنگ، جنهن مان پاڻي وغيره پيو وهندو آهي، ان کي ٺينڊي وهڻ چئبو آهي. ڦٽ– زخم مان رت گهڻو وهڻ کي بہ ائين چئبو آهي: ”رت ، ٺينڊيون ٿي پيو وهي.“

**ٺنيءَ**– صفا ٺري وڃڻ، تمام ٿڌو، ڄمي پوڻ. ڪاڏو وغيره گرم ٿانو ۾ رکيو هجي،دير سان ڪائجي،تيسين تہ صفا ٺري ويندو تہ چئبو ”ڪاڏو تہ ٺري ٺني ٿي ويو.“ هن جو بنياد سنسڪرت ٿشمين معنيٰ ڄمي پوڻ. ڄمندو اهو جيڪو ٿڌ ۾ پاڻي وغيره رکيل هوندو، اِن ڪري چئبو آهي ٺري، ٺني ٿيڻ.

**ٺالهو**– هڪ ئي وقت، سپ، جام. چئبو آهي: ”ٺالهي ٻڌو“ مال يا ٻيو ڪجهہ.

**ٺونگو**– ڏسٽي آگر کي موڙي ان جي پٺ سان مٽي وغيره تي ٺونگا هڻڻ. ٺٺون ٺڪر جو مٽ يا دلو ونبو آهي تہ ان ٺونگي سان ٺوڪي سڄو ڏسي پوء ونبو آهي. ڀڳل هوندو تہ ٺونگي هڻڻ سان آواز ٻڌرو ٿي پوندو آهي. ڪانءُ (ڪانگ) ڪاڏو اڳيان رکيل ، چهنب هڻي (ٺونگو هڻي) کڻي ويندو آهي يا جلد يعني ٺونگو هڻي کسڻ، جيئن ڪانءَ ٺونگو هڻي ائين کڻي ويندو ڪاڏو، جو هڪلڻ ۽ سنڀالڻ کان اڳ اڏامي ويندو يعني جهٽ ڏيئي کسڻ. گجراتي ۾ بہ ٺونگو آهي ۽ هنديءَ ۾ ٺونگ آهي.

**ٺاڪرُ– ٺڪرُ**– هندن جي پوڄا جي چيز يا چيزون ۽ اڏيري‌لال جو پوڄاري،سنڌين جو گرو ٺڪر. هي لفظ نہ پارت جو آهي، نہ سنسڪرت جو. جيتوڻيڪ پارت ۾ عام طرح مروج آهي. پارت ۾ هيءُ

نالو چڱو پراڻو آهي، مگر ان جو استعمال جُدا  جُدا طرح ٿيندو آهي. نيپاليءَ ۾ ٺاڪر (مالڪ) ۽ ٺاڪراڻي (مالڪڻ) جي صورت ۾ واهپو آهي. نوڪر پنهنجي مالڪ کي ٺاڪر چئي سڏيندو آهي، پر سردار طبقي جا ڪٽنب ٺَڪُرَ سڏبا آهن. ڪشمير ۾ لوهر (لوهاڻا؟) ذات جا ٺڪر آهن [38/70]. ڪانپور ۾ ڪجهه وئشيه (واڻيا) ڪٽنبن ۾ حجام کي "ٺاڪر" چيو ويندو آهي. ڪٽي (شينام) وري ٺاڪر ۽ حجام هڪ برابر آهن. آسام ۾ ٺاڪر ٻانڀڻ کي چئبو آهي. بنگال ۽ اُڙيا (اوڙيسا) ۾ به ائين آهي. ڪي راجپوت به پاڻ کي ٺاڪر سڏائيندا آهن. پنجاب ۾ زميندار کي ٺاڪر چئبو آهي. گجرات ۾ ٺاڪر، ٺاڪور ته هڪ چڱو آدم آهي. جهڙوڪ مشهور گوئيو اونڪار ناٿ ٺاڪر. مرهٽن جي اتر ڪوتڪڻ ايراضيءَ ۾ هڪ جاءِ ٺاڪر آهي، جنهن جي مکيه صورت "ٺڪر" آهي. پراڪرت ۾ ان جي معنيٰ کتري، راجپوت، ڳوٺ جو نيتا، مکي، مکيه، يعني مالڪ، جينين جي ڪتابن ۾ ٺکُر آهي. ڀارت جي پراڻيءَ ساهت ۾ ان لفظ جو استعمال ائين صديءَ جي لڳ ڀڳ مجيو وڃي ٿو.

فرينچ عالم سلوين لبويءَ ٺاڪُر لفظ جو بنياد ترڪي لفظ تيگن، تيکيه يا تينگن مان ثابت ڪيو آهي. شري سُنيتي ڪمار چٽرجي به ان طرح مڃي ٿو. هڪ وڏو عالم شري پڌ پرڪاش ان کي ترڪي  لفظ توگار تان ٺاڪر (ٺکر) کي ثابت ڪيو آهي [384/276] ۽ اهو وڌيڪ درست لڳي ٿو يعني ان جو بنياد ترڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي. جيتوڻيڪ مان اڳي ترڪي لفظ تگِن تان ٺاڪر مڃيندو هوس،جنهن لاءِ مون وٽ قيمتي مثال هو ته تگِن جو ٺاڪر ڪيئن ٿيو. بنگال جو مشهور شاعر ۽ مفڪر رابيندر ناٿ ٺاڪر آهي،مگر انگريزي ۾ ٺ نه ٿيندي آهي، ان جي جاءِ تي ٽ رکندا آهن. ٽ جو وري ڪ سان ميل ڏکيو لڳو،ان ڪري هنن ان ٺاڪر لفظ کي ٽئگور بڻائي ڇڏيو. ان تي سوچيم ته جڏهن ٺاڪر ٽئگور ٿي سگهي ٿو ته پوءِ تگن جو ٺاڪر ٿيڻ ته سولي ڳالهه

دادو ضلعي (سنڌ) ۾ "واهي پانڌي" ڳوٺ آهي.

**پَڄُرَڻُ**- پڄڻ، پوسرڻ، سڙڻ، ٻرڻ، باھ ٻرڻ. (اگر اجا ٻجريائي ڪونهن يعني باھ اجا ٻري ڪانهيءَ. ڪاوڙ لڳندي ڪنهن کي سچ چوڻ تان چئبو "اجايو ٻجرين ڇو ٿو. سچ ٿو چئي تہ باھ ٿي لڳيئي." يعني چڙَنُ.

**پؤنستِ**- هڪدم، اتي جو اتي، ترت. "هي ڪم پؤنست وجي ڪج."

**پُختو**- پڪو، مضبوط، ڏاڍو. "هي پختو آهي" معنيٰ ڦرندو ڪونہ ڳالھ تان يا هي ڏاڍو آهي. هن جو بنياد سنسڪرت پشٽ معنيٰ مضبوط آهي. براهميءَ ۾ هن ش جو بگاڙ ک ٿيندو آهي.ان ڪري ش جو ک ٿي فارسيءَ ۾ پخته بڻبو آهي يعني پڪو.

**پؤنچي**- سون جو ٺهيل هڪ زيور جيڪو ٻانهن ۾ واچ جيان پائبو هو. چانديءَ جو بہ ٿيندو آهي. راجستانيءَ ۾ پَهَنچي چئبو آهي. [5/546]

**پَرِهَ**- ماپ. انساني قد جيترو يعني ٻيرن کان مٿي تائين (مڙس جيترو). هن جو سنسڪرت بنياد پُرِشُ آهي معنيٰ ماڻهوءَ جي قد جيترو ماپ.

**پارسي**- هوشياري، ڏکي ڳالھ نہ سمجھڻ، نہ ڪرڻ جهڙو ڪم. ايران جو غير مسلمان پارسي. هن جو اصطلاح آهي "هن ۾ کهڙي پارسي آهي. اجهو ٿو ڪري ڏيکاريان." فارسي بہ چئبو آهي.

**پائِڻِ**- پائلي، چار آنا، رپئي جو چوٿون حصو. گجراتيءَ ۾ 'پاڻ' آهي. [27/112]

**پَچِتي**- گهر ۾ اندر اڏ ڇت،جنهن تي وڏيڪ سامان رکي سگهبو

جنهن ڪري هيٺ جاءِ خلاصي ٿيندي آهي. هي پَر+چِتِ=پراٺي يا ٻي چت آهي. گجراتيءَ ۾ پَنچيتي چئبو آهي معنيٰ پيتي. [27/113]

**پادَرُ-** پير ۾ پائڻ جي جُتي، جوتو، بوٽ. ان جوڙيءَ جو هڪ معنيٰ پادر، هن جو بنياد سنسڪرت 'پادرڪشَڻ' آهي، معنيٰ پير جي حفاظت ڪندڙ. پادَر سان ڪنهن کي مار ٻه ڏبي آهي يا چئبو آهي "وري ائين ڪندين ته پادرن سان ڪٽيندوسانءِ." گجراتيءَ ۾ پادر گهر ۾ يا ڳوٺ جي ٻاهر ٻَڏَر کي چئبو آهي.

**پوتِيو-** مٿي ڍڪڻ جو زنانو ڪپڙو. مسلمان زالون ٿلهو ڪپڙو رکنديون هيون، پر هندو زالون سنهو رکنديون آهن.ان ڪري ان کي پوتي يا رئو چئبو آهي. انگوڇي کي به پوتيو چئبو آهي. راجستانيءَ ۾ پوتيو چئبو آهي. فارسيءَ ۾ فوته ۽ عربيءَ ۾ فوطه چئبو آهي معنيٰ انگوڇو. مگر عربيءَ ۾ فوطه عربيءَ جو ناهي، هي هندي پوتيو يا پوتر جو بگڙيل آهي. عربي لسانيات جي عرب ماهر ابو منصور جو بيان آهي ته، "لفظ فوطه کي عربي ڪلام ۾ مون ڪٿي ڪونه ٻڌو." [102/305]

**پِرهه ڦٽي-** اَسُر جو، صبوح سويل، سج اُڀرڻ کان اڳ، پرهه. ايجپشن ۾ ان جي صورت ڦيريو (Pheriou) معنيٰ سج جو اُڀرڻ (يا پهريون پهر) آهي. [40/3/149] هن جي اصل جي ڄاڻ ڪانهي. سنسڪرت ۾ پرهَر معنيٰ پهرُ يعني ڏينهن جي اٺن پهرن مان هڪ آهي. ٿي سگهي ٿو صبوح جو پهريون پهرُ شروع ٿيڻ/ڦٽڻ تان پرهِر ڦٽڻ جو پرهه- ڦٽي بڻيو هجي. هنديءَ ۾ "پؤ ڦٽي" چئبو آهي ۽ بنديلکنڊي ٻوليءَ ۾ "پؤ يا پَهه ڦٽب" چئبو آهي يا "پؤ ڦٽبو". [31/90]

**پَٽِ-** پٽڻ، کولڻ، جهڙوڪ دَرُ پٽ (کول). لئٽن (لاطيني) ۾ اهو پيٽ (Pate) معنيٰ کولڻ آهي. [40/4/127]

**پَرُ-** گذريل سال، اڳئين سال، پرسال.

**پيشابُ**- مٿ. متڙ. فارسيءَ موجب اهو پيشد+آب= پيشاب آهي، جو غلط ۽ اڻ وڻندڙ ٿو لڳي. اصل ۾ ان جو بنياد سنسڪرت پرسراد معنيٰ وهڻ، وهڪرو. هي بنياد نهڪندڙ آهي يعني ڌارا ٿي وهڻ يا لار ٿي وهڻ.

**پتِڪَ يا پتِڪڙي**- ٿوري ذري، ننڍڙي پتڪڙي. ننڍو يا ننڍي شيءِ.

**پاٽِ**- اڏ انچ کن ٿلهي ٿڌ ر جو هڪ تراڪڙو برتن يعني ٿال، جنهن ۾ اناج رکي سگهبو هو يا وڏي انداز ۾ ڪنهن خاص موقعي لاءِ ڪُٺي ٺاهبي هئي ۽ هي هر گهر جي لازمي چيز هئي. شاديءَ ۾ گهوٽ کي اونڌي پاٽيءَ تي وهاري ساٽ/ سوڻ ڪبا آهن. راجستان ۽ گجرات ۾ پاٽِ معنيٰ گاديءَ جو هنڌ يعني پاٽ+نگر. ڪاٺ جي پاٽِ به آهي.

**پاٽي**- ڪاٺ جو هڪ ماپ جو برتن جيڪو اٽڪل هڪ سير جي برابر ٿيندو هو. ان کان ننڍو چوٿائي ۽ وڏو ڪاسو ٿيندو هو ۽ ان ماپڻ جي ڪم ايندو هو.

**پولڙي يا ڦولهڙيِ**- ڳانءِ جي ڄيٽي جيان ٻڪريءَ جون گول ڪاري رنگ جون ننڍيون ٻولڙيون يا ڦولهڙيون. رواجي طرح ڦن جو ڪو استعمال ڪونہ ٿيندو هو، پر خاص طور مٽيءَ ۾ ملائي ننڍين ڪونڊين ۾ گل - ٻوٽا پوکيءَ لاءِ هي سٺي ڀاڻ جو ڪم ڏينديون آهن. ان ڪانسواءِ ڳوٺن ۾ هاڪي- ڏاڪي راند ۾ ضرور ڪم اينديون آهن. هيءَ راند آفريڪا ۽ دنيا جي ڪن ٻين حصن ۾ به رائج آهي. سنڌ مان تہ گم ٿي ويئي.

**پيسو يا پَئسو**- ٺامي جو هڪ سڪو، جنهن ۾ ٽي پايون ٿينديون هيون، ان جو اڌ آڌيلو ۽ ٻيڻ ٽڪو ٿيندو آهي. ان ڪانسواءِ ڏوڪڙ، پئسو، ڌن، دولت، شاهوڪاري، ملڪيت. "هي پئسي وارو

خان جا دائود پوٽا وغيره. مگر هي رواج سنڌ جو مؤل (اصلي) نه. پر راجستاني آهي، جتي به ويرم پوٽا، گوئند پوٽا يا مائي پوٽا. سنڌ ۾ سونارن کي اڪثر مائي پوٽا چئبو هو. راجستان جا ڀاٽ مائي پوٽا آهن.

اڄڪلهه به ڏاڏي کان آکهه هلندي آهي، پر پوٽا جي بدران آڻي پڇاڙي (Suffix) جوڙبي آهي جهڙوڪ: آسومل جا آسوائي، آڏومل جا آڏوائي سڏبا آهن. هي آڻي پڇاڙي قديم سنڌ جو رواج آهي. سنسڪرت جي مهاودوان پاڻنيءَ ان جو ذڪر پنهنجي ڪتاب "اشتا ڌيائي" ۾ ڪيو آهي. باقي پوٽا جو بنياد سنسڪرت پؤتر يعني پوٽا آهي. "پوٽڙا" به چئبو آهي، جيئن پٽڙا- پوٽڙا.

**پيلو**- پيلا يعني آنورا. پر رواجي طرح مرداني عضوي کي به پيلو چئبو آهي، جنهن جو بنياد لئٽن وغيره يورپي ٻولين ۾ فيلس (Phallus) آهي. ايجپٽ ۽ اولهه ايشيا جي ملڪن ۽ يونان ۾ ان فيلس جي پوڄا ٿيندي هئي، جيڪا پوءِ اٽليءَ ۽ سڄي يورپ ۾ ڦهلجي ويئي ۽ ان ذريعي ڏاڍيون بڇڙايون ڦهليون.جن ڏاڍي خطرناڪ صورت اختيار ڪئي. مون ان جو تفصيل سان ذڪر بائيبل جي اولڊ ٽيسٽامينٽ سوڌو پنهنجي هندي ڪتاب "پينڪر سازش" ۾ ڪيو آهي. اتان ئي اها بيماري ڀارت ۾ به ڦهلي،جتي "شوَ جو لنگ" صورت ۾ اڄا به رائج آهي.

ائين سمجهو ته فيلس هڪ قسم جو ديوتا بڻجي ويو، جنهن کي چُميو ويندو هو،مٿان پاڻي به وڌو ويندو هو. اگر پاڻي نه هوندو ته کيرءِ نه ته فقط چُمڻ ئي عقيدت جي نشاني هئي. ان کي فئلڪ (Phallic) جي پوڄا چئبو آهي. لنگ ۽ فيلس ٻئي ڳجهو عضوو يعني اڄ جو چيو ويندڙ پينِس (Penis) آهي. ان جي مندرن ۾ ڪنواريون ڇوڪريون رهنديون هيون. ويڀچار (زنا خوري) لاءِ جيڪو رواج هتي هندن ۾ "ديو داسي" جي صورت ۾ ڪٿي ڪٿي اڄا به آهي. هن جو رنگ بلڪل اڇو- سفيد هوندو آهي، جيئن ڀارت ۾ آهي، پر ڪٿي ان کي ٻاهران

مَنهن تي ڪارو ليپ لڳايو ويندو هو. شڪل ساڳي. [7/691]

**پِتي**- هڪ ننگ يا عدد، پر خاص بصر لاءِ ئي چئبو آهي، يعني بصر جي پتي. پر پوءِ پِتيون معنيٰ بصر ئي ويو يا بصر جي ڳنڍِ.

**پيجَ**- جانورن ۾ وڏيڪ پاڻي وجهي ٿهڪائي گهاٽو ڪري يا جَوَن کي ساڳيءَ طرح ڪبو تہ ان کي پيجَ يا پيجي چئبو آهي، جيڪا اڪثر بيمار يا ٻارن کي پيئاربي آهي. ڪٿي ٻاجهريءَ يا جوئر جي اٽي جي پيجي ڪم آڻبي آهي. مڌيہ پرديش جي قبائلين (آديواسين) ۾ جانورن جي پيج کي "چائر ويجَ" چوندا آهن. [7/528 ۽ 2/35/359] گوٺا ۾ سارسوت وشواس ٻانيڻ مهمانن کي پيج پيئاريندا آهن. [5/418]

**پَتِ**- عزت، آبرو، لڄ. پَتِ ڳڙ جي يا ٻيءَ ڪنهن جي، جنهن کي ڪاڙهي تمام گهاٽو ڪجي. "چڱو، هاڻ پَتِ (عزت) رکجانءِ"، "اجائي پَتِ وائکي نہ ڪر"، "پنهنجي پَتِ (وشواس-اعتبار) نہ وڃاءِ." ڳڙ جي پَتِ مان وڙو ٺهندو آهي، جيڪو سياري جي سستي خوراڪ آهي يا ڳڙ جي پت ۾ گيهہ وجهي، اهو ٻاجهريءَ جي ڏوڏي سان سياري ۾ کائڻ سان طاقت وڌندي آهي.

**پاڪو**- سٽيءَ ۾ ٿنگ، جنهن مان سڳو وجهي ڪپڙو سببو آهي.

**پينگهو**- هندورو. ڪٽ جيان پر لڏندڙ جنهن ۾ سمهي لوڏڻ- لڏڻ سان هوا لڳڻ ڪري گرميءَ ڪانہ ٿيندي ۽ ننڊ مٺي ڪري سگهبي. ٻارن لاءِ ننڍڙو پينگهو ٿيندو آهي. جنهن ۾ ٻار کي سمهاري ان ۾ لوڏي سمهاربوآهي. پشتو (پٺاڻن) ۾ ان کي پينگا (Penga) چئبو آهي؛ [2/626] جيڪو يوسفزئي تال ٻوليءَ جو لفظ آهي.

**پيلپائو**- وڏين عمارتن ۾ پٿرن جا ٿنيا (Pillars) ٺهيل هوندا آهن، ان کي پيلپائو چئبو آهي. اهي هاٿيءَ جي ٽنگن جيان ٿلها ٿيندا آهن.

پيل (هاٿي)+ پانءُ= **پيلپائو** يعني هاٿيءَ جي ٽنگ (پير). هاٿي پيل=فيل تان پلپاوا بڻيو آهي.

**پوَنجي**- رقم، ملڪيت، سيڙپ، پئسو، آديواسي مُنڊا ٻوليءَ ۾ بہ پونجي چئبو آهي. |6/672|

● ٻيا اکر: پئسو- پَنجَڙ، **پئسو**- ٽَڪو، پئسو- ڏوڪڙ، پاڻي- ڇاڻي، پٽو- پانڌ، پڪڙ- ٻجاڙ، پڇا- ڳاڇا، پَٽَ-ڪوهہ، پٽَ- پاراتو، پاٽي- ڪانجهي، پير- فقير، پِتڪو- سَتڪو، پاڙو- اوڙو، پِني- سِني، پَنُ- پَردو، پڪي- پڪڻ.

# ج

**جيجي**– ڏاڏي، پيءُ جي ماءُ. هي بنيادي طرح ترڪي (مغل) لفظ آهي. اڪبر کي ٿڃ ڏيندڙ عورتن ۾ هڪ "جيجي انگا" هئي. راجستان ۾ هڪ قبيلي جي زالن کي جيڪِي چيو ويندو آهي [39/37]. گجرات جي گامتن جي ٻوليءَ ۾ "جيجيُ جي معنيٰ ڪاڪي (چاچي) آهي. [94/229]

**جُڄڪي**– ٻوڙ، جوش، اوچتو خيال يا خام خيال. "توکي وري ڪهڙي جڄڪي لڳي"، "مون کي به جُڄڪي اچي وئي."

**جَماڻُ**– وڏيڪ چاڻ ڪانهي پر وڏا جڏهن آسيس، دعا ڪندا هئا، ننڍن کي ته چوندا هئا "شل جواڻ، جماڻُ" هجين (ٿين).

**جُڙيو**– هي به آسيس / دعا طور وڏا چوندا هئا، خاص ڪري زالون "شل جڙيو هجين". (شايد ٻئي زال- مڙس جوڙي خوش هجي). ائين ته پٽ - ٻار کي پيار مان جڙيا، جڙيو، جُڙي چئبو هو. هي جُڙڻ لفظ مان ڪونه جُڙيو آهي. اُرانؤ لوڪ- گيتن ۾ هڪ گيت آهي: "ڪوڊي ڪوڙيم ڪاليه جُڙي" معنيٰ: "سک مان وڃ او جُڙي"! هن ۾ جڙيءَ جو مطلب اهڙو ئي پيار ڀريو آهي، جهڙيءَ طرح سنڌيءَ ۾ جُڙي يا جڙيو.

**جُلاب** – پيٽ ۾ قبضي ٿيڻ تي ڪا دوا ونجي ته ان سان پيٽ پٽڙا اچن ته ان کي جلاب چئبو آهي ۽ دوا کي جلاب جي دوا. وڏيڪ لاءِ ڏسو لفظ گلاب "گ" ۾.

**جِنَدلُ**– سنڌيءَ ۾ زنده پير کي جندل چوندا آهن پر راجستان ۾ جئيترسنگهه جو جئني نالو جندل آهي. [39/57]

**جاٽي**– ياتري جاتري، جاتي، جاٽي يا جهاتي. ڪنهن بهادر جي

بنياد "جايا" آهي، معنيٰ زال يعني جايا مان جوءِ. اميريڪا جي ڏاکڻين هندن ۾ اِنڪا (INCA) هڪ قوم آهي، جنهن ۾ پهرين زال کي ڪويا يا چويا (Coya) چيو ويندو آهي. چ- ڪ- ج- گ اهي چار ئي اکر اچار طور پاڻ ۾ بدلبا آهن، ان ڪري جويا جو چويا خواهه ڪويا ٿي سگهي ٿو. [128/487] "جوءِ جو مَچو" هڪ محاورو آهي.

**جيڪو**- تيڪو، جيڪو آيو سو، ڪير بہ. گجراتيءَ ۾ ان جي صورت جِڪو، تِڪو آهي. [24/100] "جيڪو تيڪو پيو هٿ لائي".

**جِيپ**- موٽر ڪار جو هڪ نمونو،جيڪا اڪثر ڪمن ۾ ڪم ايندي آهي. پهرين عالمي جنگ وقت ريزڪي ڪمن لاءِ فوج ۾ جيڪي گاڏيون هونديون هيون،تن کي "جنرل پرپس ڪار" (General Pur-poses Car) چوڻ ۾ ايندو هو، ان جو ئي ننڍو نالو جنرل جو G ۽ پرپز جو P گڏي،جي. پي ٿي ويو،جو اڄڪلهہ جيپ (Jeep) بڻجي پيو آهي.

● ٻٽا اکر: جند- جان، جواڻ- جماڻ، جُٽ-ڦٽ، جيو- جنتر، جهڙو-تهڙو، جڳ- جهان، جيڪو- تيڪو.

# ڄ

**ڄمارَ**– عمر، زندگي، جيون، وقت، عرصو "سڄي ڄمار پورهيا ڪري هاڻ ٿڪجي پيا آهيون."

**ڄَرَڻُ**– ٻَڄَرَڻ، باهہ تي سڙڻ.

**ڄَڙَهہ**– ڪم ڪري ڪري ڄَڙَهہ نڪري وئي آهي.

**ڄَرَ**– چڪ، اثر، تپت، عشق. "نيٺ بہ تہ آنڌي ڪي ڄر ٿيندي. (معنيٰ چڪ). "ڇو، هاڻ ڄَرَ تي لڳيئي." (ڄر– اثر)

**ڄاڙي**– مَنهن جا هيٺ ۽ مٿي وارا اڌ، ڏندن جون ٻئي ڄاڙيون (ٻٽيهي)– گهٽو ڳالهائڻ. جهڳي هڻڻ، بيوقوفي ڳالهائڻ. "چڱو بس ڪر، اجائي ڄاڙي نہ هڻ" (بيوقوفي). "سڄو ڏينهن پيئي ڄاڙي لڳئي" يا ڄاڙي هڻين (گهٽو ڳالهائڻ يا جهڳي هڻڻ).

**ڄَڄَ**– گهوٽ پرڻائڻ هلڻ وقت جيڪي مٽ، مائٽ، دوست هلن،تن مڙني کي گڏي ڄَڄ چئبو آهي، يعني اهي شامل ٿيندڙ ٿيا ڄاڄي. هنديءَ ۾ جنواس يا جنواسا آهي،معنيٰ ڄڄ،جتي ڄاڄي جمع هجن [18/562]. راجستان ۾ ڄَن ۽ ڄاني آهي ۽ ان ئي ڄَن جو سنڌيءَ ۾ ڄَڻو بڻيو آهي يعني هڪ ڄڻو، ٻہ ڄڻا.

**ڄِلهو يا ڄَلهو**– ڪم جو ڍلو، ڪم ۾ اينگهہ ڪندڙ "ڪم جو ڏاڍو ڄلهو آهي."

● **ٻيا اکر:** ڄاٽي– واٽي، ڄاٽي– ٻُجهي، ڄٽ– ڄاموٽ، ڄمر– موت، ڄمڻ– مرڻ، ڄَرڻ– ٻَڄرڻ، ڄاڻ– پڄاڻ، ڄاٽي– ويٽي (هن ۾ ويٽي شايد فارسيءَ جو بينم يعني ڏسڻ آهي يعني ڄاٽي ۽ ڏس بہ).

# جهہ

**جَهڪَ**- جهولو، طوفان تکي هوا، مٿيءَ واري تيز هوا.

**جَهڳي**- اجايو يا گهڻو ڳالهائڻ، بڪ ڪرڻ، جهڳي هڻڻ. هونئن جَهڳَ معنيٰ بہ گهڻو، اجايو ڳالهائڻ آهي. پر ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ صابڻ مان نڪرندڙ جهڳ يا گج يا گجي.

**جهولو**- گرم هوا، اونهاري ۾ منجهند جو لڳندڙ ڪوسو واءُ، جهولو. ”جهولي جي جهڙپ“ مان تپ (بخار) يا ٻيءَ بيماريءَ ٿيڻ جو امڪان آهي.

**جهُوٽو**- ويٺي ويٺي ننڊ اچي تہ ان کي ننڊ جو جهوٽو اچڻ چئبو آهي. ٿوري ننڊ ۾ جهوٽو، اک لڳڻ. ٻيءَ طرح جهوٽو معنيٰ جوڙو ڪنهن بہ شيءِ جو. مثال طور انگوڇن جو جهوٽو معنيٰ ٻہ انگوڇا (جيڪي اڪثر پاڻ ۾ ڳنڊيل هوندا هئا). هندو ڌوتين جو بہ جهوٽو چوندا/ وٺندا هئا،اهي بہ پاڻ ۾ ٻہ گڏ ايندڙيون هيون.

**جهانجهرو**- جلد، تڪڙو، تکو. جهانجِهرو ٿيءُ (تڪڙو ٿيءُ) ۽ جهانجَهر معنيٰ تڪڙ. مرائيءَ ۾”جهاجِهروُ“ ڪاڪوس کي چئبو آهي؛ سو هنگڻ بہ تڪڙو ايندو آهي،ان ڪري ان ۾ جهانجهر (تڪڙ) ڪبي تہ ان جهانجهر جي اصطلاحي معنيٰ ٿي جهاجهرو معنيٰ ڪاڪوس. هماچل پرديش ۾ گدي نالي هڪ قبيلو آهي، تن ۾ جي ڪا شادي تڪڙي ٿئي يعني ڪو جوان جوانڙيءَ کي ڀڄائي وٺي وڃي ڪنهن مندر ۾ ڦيرا ڏئي، تہ ان تڙ- تڪڙ ۾ ڪيل شاديءَ کي جهانجهرا شادي چئبو آهي.
[2/334]

**جهانجهہ**- ٻنهي هٿن سان وڄائڻ جو هڪ ساز، هن ۾ پتل جون

بہ ننڍيون ٿالهيون (وچم ٽنگ ڪيل) ڏورين ۾ ٻڌي هڪٻئي سان ٽڪرائي تال تي وڄائبيون آهن. اهي اڪثر مندرن ۾ وڄائبيون آهن. پراڪرت ۾ ان جي صورت جهنجها معنيٰ ساز آهي. انگريزيءَ ۾ جيڪو "گانگ" (Gong) چيو ويندو آهي، اهو بہ ان"جهہ" جو "گ" تي ٻٽيو آهي. چين ۾ ان ساز جو واهپو آهي،پر ٽبيٽ جي ٻوڌ مٺن (مٺهين) ۾ اها روزانو وڄندي آهي. ٿي سگهي ٿو اهو ساز چين، ٽبيٽ مان هتي آيو هجي،جو تہ ناٽڪن ۾ سانگن (مُنهن ۾ جانورن وغيره جا ٻوتا پائي، ٻڌي هلبو / نچبو آهي) جو رواج بہ ٽبيٽ مان آيو آهي. هتي سنڌي اڏيرو لال جا ٻهراڻا ڪڍڻ مهل اهي سانگ ٻڻائيندا آهن.

**جِهنجِهڻو-** لوهہ جي ننڍي دٻليءَ ۾ ننڍڙيون ڀٽريون وجهي ان دٻليءَ کي هٿيو لڳائي لوڏبو تہ ان مان جهڻ-جهڻ جو آواز ايندو، جيڪي اڪثر ننڍا ٻار وڄائيندا هئا يا ننڍن ٻارن کي وڄائي وندرائبو يا ماٺ ڪرائبو هو/ آهي. اهو رانديڪن ۾ شمار آهي. موهن جي دڙي مان بہ ان جو نمونو مليو آهي، پراڪرت ٻوليءَ ۾ ان کي جَهنَجهڻا معنيٰ جهن- جهن ڪرڻ يعني جهنجهڻو. راجستانيءَ ۾ جُهڻجَهڻيو. بنگاليءَ ۾ جَهنجَهني يا جَنجهلي چئبو آهي. [8/608]

**جَهجهو-** گهڻو، وڌيڪ. گهڻو يا تمام وڌيڪ. راجستانيءَ گجراتيءَ ۾ جهاجهو يا جهاجهي چئبو آهي يعني جهجهي (گهڻي شيءِ).

**جهوري-** ڳڻتي، انتظار، ياد، چنتا، خيال، پيار (عشق جيان). ڪير ڪنهن جي خيال / ياد ۾ قاتل هوندو يا ڏنڌي ۾ نقصان وغيره جو انديشو هوندو تہ چئبو "هن کي جهوري لڳل آهي." يا "توکي وري ڇا جي جهوري لڳل يا لڳي آهي."

سملا جي لوڪ گيتن ۾ هڪ گيت ڳالون ڳائيندو يون آهن. جيڪو پريم- پيچ جو هوندو آهي،ان کي جهوُري چئبو آهي [2/481]. پراڪرت ۾ جهوُريہ صورت آهي معنيٰ چنتا ۾، ياد ڪيل. سنڌي جهوري بہ "ڪنهن جي گهڻي ياد" لاءِ ڪم ايندي آهي.

**جُهمر**– گول- گول نچڻ جو قسم، تڪڙو نچڻ، راجستانيءَ ۾ اها جهُومَر آهي. هي ناچ اڪثر شادين ۾ ٿيندو آهي؛ زالون ۽ مرد ٻئي نچندا آهن خوشيءَ وچان. آسام جي قديم قبيلن ۾ اهو "جهومرا" آهي.
[18/291]

**جُهڳو**– ننڍي جهوپڙي، ڪکائون گهر. ڪنهن جو گهڻو نقصان ٿيندو آهي تہ چئبو آهي "جهڳو ئي جَهڻِ ٿي ويو"، يعني سڀ برباد ٿي ويو يا پٽ- پاراتي ۾ چئبو آهي، "شل مالڪ جُهڳو جهڻِ ڪريئي." هونئن جَهڻ معنيٰ مکڻ نڪتل ڏڌ،جيڪو صحت لاءِ ڏاڍو سٺو آهي.

**جهورُ**– تمام ٻڍو، پراڻو، ڪمزور، جُهريل. "هاڻ ويچارو صفا جهوُر ٿي ويو آهي" يعني تمام ٻڍو- ڪمزور.

**جهيٺو**– جهيٺي- ڪمزور، هلڪو، سنهو. "جهيٺو آواز"، "جهيٺي روشني". هن جو بنياد سنسڪرت جيرڻ معنيٰ پراڻو ڇٽ ٿيل آهي. مڌيہ پرديش جي نِماڙي ٻوليءَ ۾ اهو جهيٺي صورت ۾ آهي.
[7/583]

● ٻيا اکر: جهنگ- جهر يا جهر- جهنگ، جهيڙو- جَهتو، جُهڳي- جهوپڙي.

# چ

**چپرا**– ويچارا ڏيڻ، اهل ڪرڻ، چيڙائڻ، بي واجبي ڪرڻ، چپُ چپو ڪري ائين ڪبو ته چپرو ٿيو يا ڪو ماڻهو ڳٽيءَ ۾ ويهي رهندو آهي يا رُسي وهندو آهي ته چئبو آهي ”چو وات يا چپُ چپو يا چپرو ڪري ويٺو آهين؟“ چپو معنيٰ موڙڻ، موڙ ڏيڻ.

**چاڏي**– مٽيءَ جو پڪل برتن،جيڪو پيٽ ۾ وڏو، ويڪرو ۽ مُنهن ۾ ننڍو ٿيندو آهي،جنهن ۾ ڏڌ ولوڙبو آهي؛ ان کي چاٽي يا مٽڪي به چئبو آهي.

**چاٽو**– مکڻ جو ڳوڙهو (چاٽو)، جيڪو رُکو کائبو آهي. گهاٽي دوا يا ماکيءَ ۾ مليل ڪا دوا گڏي کائڻ کي به چاٽو چئبو آهي، جيڪو ڪنگهه وغيره ۾ چٽائبو آهي.

**چٽو**– گهر کان ٻاهر پئسا خرچي ڪجهه نه ڪجهه کائڻ، گهٽو خرچ ڪرڻ، کائڻ. مائٽ ان ٻار کي ”چٽوڙي“ چوندا هئا، يعني چٽو ڪندڙ.

**چٽِ**– گهر جي ٻاهران در وٽ هڪ پڳل برتن پاڻيءَ سان ڀري رکبو هو،جنهن مان اڪثر ڪتا پاڻي پيئندا هئا. خاص ڪري اونهاري جو ڪتن لاءِ هيءَ نعمت هوندي آهي.ان پڳل برتن، پاڻيءَ ڀريل کي ئي چٽ يا ڪتن جي چٽ چئبو آهي. ٽي سگهي ٿو ڪتا چٽ چٽ ڪري پاڻي پيئندا هئا، ان تان چٽ تان چٽِ ٿيو هجي.

**چڳڙَ**– ٿيج، ٿيج ڏارائڻ ٻار کي، ڪم ڪندي وقت جي ٻار روئندو هو ته سسُ يا وڏي چوندي هئي ته ٻار کي تيسين چڳڙَ ڏئي اچ يا ڏينس ته ماٺ ڪري، يعني ٽورو ڏارائڻ.

**چَنگالي**– چانورن مان ٺهيل پيھون،جن ۾ کنڊ وجھي رڌي ڪائبو آهي. شادي وغيره جي موقعن تي ٻاهران آيل مزمانن (مهمانن) کي صبوح جو نيرن تي اهي کارايا وَيندا هئا ۽ گڏيل طور ان کي چنگالي چئبو هو، جنهن سان گڏ پاپڙ يا پتاتا تريل به هوندا هئا.

**چَلامان**– واهپو، عمل. جنهن شيءِ جو واهپو يا وکرو گهڻو ٿيندو هو،ان کي چلامان چئبو هو.

**چؤنري**– پتل مان ٺهيل ننڍو برتن،جنهن ۾ پاڻي پربو هو يا کير وجهي رکبو هو. وڏي کي چؤنرو چئبو هو،اهو به پتل جو ٿيندو هو. مالوي (مالوا جي) ٻوليءَ ۾ ان کي چَروَ معنيٰ پاڻيءَ جي لوٽي چئبو آهي. ⊛ [20/30]

**چوُتيو**– سنڌيءَ ۾ هيءُ گار آهي،مگر آسام ۾ چُوتيا نالي هڪ آديواسي (قديم) قبيلو آهي. انهن آسامي چوتين ۾ چوتيا نالي فرقو (پنٿ) آهي، جنهن جي وڏي کي "چوتيو پرساد" چئبو آهي. سنڌيءَ ۾ ڪو بي عقل، چريائيءَ جو يا اونڌو ڪم ڪندو هو ته ان کي چوتيو يا "چوُت پتل جي" چئبو هو/ آهي.

**چؤسُول**– جنهن وچ ميدان جي چئني طرف چار رستا (واٽون- واهون) هجن، ان وچ ميدان کي چؤسوُل چئبو آهي. سنسڪرت ۾ ان جو بنياد چَتَشال آهي. ستين صديءَ جي هندو راجا هرشد جي ڪتاب "هرش چرت" ۾ گول يا چورس هڪ اڱڻ، جنهن جي چئني طرفن گهر وغيره ٺهيل هجن،ان لاءِ چؤسول لفظ جو استعمال ٿيل آهي. [380/212]

**چولو يا چولي**– ڍڳهو ۽ ڍڳهين پانهن سان هڪ خميس. مهرشي پاتنجليءَ جي ڀاشيڪار (مفسر) "چيل" لفظ معنيٰ پائڻ جا ڪپڙا لکيو آهي. [379/209] گجرات جي مشهور ڪويءَ (شاعر) پريمانند پنهنجي "ماس" ۾ ڪَتيءَ جي مهيني واري دوهي ٦٣ ۾ "چول" رنگ جو ذڪر ڪيو آهي. يعني چول (ڏکڻ پارت) جي مَجَٺ جي رنگ واري

⊛ چونري جست جي ٺهندي آهي. (ناچ)

ڳاڙهي چولي يا چولو. [24/313] دارجلنگ جي هڪ لوڪ گيت ۾ "چولو" لفظ آيو آهي. [34/591] پراڪرت ڊڪشنريءَ ۾ "چولو" لفظ آيو آهي، جيڪو جين فرقي جا ساڌو چيلهه تائين پائيندا آهن. سنڌ ۾ به مرد اوائلي دور ۾ وائل جو ۽ زالون ململ جو چولو پائيندڙ هيون/ هن.

**چرجيوي**- وڏي عمر. سنڌ ۾ هندو چٺي لکڻ مهل پٽ يا ٻئي ننڍي عزيز کي شروع ۾ چرجيوي لکندا هئا. مطلب ته "وڏي عمر ماڻين يا جيئين". ڀارت ۾ به گجرات ۽ راجستان ۾ ان جو رواج آهي. هي ڀارت کان ٻاهر ترڪستان ۾ به واپربو هو. جڏهن اهو هندو ملڪ هو ۽ هندو واپاري ڀارت مان اتي ويندا هئا. ڪجهه ڏهاڪا اڳ سر آريل اسٽائن کي اتان سنسڪرت (براهمي) لپي (رسم الخط) ۾ سنسڪرت ۽ پراڪرت ٻولين جا بيشمار ڪتاب ۽ دستاويز هٿ آيا آهن، تن مان هڪ ۾ هن "چرجيوي" جي بگڙيل صورت "چوجهبو" ملي ٿو، جيڪو اپڀرنش صورت ۾ آهي. ان ۾ هڪ خط ۾ مثال لکيل آهي "چوجهبو تنجڪ". هن ۾ تنجڪ هڪ شخص جو نالو آهي، باقي چوجهبو اڳيان چرجيون طور لکيل آهي. [25/408] هن جو بنياد سنسڪرت چرجيوي (چر= وڏي+ جيوي=جيئين) وڏي عمر ٿئي. هيءُ ان طرح آهي جيئن فارسيءَ ۾ "نورچشم" چئبو آهي ۽ اڳي مسلمان ۽ هندو ٻئي ان جو به استعمال ڪندا هئا/ آهن.

**چوٽ**- هڪ قديم قبيلو، جنهن جو ذڪر "آيبرن" (ابڙن) سان گڏ ٽين صديءَ ڏاري ملي ٿو [302/13]. هن جو بنياد سنسڪرت "چوٽ" معنيٰ انب جو ٻور آهي. ٻيءَ طرح چُوت معنيٰ چريو، بيوقوف، چوتيو وغيره [25/423]. انب جي ٻور جي خوشبوءِ شهوتي ٿيندي آهي (انب خود مرداني طاقت وڌائيندڙ آهي بشرطيڪه اهو ٻاهران ۽ اندران پوريءَ طرح پيلو هجي ۽ رات جو کائي مٿان کير پي ڇڏجي) ان ڪري ان کي ڪام جو ٻاڻ (شهوت جو تير) چئبو آهي.

**چاڪڙيون**- ڪاٺ جي ٿهيل چمپل جيان جوڙي. بنياد جي چاڻ ڪانهي,پر گجرات جي "پوجڪ" ۽ "نائڪ" لوڪن جي هڪ اشاري ڳجهي ٻولي آهي، ان ۾ "چانڪلا" معنيٰ پير ۽"چانڪلانءُ" معنيٰ جوڙي. ٻنهي حالتن ۾ بنياد ته ساڳيو آهي. هنديءَ ۾ "ڪڙائون" چئبو آهي. ٿي سگهي ٿو ان چانڪلان مان سنڌي ۾ چاڪڙي يا چاڪڙيون ٿي آيو هجي.

**ڇُ ، ڇُ**- ڪتي کي سڏڻ جو آواز. هٿ جو آڱوٺو چئن آڱرين جي ويجهو آڻي پوءِ ڇُ- ڇُ ڪبو آهي ته ڪتو ڪاڏو سمجهي ڊوڙندو ايندو. ائين چو ٿو ته ٿئي,سا چاڻ ڪانهي,پر اوپر هنديءَ ۾ توُ- توُ ته بنگال ۾ تَ- تُ ته ڪُمائون ۾ ڪتي کي چڪ پائڻ تي آماده ڪرڻ لاءِ"چوُ- چوُ" جو آواز ڪبو آهي ته ڪتي" ڪُ- ڪُ"لاڙه (راڙه- بنگال) ۾ ڪول قبيلي جا لوڪ "ڇُ- ڇُ"چوندا آهن. ڪتي "ڇڪي"، "چو" ته ڪتي"چون، ايچو، شوُن"چوندا آهن. بنگال ۾ ڪتي کان چڪ پارائڻ لاءِ ڇُ يا ڇُ- ڇُ چوندا آهن [62/495] ۽ عجب اهو جو ان "ڇُ- ڇُ"چوڻ تي نه ٻڪري ايندي,نه ٻيو ڪو جانور فقط ڪتو ئي ايندو. ٻين جانورن لاءِ جُدا جُدا لفظ (اشارا) مقرر آهن ۽ هر هنڌ عالمي آهن. هتي هڪ چٽڪلو لکان ٿو. ڪو انگريز آفيسر پراڻي زماني ۾ اڪيلو آفيس ۾ ڪم ڪري رهيو هو. سندس هڪ طرف روڪڙ جي پيتي (Cash-Box) رکي هئي. هڪ چور آيو اها پيتي چورائڻ,پر ان پيتيءَ تي انگريز جو پاليل ڪتو ويٺو هو. سو جي هي اندر ٿو گهڙي ۽ پيتي ٿو کڻي ته ڪتو ڀؤنڪڻ لڳندو. اتي چور کي هڪ ترڪيب سُجهي آئي,سو پريان ئي لڳو ڪتي کي"ڇُ- ڇُ"ڪرڻ ڪتو ڊوڙندو ٻاهر ويو ته هي پيتي کڻي رمندو رهيو. "ڇُ- ڇُ"ڪانسواءِ ڪوُر- ڪوُر به عام طرح چئبو هو.

**چيرو**- وڏي- لنبي چٺي (خط). چئبو آهي "هيڏو چيرو ناهي موڪليو اٿئي." ان ۾ ڪمن جي ياداشت يا فرمائش، رقمن جي وچور وغيره ٿيندي آهي. وڏي پني مان ننڍو ٽڪرو چيري، ڦاري ڪڍڻ تان چيرو لڳي ٿو. راجستان ۾ به آهي,پر اتي معنيٰ فقط "خط" آهي.

[20/65] چير- ڇهَڪُ. ڪاٽڻ جُدا معنائون آهن.

**چوڪا-** چانور. مالوي (مالوا- مڌيہ پرديش) ۾ بہ چانورن کي چوڪا چئبو آهي،پر گجراتيءَ ۾ بہ. مگر گجراتيءَ ۾ ان جي ٻي خاص معنيٰ آهي؛ تمام سنو، شڌ، خالص.

**چؤڪي-** چؤنڪي- سنڌ ۾ ڀڳت،ڀڳتيون وجهندا هئا،پر رات جو. هيءَ چؤڪي فقط ڏينهن جي ننڍي بيٺڪ آهي،جنهن ۾ ڀڳت اڪيلو نچندو ڳائيندو آهي بنا جامي جي.

آفريڪا جي انگولا پرڳڻي ۾ "چوڪوي" (Chokwe) قبيلي ۾ بہ هڪ لوڪ ناچ ٿيندو آهي، جنهن ۾ ڪنهن لوڪ ڪهاڻيءَ کي ڪٺي دهل تي ڳايو ۽ ناچ ڪيو ويندو آهي ۽ اهو ڪم پيشور ناچو (ڀڳت) ڪندا آهن. راڳ ۽ ساز سندن زندگيءَ جو حصو آهن [95/190-210].

ٻيءَ طرح سنڌ ۾ ڳوٺن ۾ رات جو خانگي طرح پهرو ڏنو ويندو آهي،ان کي بہ چونڪي چئبوآهي، باقي پگهاردار پهرو ڏيندڙ کي چوڪيدار چئبو آهي.

**چَرپَٽ-** متوالو، مؤجي، اڌ چريو جهڙو.

راجستان ۾ هڪ ڪوي چاري چرپَٽ ناٿ (خود ناٿ فرقي جو پوئلڳ) هو. هي "لڪوليش پاشوپت" فرقي جو بہ مڃيندڙ هو. هي اصل گهوڙن جو واپاري هو. ڪنهن شهر ۾ هڪ سينياڻيءَ جي سونهن (حُسن) تي مست ٿي پيو. ڪيئن بہ ٻنهي جي ملاقات ٿي تہ سينياڻيءَ کيس هڪ شريفاڻو مثال ڏيئي هڪ شريف ۽ نيڪ سيرت عورت جي اهميت سمجهائي. اهو ٻڌي چرپٽ مستانو ٿي ڦرندو رهيو، جنهن ڪري سندس نالو مشهور ٿي ويو ۽ چرپٽ مان چرپٽ (سنڌيءَ ۾) ٻڌجي ويو. هيءُ سٺو شاعر، بااخلاق ۽ طنزي چوٽ ڪندڙ شاعر هو.

[27/254] سنڌ ۾ ڪو ائين مستانيون ڳالهيون ڪندو هو تہ ان کي چئبو هو تہ، "ڪو چرپٽ تہ ڪونہ آهين."

**چُڪو يا چُڪي يا چُڪڙي-** ٿورو، ذري، ذرڙي يا ڏُک پاڻيءَ

جو ڪير خواهه ٻي پاڻيٺ جو مقدار ايترو،جو ڏڪ پري سگهجي. پر هي دارون (شراب) پيئڻ لاءِ چئبو هو "چڪو وني ڏس"، "چڪي يا چڪڙي پيار يا پيءُ"، "چڪو پاڻيءِ جو سُڪل نڙيءِ کي تر ڪرڻ لاءِ پيئڻ" يا "ڪير چُڪي تہ ڏي". هي پراڪرت ۾ چڪَ معنيٰ ٿورو ۽ ديسي نام مالا ۾ چڪَ آهي.

**چِليمچِي**- هڪ برتن،جنهن ۾ مهمانن وغيره جا ڪاڏي وقت هٿ ڌوئارجن، شاديءُ غميءِ جي موقعي تي. ٻيءِ طرح بيمار ماڻهو پنهنجي اڳيان ڪٽ وٽ رکندا آهن،جيئن ان ۾ هٿ ڌوئجن يا گند ڦٽو ڪجي.

**چُڪهہ**- تنگ، سوراخ يا چوٽيءَ طور "اهي لاتون اهي چُگهہ".

**چڪهہ**- ڪنهن عورت جو مڙس ڪانسواءِ ٻيو يار (رڪات جي ابتڙ).

**چتون**- طوطو.

**چيڙهہ**- مٽي جي وارن ۾ روز روز تيل مکڻ ڪري اُهي گهنجي پوندا هئا،جو ڦٽي ڏيڻ بہ مشڪل ٿيندو آهي،ان کي چيڙهہ چئبو آهي. پوءِ ميٽ سان سنان ڪرڻ/وهنجڻ سان فالتو تيل نڪري ويندوآهي تہ وار هلڪا- صاف ٿي پوندا آهن. ڪو پئسا ڏيڻ ۾ ڏکيو هوندو تہ ان کي بہ چئبو هو "ڏاڍو همراهہ چيڙهو آهي." يا اڳهہ ۾ ڪٽ پٽ گهٽي ڪندڙ روپي ۾ چيڙهو يا چيڙهالو چئبو هو.

● ٻيا اکر: ڇهر- ڀهر، چوڻ- چائڻ (چوائڻ)، چؤ- چاءِ، چگو- ڀلو، چگو- لگو، چپو- چورو (چپ- چورو)، چگو- چوڪو، چرچو- گهڀو، چٽي- چباٽي، چَٽ- چَٽِ، چِٽ- گل، چپ- چاپ، چڪنا- چور، چڪر- چاڙي، چور- چڪور، چُرڻ- ڦرڻ، چال- چلت، چگ- ڀلائي، چگائي- لگائي.

ٿي پونـدو هو يا صابڻ وجهي وڏيڪ چانچولـبو هو. ڊيسـيءَ ۾ اهو چنچول چيل آهي [543/274].

**چيڏڪُ**- مستي، من مستي، اجائي حرڪت، اجائي چڙ، خام خيال، چتو ٿيڻ، ڏاهه ڏوهه ڪرڻ، اهڙي حالت ۾ چئبو هو "مٺا، چيڏڪ ته ڪونه پيو اٿئي."

**چُڙتَ يا چُڙتي**- جلد، جلدي ڪرڻ، تڪڙو ٿيڻ ، هوشيار ڦڙت، ڦڙتي چئبو هو "چڙت ٿيءُ" "چڙتي ڪر (جلد ڪر)". پنجابيءَ ۾ اهو چيتي معنيٰ جلد- تڪڙ آهي.

**چارِ**- رڪ، قلهير، ڀسم، ڪار، ڪانين ، ڪوئلن جي ٻرڻ ڪان پوءِ بچيل مٽيءَ جهڙي چيز کي چار يا قلهير ۽ رڪ چئبو آهي. گجراتيءَ ۾ به "چار" آهي.

**چَڙهو**- چَڙو، شادي نه ڪيل (چڙو يا چڙهو- چانڊ)، رنڙ (جنهن جي زال مري وئي هجي). فقط (چڙو هڪ رپيو يا چڙها ٻه رپيا). پيو يا پيو ڪجهه نه، چڙهو هي يا هو. پنجابيءَ ۾ چڙو چئبو آهي.

**چيڻ**- چيٺو- ڳانءِ يا مينهن جو چيڻ (تازو) جيڪو هو هنگڻ مهل لاهينديون آهن. هي مٽيءَ جو پَٽ ليپڻ (ليپو پائڻ) ۽ ٿيپيون ڪچيون لِنبڻ لاءِ ڪتب ايندو آهي. مُنيا ناهي سڪائي رکڻ ڪانپوءِ باهه ٻارڻ جي ڪتب ايندو آهي،جنهن کي چيٺو- چيٺا چئبو آهي. ڳانءِ جي چيڻ جي ليپي پائڻ سان مچر ڪونه ٿيندا. اگر پٽڙو چيٺو لاهينديون ته ان کي پَٽڙي ٽيڪ چئبو آهي. مينهن هڪ ئي وقت گهڻو لاهي ته ان کي ٿاڦ چئبو آهي. ڊيسيءَ ۾ ان جي صورت چاٺم- چاٺي آهي ۽ پراڪرت ۾ چاٺي. جڏهن ته سنڌيءَ ۾ چاٽيءَ جي معنيٰ پاڻي يا کير وغيره،جنهن مان چاٽجي،اهو برتن جنهن ۾ ٽنگ- ٽنگ ٿيندا آهن.

اصطلاح طور جيڪڏهن ڪو شرارت ڪري يا ٻن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪري ته ان کي يا هتي جي ڳالهه هُتي وڃي ٻڌائي ته ان کي به 'چيٺا يا چيٺي- پور' چئبو آهي.

**ڇيهہ**– ڇيهہ- ڇاڙي، ڇيڙو، ور، پورو، سِرو ”هي هن ڳالهہ جو ڇيهہ ٿيو.“ ڪو پورو ڪم نہ ڪندو تہ ان کي چئبو ”چڱو نہ ٿيو، ڇيهہ ڪيئہ.“ پراڻي گجراتيءَ ۾ بہ ”ڇيهہ“ آهي [15/503]. هن جو بنياد سنسڪرت ’شده‘ آهي معنيٰ سر، سرو.

**ڇائي**- ڇاهي. هڪ پاراتو، پٽ، غصي جو هلڪو اظهار. ”وڃي پلا ڇائي، ڇاهي پاءِ- نٿو جو مڙين.“ (ڏوڙ پاءِ).

**ڇنال يا ڇنال**– بدفعل عورت، رولو، لوني، حرفت باز وغيره پراڻي گجراتيءَ ۾ بہ آهي. [24/252]

**ڇٽ ڇماهي**– ڇهين- ٻارهين مهيني، ڪڏهن- ڪڏهن، اتفاقي ”ائين ڇٽ- ڇماهي پيا گڏجندا آهيون.“ هي ساڳيو محاورو گورکناٿ فرقي جي پراڻ ۾ ملي ٿو هن طرح : ”ڇتي ڇماسي ڪايا پلتنت ناگ بنگ بناسپتي جوگي“ معنيٰ ”شيهي جي ڀسم ۽ وناسپتي جي استعمال مان جوڳين کي سال ۾ هڪ- بہ دفعو (ڇتي ڇماسي يا ڇٽ ڇماهي) پاڻ کي نوبنو ڪرڻ گهرجي. [1/557] سنڌيءَ ۾ ڇٽ، ڇماهہ بہ عام هو.

**ڇورو يا ڇوري**– ڇوڪرو يا ڇوڪري، پر سنڌيءَ ۾ ڇورو ان کي چئبو آهي جيڪو يتيم يعني جنهن جو ماءُ- پيءُ نہ هجن، مري ويا هجن. پر راجستاني ۽ گجراتيءَ ۾ تہ ڇوندا ئي ”ڇورو- ڇوري“ آهن.

ونشئو صمپردايہ (فرقي) ۾ جيڪي ساڌن جا درجا ٿيندا آهن، تن ۾ هڪ ڇورا (ڇورو) آهي،هن جو ڪم هو پاڻ کان وڏن وغيره جي اتي خذمت ڪرڻ،جنهن کي ”بند ڪيدار“ چيو ويندو هو [392/339]. جين جي ڪتابن ۾ ڇوڪريءَ لاءِ ”ڇيڙي“ لفظ ڪم آيل آهي. [3/624]

● ٻتا اکر: ڇٽ- ڇماٽ، ڇڪ- تاڻ، ڇيڙ- ڇاڙ، ڇِنَ- ڀَٽَ، ڇنڊ- ڇاڻ، ڇنڊو ڀاڻي (رشوت)، ڇڊو- ڀاڊو، ڇڙهو، ڇاند.

# خ

**خانُ**- حاڪم، سردار، وڏو ماڻهو. هي اصل ترڪي لفظ آهي۽ خاقان جيڪو بگڙي خان بڻيو آهي. هي اسلامي لفظ ڪونهي. اسلامي تڏهن بڻيو، جڏهن ترڪ عرب خلافت جو خاتمو ڪري خود ترڪيءَ ۾ حاڪم بڻيا. بعد۾اهو خان مسلماني طور مشهور ٿيو، نہ تہ راجپوتن ۾ بہ هندو خان نالو هوندو هو. "چنگيز خان" غلط آهي صحيح آهي "چنگسي ڪاڪان"، جو بگڙي چنگيز خان بڻيو آهي ڪان سرا۽ چنگيز خان مسلمان ڪونہ هو، ترڪ هو. ترڪن ۾ اڳي هندو خان نالو هوندو هو. ترڪ حاڪم محمد تڪاش ١٢٠٠ع ۾ حاڪم بڻيو، ڪانئس پوء سندن پُٽ محمد قطب الدين "علاوالدين" جي خطاب سان حاڪم بڻيو. محمد تڪاش جي پٽ جو نالو "هندو خان" هو [17/450].

**خَطُ**- چِني، ليڪ، ڏاڙهي- مُڇ، ليک. هن جو بنياد سُميرين پولي ڪت آهي، جيڪو پوء ايجپشن ۾ اول ڪت پوء ڪيتم يا ڪتم بڻيو. جتان اهو عربيءَ ۾ "ڪ" نہ هئڻ ڪري "خط" ٿي ويو [54/18]. مسلمان، حجام کي چوندو "خط وٺي ڇڏ."

**خَرارُ**- ڪَراڙَ- اَنَ جي ماپڻ جو هڪ وڏو وزن،شايد ٦٠ ڪاسا يا ١٤٠ ٽويا.ٽويي ۾ ۴ پاٽيون،هڪ پاٽيءَ ۾ ۴ چوٿايون۽ هڪ چوٿائي برابر هڪ پاءَ جي (اناج).

● ٻيا اکر: خط- پَٽ، خبر- چار، خوش- چاڪ، خبر- سڌ.

# ڊ

**ڏَسَ**– گهمرو، وارو، وٽو، وٽ. پاٽيءَ جو گهمرو يا ڏس پري اچڻ.

**ديجهان**– هڪ قسم جي هلڪي زناني گار. ”هل، ديجهان، وري آئي آهين واٽ ڪرڻ.“

**ڏَهنِيرَ**– ٿلهو، گهڻو ٿلهو، تمام ٿلهو– شايد مينهن جي پاڏي وغيره تان ڪنهن کي چئبو هو ”جهڙو مٺو ڏَهنِير.“

**ڏَهمان**– دڙڪو، دڙڪو ڏيڻ (دڙڪو– دهمان).

**دوٿَرَ**– ٿلهو، اجايو ٿلهو. ”جهڙو مٺو دوٿر.“ ٿي سگهي ٿو هي ٽوٽر جيان هجي. پر ٽوٽر جي معنيٰ هيءَ ڪانهي.

**دَراڪَتَ**– ٻيهر، ٻه دفعا. ڪو نالو يا اسم ٻه دفعا لکيل هجي ته ان کي دراڪت چئبو آهي يعني وري لکيل. هن جو بنياد سنسڪرت درُڪت آهي ۽ پراڪرت ۾ دوِرُڪت آهي. رواجي طرح ”ها“ معنيٰ ”ها“ ۽ ڪنهن جي جواب ۾ فقط ”ها“ چوڻ ڪافي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن چئبو آهي ”ها، ها“ يا ”نه، نه“، ”چڱو، چڱو“، ”هل، هل“ اهو ڳالهائڻ جو دراڪت آهي. لکڻ ۾ پل ڪان ڪو نالو يا ڳالهه لکبي ته اها ٿي لکڻ جي دراڪت. هنديءَ سنسڪرت ۾ ان جون ٻيون صورتون به آهن. [13/ 602]

**دولَهَہ**– اڏيري لال وارا جهولي لال کي ”دولهه، درياهه شاهه“ به چوندا آهن. هن جو بنياد سنسڪرت درلڀ معنيٰ اڻلڀ. پر راجستاني ٻوليءَ ۾ ”درلڀ راءِ“ هڪ نالو (اسم خاص) آهي، پر ان جي بگڙيل صورت اٿي ”دولهه“ آهي. سنڌيءَ ۾ ته ان ٿي دولهه تان ”دولهه ڏنو“

نالو مروج آهي. هنديءَ ۾ دولها، دولهو، گهوٽ کي چئبو آهي ته رام- ڪٿا جي هڪ لوڪ گيت ۾ دولهہ گهوٽ کي چيو ويو آهي، جيڪو ٻنا/ ٻنيءَ جي گيت ۾ آيل آهي، جتي ڪنوار کي دولهي چيو ويو آهي. [69/7]

**ديوَل**- مندر، سنڌ ۾ هڪ قديم بندر ديبل. عيسائين جي چرچ کي بہ ديول چئبو آهي. مندر جي آمدنيءَ مان پيٽ گذر ڪندڙ پوڄاري، هڪ قانوني ڪتاب جوڙيندڙ "ديول رشي"، مريد (ديهہ). ائين تہ مندر کي ديواليہ چئبو آهي معنيٰ جنهن ۾ ديوتا جي مورت رکيل هجي. مڌيہ پرديش جي پيپا پڳت جي پاٿيءَ ۾ مريد (ديهہ) کي ٿي ديول چيل آهي [7/706]. چارڻ سنت چرپٽ ناٿ بہ ديهہ (سرير) کي ديول چيو آهي [27/261]. راجستان ۾ مري ويل راجا جي سماڌيءَ (مقبري) جي مٿان ٺهيل چبوتري کي ديول چوندا آهن. [33/333]

**دادا**- وڏو ڀاءُ. هندي ۾ دادا ڏاڏي لاءِ ڪم ايندو آهي. منگول ٻوليءَ ۾'دا دا'هڪ قَسَمَ جيان آهي [20/34]. رانچي (بهار) جي اورائون قبيلن ۾ دادا وڏي ڀاءُ کي چئبو آهي [2/530]. ترڪستان جي ٻوليءَ ۾ بہ "دادا" ان ئي معنيٰ ۾ واپربو آهي، جيڪو هتي ترڪن ۽ مغلن ذريعي سنڌ ۾ بہ پهتو. سنڌيءَ ۾ وڏي ڀاءُ کي "ڀائو" بہ چئبو آهي جيڪو مرهٽيءَ ۾ بہ رواج آهي ۽ اتان ئي سنڌ ۾ پهتو، پر دادا وڏيڪ عزت وارو ليکبو آهي. ائين تہ ڪي هندو ڀار،پيءَ کي بہ "دادا" چوندا هئا. تبيٽ ۾ مٿ (مڙهيءَ) جي وڏي کي دادا چئبو آهي؛ ان ڪري سنڌي دادا جي صورت ڏاڏا، ڏاڏو آهي، معنيٰ پيءَ جو پيءُ، سو ٿيو ڏاڏو. هن وقت هتي سنڌي بہ ڏاڏي کي دادا چوندا آهن. حقيقت ۾ تبيٽ وارا دادا وڏيڪ اهميت وارو آهي [136/710].

**دَرِبانُ**- چوڪيدار، در جي ٻاهران ويهي پهرو ڏيندڙ. هن جو بنياد سنسڪرت دوارپال آهي معنيٰ دروازي جي حفاظت ڪندڙ، ان مان ئي بگڙي دربان بڻيو آهي، جيڪو فارسيءَ ۾ در+بان= دربان مڃيو ويجي ٿو.

---

⊛ دودو دريا خان سنڌ جو محب وطن سپهہ سالار، جام ننڊي جي وقت ۾ ٿي گذريو آهي. (رتاج)

**درگاهہ**– هي اصل درس+گاهہ= درگاهہ آهي يعني علم– سبق جو گهر يا هنڌ. جتي تعليم ڏني وڃي يعني درسگاهہ. پر بعد ۾ بي علم پيرن، فقيرن علم کي اُڏائي پنهنجو قبضو ڄمايو ۽ سندن مزارن ۽ قبرن کي بہ درسگاهہ چيو ويو، جو بگڙجي درگاهہ بڻيو آهي، جتي علم/ تعليم ڪجهہ ڪانہ ملندي آهي، يعني علم غائب تہ درسگاهہ بہ غائب ٿي وئي.

**دَمڙي**– هڪ تمام ننڍي قيمت وارو پراڻو سڪو، جنهن جو ملهہ ڪوڏيءَ کان مٿي هو يا ٽورڻ جو ننڍو وٽ، اٽڪل هڪ ٽولي برابر. سنڌ ۾ واڻيا حساب ۾ پائي بہ ڪونہ ڇڏيندا هئا، ان ڪري چئبو هو "واڻئي جي دمڙي ، چني چمڙي."

**دُعا**– آسيس، اندر ۾ ڀلو سوچڻ، ڪجهہ گهرڻ مالڪ کان، عرض ڪرڻ، ڪجهہ ملڻ تي ڏيندڙ جي وڌائي ڪرڻ، ڳڻ ڳائڻ يا دُعا ڏيڻ/ ڪرڻ (Blessings). سنسڪرت ۾ تہ اهو اُستتي آهي، پر سنڌيءَ جو دُعا عربيءَ مان آيل آهي، جنهن جو بنياد ايجپشن ٻوليءَ جو ٽَئا آهي، جنهن جي صورت ايجپشن ۾ "هڪ بيٺل شخص ٻئي هٿ کڻي بيٺل آهي" [135/43].

**دَوا**– ڪجهہ جڙيون ٻوٽيون گڏي ڪنهن بيمار کي ڏيڻ يا کارائي اها پيئارڻ، ان کي چئبو آهي دوا يعني بيماريءَ جو علاج. هن جو بنياد سنسڪرت درويہ آهي، جو بگڙجي "دوا" بڻيو آهي، جنهن ۾ سُتي، کاڙهو ۽ ڦڪي شامل آهن. دوا– دارون بہ چئبو آهي. دارون معنيٰ بہ علاج آهي (تہ شراب بہ). پر جي ڪو اناڙي حڪيم دوا ڪري وجهي تہ دوا اثر تہ ڇا ڪندي، الٽو "دوا اندر ، دم ٻاهر" جهڙو ڀهاڪو ٺهجي پوندو.

**دِبَڪي يا دَٻِڪي**– پيش مان ٺهيل هڪ ٿالهيءَ جو قسم، جنهن ۾ اڪثر مسلمان ماني رکي کائيندا هئا. وڏو دٻڪ⊗ بہ هوندو هو، جنهن

⊗ان کي "سَنڊ" بہ چوندا آهن .(تاج)

تي ڊڪ به نهيل ٿيندو آهي. دبڪيءَ جي ڪناري تي چوڌاري سونهن لاءِ هڪ قسم جي سهڻي جهالر به ناهي ويندي هئي، جنهن ڪري دبڪي گهر ۾ مٿي تاڪ تي رکڻ جو سينگار به هوندي هئي. هاڻ ته ويچاري دبڪي دبجي ويئي آهي ۽ مٿان ٿالهين دخل جمايو آهي. هي سڀ گهرو هنر هو. ڪي دبڪيون رنگا- رنگي به نهنديون هيون،مگر سونهن، بنا رنگ واري جي وڌيڪ هئي. اولهه ايشيا ۾ اڃا ان جو رواج آهي.⊗

**ڏَل**– جام، گهڻا، تولا، ميڙاڪا. پار ڪا شيءِ ماءُ کان گهرندو ته ماءُ چوندي "ها، دل ڏئين" يعني جام ڏيانءِ. تبيت جي ٻوڌ گرو (مرشد) کي "دلائي لاما" چيو ويندو آهي، ان ۾ دلائي لفظ جي معنيٰ آهي وڏو، شاهي ۽ "دلائي لاما" جي معنيٰ آهي "وڏو سمنڊ" [16/ 276].

**ڊِمي يا ڊِمَ**– ننڍي ٿلهي وزندار شيءِ. ڳٽ جي گول پڪَ. وزن اٽڪل پنج سير (ڪلو) کي ڳٽ جي ڊِمي يا ڊِمَ چئبو هو. ساڳي شڪل جي سوَرڻ (ڀاڄي) جي پڪ کي به سوَرڻ جي ڊِمَ چئبو آهي. ائين ته ڪنهن ٿلهي ڇوڪر کي به چئبو آهي "ٿلهو جهڙي ڊِمَ."

**ڏَنگ**– حد، بس، پورو ٿيو، پڄاڙي، چئبو هو "ڏنگ ٿيو" يعني گهڻو ٿيو، بس. "گاريون ڏيئي ڏنگ ڪر" (حد ڪر). هن جو سنسڪرت بنياد درنگ آهي.

**ڏُنگ**– ڌاتوءَ جو هڪ گهگهيءَ جيان برتن،جنهن ۾ اڪثر شراب رکبو هو. اصطلاحي ڏُنگ معنيٰ شراب به آهي "ڏُنگ پيئندين؟"

**ڏَٻلو يا ڏاٻلو**– پتل يا ٽامي جو نهيل هڪ برتن (ڊِڪ سان)، جنهن ۾ اڪثر ڪاڏي پيتي جو ٻيو سامان خاص ڪري مٺائي وغيره وجهي بند ڪري رکبو آهي. ڪاٺياواڙ ۾ ان کي "ڏَٻرا" چئبو آهي، پر اهي تمام وڏا ٿيندا آهن، جن ۾ اڌ مڻ مٺائي يا کنڊ ماپي وڃي. سنڌ

⊗ سنڌ ۾ به اڃا موجود آهي، ان کي ڪٿي "ڀنڊي" ۽ ڪٿي "ڇبي" به چون. (تاج)

جي داٻلي ۾ ٢ سير کن مال پوندو آهي. سون جا زيور بہ دٻلي ۾ وجهي رکبا آهن. ننڍي داٻلي کي دٻلي چئبو آهي،جا تمام ننڍي بہ ٿيندي آهي.

ٻيءَ طرح داٻلو ڪاٺ جي ان ٿلهي ٺڪر کي بہ چئبو آهي، جنهن تي ڪپڙا رکي ڏگريءَ سان سٽبا، ڌوئبا آهن۞ سنڌ ۾ وڏا داٻلا بہ ٿيندا هئا،جن ۾ پنجن سيرن تائين مال ماپجندو هو يا ڪن ۾ ڏهہ سير بہ. [69/193] سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ ڏٻلو، ڏٻلي يا ڏاٻلو ۽ ڏاٻلي چئبو آهي.

**دوڏا**– اکين جا اندر وارا بلور. هي چڙ ۾ ڪم ايندڙ لفظ آهي، ڪو ٻار بيوقوفيءَ يا نالائقيءَ جو ڪم ڪري بہ گهُور ڪري نهاري تہ زالون چونديون هيون "اهي پٽي دوڏا ڪيڏي ڇڏيانءِ"، "بس ڪر، دوڏا ڪيڏي پيو نهارين!"

**دَرسَني**– آرسي، منهن ڏسڻ جو شيشو. هن جو بنياد سنسڪرت ۾ دَرشِڪا يا پراڪرت معنيٰ درشن ڪرڻ، ڏسڻ جي چيز،جنهن ۾ ڏسجي.

**دانَ**– ڪو باسڻ، برتن جنهن ۾ ڪجهہ رکجي، جيئن مَس داني جنهن کي مس– ڪپڙي چئبو آهي. ان جو بنياد سنسڪرت ڌاني يا ڌان معنيٰ ساڳي، جتان فارسيءَ ۾ 'ڌ' نہ هئڻ ڪري 'د' تي دان يا داني بڻيو آهي، جيئن قلمدان يا قلمداني، پان– دان يا داني. مگر سنسڪرت صورت ۾ اڃا بہ ڌاني آهي،جيئن "راجڌاني". هونئن دانَ معنيٰ خيرات. [27/374]

**ڏُڪو**– تولو– تورڻ جو وٽ ۽ وزن،جيڪو هڪ تولي جيترو ٿيندو هو. نئين چاول ٻار کي روزانو مکڻ کارائبو هو،جنهن جو وزن هڪ تولي يا ڏڪي برابر هوندو هو، ان ڪري اهو ڏُڪو ٻار کي مکڻ کارائڻ جو هر– معنيٰ بڻجي ويو. سَسُ ننهن کي چوندي: "ٻار کي ڏُڪو کارايو اٿئي؟" [28/117]

۞ ڪپڙن ڌوئڻ واري ڪاٺ جي ٺڪر کي "داٻڙو" بہ چئبو آهي. (تاج)

**دارُون**- دوا، علاج، شراب. هندي ۾ دارو چئبو آهي. هن جو بنياد سنسڪرت دارو معنيٰ ڇوڏو وڻ جو. دارون ٿاهڻ ۾ ڀير جي وڻ جو ڇوڏو بہ خاص پوندو آهي، ان ڪري ڇوڏي تان دارون اصطلاحي بڻجي ويو آهي. ان ڪانسواءِ دوا سٽيءَ ۾ بہ وڻن جي ڪل وغيره پوندي آهي،ان ڪري علاج طور اهو بہ دارون يعني دوا- دارُون چئبو آهي.

**دُرّ**- ڪنن ۾ پائڻ جو هڪ زيور، ايرنگ، موتي (هيرو). هي اصل فارسي لفظ آهي معنيٰ هيرو. ١٨ صديءَ جو افغان حاڪم احمد شاهہ ابدالي جيڪو نادر شاهہ ڪان پوءِ حاڪم بڻيو،سو پاڻ کي "دَرِ-دوُران" يعني وقت جو هيرو يا موتي سڏائيندو هو. سندس نالو دوراني غلط، پر دوُران درست آهي يا "دُرمحمد"، معنيٰ سمجهي ويو. سنڌي ۾ دُر ان ڪري مشهور ٿي عمل ۾ آيو،ڇاڪاڻ تہ سنڌي زالون ڪنن جي دُرن ۾ سچا هيرا جڙائينديون هيون. ان ڪري اهي دُر مشهور ٿي ويا آهن. [3/842]

پٺاڻن ۾ هڪ آتَن Atan لوڪ ناچ ٿيندو آهي، جنهن ۾ سڀ جوان ڇوڪريون شامل ٿينديون آهن. هي بهار جي موسم ۾ ٿيندو آهي، ان ۾ هر شامل ٿيندڙ ڇوڪريءَ کي دُر-اي- خاني چيو ويندو آهي يعني هڪ قسم جي ان راند جي مکيہ ڇوڪري. [2/526]

**دُڏڙِ**- گهٽي گهاٽي مٽي يا ڏوڙ، تکي هوا ۾ اُڏامي اها بہ ڏڏڙ. منڊا آديواسي ٻوليءَ ۾ ان کي دُڏگر چئبو آهي. [6/673]

● ڀٽا اکر: داٿو- پاٿي، دانهن- ڪوُڪ، دُٿيان- پاٿيان، دم- دلاسو، در- بدر، دهل- دمامہ، دوا- دارُون، دوا- درمل، دبڙ-دؤنس، دڙڪو- دهمان، داءُ- پيچ، ديڪ- پال، دوا- سٽي.

**ڏانڏلِ**- اگهہ يا ڳالهہ ۾ ڪٽ- پٽ ڪرڻ. ڪنهن شيءِ جو اگهہ گهٽ ڪرائڻو هوندو دڪاندار ڪان تہ ٻنهي ۾ ها/ نہ پيش ٿيندي،ان کي ڏانڏل چئبو آهي. ڪنهن سان ڪنهن ڳالهہ تي ٺوري"ٺون- چا" ٿي تہ اها بہ ڏانڏل آهي. يا "اجائي ڏانڏل نہ ڪر" ۽ "ڪو ڏانڏليو آهين." راجستان ۾ اهو هڪ نالو (اسم خاص) آهي، ٿي سگهي ٿو ان تان ئي ڪنهن سبب "ڏانڏل" جي اصطلاحي معنيٰ بڻي هجي.

**ڏَراوَتَ**- امانت، امانت طور ڪنهن وٽ ائين رکڻ يا گرويءِ طور رکڻ، ملڪيت. هن جو بنياد سنسڪرت ڌارڻ معنيٰ وٺڻ، حفاظت ڪرڻ ڌرڻ آهي. ڪير ڪنهن وٽان اڳيون قرض چڪائڻ ڪانسواءِ وري گهرڻ ويندو تہ ڏيندڙ چوندس "مون وٽ ڪا ڏراوت تہ ڪونہ ڇڏي ويو آهين." يا ائين پئسي جي ڪمي ڏيکارڻ لاءِ چئبو آهي:"مون وٽ ڪا ڏراوت تہ ڪانہ رکي آهي."

● ٻيا اکر: ڏوٽي- پوٽي، ڏڪ- ٻجو، ڏوڙ- ڇائي (ڏوڙ نہ ڇاهي يا ڇائي)، ڏِڪا- ٿاپا، ڏِڪا- ڏوڪا، ڏٺي- سائين، ڏرم- ڪرم، ڏنڊو- ڏاڙي، ڏٺي- ڏوٺي (گجراتي ۾ ڏٺي- ڏوري آهي،جنهن ۾ ڏوڙي معنيٰ ڪو مڪي (وڏيرو) وغيره ان ڪري هي درست ٿو لڳي). ڏن- دولت، ڏِڪ- ڏڪان

# ڏ

**ڏوگهو**- گهڻي اُڃ. گهڙيءَ گهڙيءَ پاڻي پيئڻ. اُن کي ڏاگهو به چئبو آهي ۽ اُن پاڻي تمام گهڻو پيئندو آهي. جيڪڏهن ڪو ٻار پاڻي گهڻو پيئندو يعني گهڙيءَ ۽ گهڙيءَ پاڻي گهرندو ته زالون چونديون "ايڏو ڏوگهو لڳو اٿئي ڇا؟"

**ڏسُ**- پتو،ائڊريس. ٻڌائڻ (ڏس ڏيڻ) ۽ نسخو (بيماريءَ لاءِ ڏَسُ يا نسخو) يعني ڏس- پَتو.

**ڏَلهڻُ**- پيٽ ڀرڻ. پيٽ ۾ گهڻو وڃڻ، ڪائڻ. يا ڪنهن ٿيلهي/ ٿيلهيءَ ۾ حد کان وڌيڪ ڪپڙا وجهڻ، ڏَٽڻُ، ڏَلهڻ. ڏلهو معنيٰ ڪم جو سست. جيڪو گهڻو کائيندو سو ڪم ڪيترو ڪندو؟

**ڏولائو**- مصيبت. تڪليف. پريشاني. ڏولائا ڏسڻ (تڪليفون ڀوڳڻ). "ڏولائن ۾ وجهڻ" (مصيبت ۾ وجهڻ يا ڏيڻ).

**ڏَپُ**- اثر، تاثير. ڪاڙهي لاءِ سنيون ٺهڪائي،پوءِ ٿوريءَ دير لاءِ ڍڪي رکڻ ته جيئن اهي دوائون ڏَپُ پاڻي ۾ ڇڏين؛ جيئن ڪاڙهو وڌيڪ اثر دائڪ ٿئي ۽ ڊپ، خوف به آهي.

**ڏگِهري**- بيوقوف ٻار،جو اجايا ڪم ڪندو هو ۽ ڊپ تي به بس ڪانه ڪندو هو ته مائي چوندي "مٺا ڇو ڏگهري لهي پئي اٿئي يا لٿي اٿئي." ڪٽ کي ڪاٺ جي چپر هٺڻ کي به ڏگهري چئبو آهي.

**ڏُگِري**- ڪاٺ جي هڪ ٿلهي ويڪري ۽ هٿئي سان پٽي،جنهن مان داٻلي تي ڪپڙا رکي ڏوئبا ۽ سٽبا آهن. هيءَ ڏيڍ فوٽ ڊگهي ٣-۴

انچ ويڪري ٿيندي آهي. هي شايد سنسڪرت ڊئينگر معنيٰ ڪاٺ جو هڪ ٽڪرو جيڪو چوپائي کي ڳچيءَ ۾ ٻڌبو آهي، جيئن ٽڪڙو پچي نہ سگهي. [13/826]

**ڏوسو**- ڪنجوس. هن جو بنياد سنسڪرت دوشيہ معنيٰ ڪپڙي وارو. ان جي پراڪرت صورت دوسئہ آهي. گجراتيءَ ۾ دوشي ڪپڙي واري کي چئبو آهي. سنڌ ۾ ان دوشيءَ کي بجاجي چئبو هو. جيڪي ڪپڙي جو بجڪو ٻڌي ڪلهي تي رکي ڳوٺن جي گهٽين ۾ هوڪا ڏيئي گهرن ۾ ڪپڙو وڪڻندا هئا، جو تہ ڪپڙي جا دڪان ڪونہ هوندا هئا. زالون ڪپڙو خريد ڪرڻ مهل اگهہ جي لاھ/ ٻاھ تي ڪٽ- پٽ يا ضد ڪنديون هيون، ۽ هو اگهہ گهٽ ڪندا ئي ڪونہ هئا. پڪا هئا (ڪنجوس تہ ڪونہ چئبو).ان ڪري ان دوشي تان ٺهيو ڏوسي، ڏوسو ۽ اصطلاحي طور ڏوسو معنيٰ (خواھ مخواھ) ڪنجوس معنيٰ وارو بڻجي پيو. [25/245] گجراتيءَ ۾ ڏوسو يا ڏوسي يا ڏوس بہ وڏيءَ عمر واري کي چئبو آهي.[ٿرمر"ڏوسي"پوڙهي عورت کي چئبو آهي.-تاج)

**ڏهاڙي**- روز، روزانو، هر-روز. گجراتيءَ ۽ راجستانيءَ ۾ بہ آهي. هيڏانهن انگريزيءَ ۾ ڊئاري آهي،جنهن کي اسين ڊائري (Diary) چوندا آهيون، جو اسپيلنگ (Spelling) جي خيال کان بہ غلط آهي،جو تہ Diary سڌو ڊئاري لکيل آهي. ان جو اُچار ڪرڻ لاءِ بہ قاعدو "ڊيئاري" آهي ۽ صحيح معنيٰ بہ هڪ ڏينهن جو يعني (Lasting for one day) اٿس. انگريزي ۾ پيو بنياد ڪونہ اٿس،سواءِ لئٽن (لاطيني) ڊياريم (Diarium) جي، يا تہ قبول ڪيو وڃي تہ انگريزي ڊيئاري تان سنڌيءَ ۾ آيو تہ اهو بہ ڏکيو آهي،جو تہ سنڌيءَ جي "ڏهاڙي" ۾ ڏينهن اکر جڙيل آهي يعني ڏينهن+ واري= ڏينهاري= ڏهاڙي بڻبو. هرو پرو ضد ڪونهي، مگر ڳالهہ سوچڻ جهڙي آهي.

**ڏوڪڙ**- هڪ پئسو ٽامي جو. پراڻي وقت ۾ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾

۽ ان جو واهپو هو، ان جو اڌ پئسو ۽ ٿيندو هو، جنهن کي آڌيلو چئبو هو. هڪ ڏوڪڙ (پئسي) ۾ ٽي پايون هونديون هيون. وڏي رقم ۾ ان جو استعمال ٿيندو هو يعني ڏوڪڙ- پئسي وارو معنيٰ شاهوڪار.

**ڏوراپو-** مهڻو ڏيڻ، ڏوهه ڏيڻ، گلا ڪرڻ، ڪم نه ٿيڻ تي مهڻو (ڏوراپو) ڏيڻ. هن جو بنياد سنسڪرت "دوشاروپڻ" آهي معنيٰ ڏوهه ڏيڻ يا ڏوهه مڙهڻ.

**ڏاهو-** سياڻو، عقلمند، سمجهو، ڄاڻو، حڪيم يا ويڄ.

**ڏَرڻُ-** گهڻو ڪائڻ، ڏنڊ، دال وغيره ڏرڻ ، ڏارڻ، ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ. پار گهڻو ڪائيندو، ڪائي وري گهرندو ته زالون چونديون "هان وٽ، ڏَر."

**ڏريو-** ڪٽڪ کي ڏري ٽڪر ڪري،ان کي رڌي ان ۾ ڳڙ وجهي مٺو ڪرڻ کي"ڏريو" چئبو آهي. شادين تي جانورن سان گڏ"ڏريو" لازمي طرح ڪارايو ويندو ۽ ورهايو ويندو هو، جنهن کي"ڏَرئي جو سيرو" چئبو هو. [سنڌ ۾ "ڏارو" لفظ به استعمال ٿئي- تاج]

**ڏاند-** ڍڳو، ٻئل، ڳانءِ جو مذڪر، "ڏاندن جو جوڙو" ٻنيءَ ۾ زمين کيڙڻ لاءِ چئبو آهي.

**ڏَرَ-** سبڻ، سلائيءَ جو ڪم، ڪپڙي تي ڪم ڪرڻ، ڏر ڀرڻ. زالون واندڪائي ۾ ڏَرَ ڪڍي وهنديون يعني سبڻ جو ڪم ڪنديون هيون. ڏرَ- پَٽَ به چئبو هو.

**ڏنڙ-** گهڻو ڪائيندڙ. گهڻو ڪائيندي به ڪم نه ڪندڙ، پيٽ پريل، چڱو، ڀلو ماڻهو ڪم ڪونه ڪندو هو ته چئبو هو "ڏنڙ مٺو، ڏڪا پيو ڪائي، ڪم نه ٿو ڪري".

**ڏند ڪڙڪو-** ٿورو ڪائڻ، ٿورو ڳالهائڻ، دڙڪو ڏيڻ. "گهڻو نه

پر تورو ڏند ڪڙڪو ڪري ٿا وٺون. " "ڏند ٺڪاءُ به چئبو هو.

**ڏاجو يا ڏيج-** شادي ۾ ڏيتي ليتي (دهيج) طور ڪپڙو، لٽو، زيور ۽ ٻيو سامان ان کي گڏي"ڏاجو يا ڏيج"چئبو آهي، شاديءَ مهل گهوٽ پيءُ،ڪنوار بيءَ کان پڇندو آهي تہ "سائين ڏاجي ۾ ڇا ڏيندا؟" يعني گهوٽ جو اڳهہ اڳواٽ مقرر ڪيو ويندو آهي. سؤراشٽر ۾ "ڏيج" چئبو آهي. [7/360] گجرات جي پنچ محل جي ڪولين ۾ ڏيج لفظ جو استعمال ٿيندو آهي. [27/22] ⊗

**ڏاميڄ-** خراب، بجڙو، برباد. "اجايو ٻارُ کي ڏاميج ڪري ڇڏيئہ." (بجڙو- خراب) "زندگي ڏاميج ڪري ڇڏيئہ" (برباد). هي انگريزي Damage جي بگڙيل صورت آهي.

● ٻيا اکر: ڏيک- ويک، ڏک- سک، ڏسي- وائسي، ڏسٽو- وائسٽو، ڏٺو- وائٺو، ڏيٺ- ويٺ، ڏي- وٺ، ڏٿو- مٿو، ڏس- پتو، ڏرُ- پَٽُ، ڏنگ- ڦير، ڏينهن- وار، ڏکيو- سکيو، ڏيڻ- وٺڻ، ڏيئي- وٺي، ڏڪ- ڦِير، ڏيتي- ليتي، ڏئل- وائٺل، ڏک- ڏاڪڙا، ڏنگو- ڦڏو،

⊗ سنڌيءَ ۾ ڏيج ۽ ڏاج ٻئي لفظ ڪم ايندا آهن. (تاج)

اهو هنڌ سڄي ڊٺو ٿي پوندو آهي، مٽيءَ وغيره جي ڍير کي بہ ڊٺو چئبو آهي. ايجپشن ۽ سميرين ٻولين ۾ ان کي "ڊو" يا "ڊون" (Du-Dun) معنيٰ ننڍو ڍير يا دڙو کي ڊٺو چئبو آهي [54/111].

**ڊکڻ**– واڍو، ڪاٺ جو سامان (در- دريون وغيره) ٺاهڻ وارو. واڍڪو يعني ڊکڻ جو پيشو دنيا جو قديم هنر آهي. سنسڪرت ۾ ان جو بنياد تکشڪي آهي،جنهن جو تکن پوءِ ڊکڻ بڻيو آهي، جتان ئي دنيا جي قديم ٻولين ۾ ان جي بگڙيل صورت ملي ٿي. جهڙوڪ لئٽن ۾ "ٽيڪٽان (Tekton)، واڍي جي صورت (Wood Worker) معنيٰ ۾ بائيبل ۾ آيو آهي. پراڻي گريڪ (يوناني) ۾ بہ اهو ئي "ٽيڪٽان" صورت ۾ آهي،جتي ان جي معنيٰ آهي عاج، سڱ، پٿري ڪاٺ جو ڪم ڪندڙ ڪاريگر- تکشڻ- تکن جو ٽيڪٽان بڻيو آهي. [440/204]

پراڪرت ۾ ان جي صورت تک يا تکاڻ آهي. بعد ۾ اپڀرنش صورت ۾ ڊکڻ بڻيو. ⊗

**ڊيلُ**– ڊؤل- هندي ۽ گجراتيءَ ۾ ڊيل معنيٰ بدن يا قد، بت ۽ ڊؤل معنيٰ نزاڪت، بيهڪ، ڍنگ. "آٽڻ ويهڻ جو بہ ڊؤل ڪونہ اٿئي" يعني ڍانو يا فضيلت ڪانہ اٿئي. ڊيل کي ڙالون ڍيلُ چونديون هيون: "آهين بہ ڍاڍو ڍسڻ جو ڍيل (سهڻو)."

**ڊوهُہ**– دوکو، ويساهہ گهاتي، بي- ايماني. هن جو بنياد سنسڪرت ۾ دردهہ معنيٰ غداري آهي.

**ڊاڙَ**– ٻناڪ، اجايو ڊاڙ هڻي، پاڻ پڌائڻ، ڊاڙون هڻڻ.

● **ٻئا اکر**: ڊُک- ڊوڙ، ڊاهہ- ڊوهہ، ڊپ- ڊاءُ، ڊانوان- ڊول، ڊول نہ چمٽو، ڊيل- ڊؤل.

---

⊗ ترخان، سنڌ ۾ ڏاڍا حڪمران رهيا آهن، ۽ اڄ "ترخان" واڍي کي چئبو آهي. (تاج)

(آڏيلو) برابر هڪ ڏوڪڙ، ٣٠ ڏوڪڙ هڪ ڪوڙي، ڏيڍ ڪوڙي برابر هڪ ڍينگلو. هي ڪانياواڙ ۾ ١٨-١٩ صديءَ تائين واپربو هو. سنڌ ۾ ڏوڪڙ (هڪ پئسو) هو. ڍينگلا يا ڍينگلو ٻُڌبو هو،پر ڏٺو ڪونہ. باقي ٽي ڏوڪڙ برابر هڪ ڍَبوُ هو.⊗ [207/565]

**ڍولُ-** ڍولڻ، ڍولو، ڍوليو (پريتم، پيارو)، هي مارواڙ/راجستان جو لفظ آهي،جتان "ڍولا مارو" (عمر مارئي) جو قصو مشهور آهي. شاهہ لطيف هي لفظ اڪثر ڪم آندو آهي. ان موجب ڍول جو ٻيو مطلب سهڻو، سٺو، پيارو بہ آهي. ٻيءَ طرح ڍول معنيٰ وڏو دهل،جنهن جو ننڍو روپ ڍولڪ آهي. طنزي طور چئبو هو "آهين بہ ڏاڍو ڍول (سهڻو)."

**ڍُڪڻ-** ڍَڪڻ/ ٻيٽ سان ٿيڻ. گرڀ ٿيڻ، ڍَڪَلَ يعني ڪنهن ماده (عورت) جي ٻيٽ سان ٿيڻ تي ان کي ڍُڪيل ۽ فعل ۾ ڍُڪڻ/ ڍَڪجڻ آهي؛ يعني هيءَ ڍُڪي آهي. پراڪرت ۾ ان جي صورت ڍِڪَئِہ آهي. معنيٰ ڍُڪي ٿيڻ.

● ٻتا اکر؛ ڍڪ- پردو.

---

⊗ ڍينگلا رُپيا، يعني چانديءَ جا رُپيا، سنڌ ۾ ڪم ايندا هئا (تاج).

# ز

**زَردَ**– پيلو، هيڊو (هئڊو). هن جو بنياد سنسڪرت هَردرا معنيٰ هيڊ آهي، جيڪو سنڌ ۾ هئڊ ۽ هنديءَ ۾ هلدي بڻيو. هَردرا جو فارسيءَ ۾ هـ جو ز (جيئن هست جو زست) ٿي، زردرا مان زرده ٿي، سنڌيءَ ۾ بہ زردو آهي؛ ڇاڪاڻ تہ هئڊ جو رنگ پيلو آهي، ان ڪري زرده مَعنيٰ بہ پيلو رنگ آهي. سنڌ ۾ گدرا ٿيندا هئا، پر گدري جهڙو هڪ ڦل (ميوو) ڪوئيٽا مان ايندو هو ۽ گدري کان ڏاڍو مٺو هوندو هو، ان جو رنگ بہ پيلو هئڻ ڪري ان کي زردو چيو ويندو هو؛ ان ڪري چئبو هو "هي گدرو اهڙو مٺو اٿئي جهڙو زردو ڪاڏو."

**زائفان**– عورت، زال، مائي. بنياد جي ڄاڻ ڪانهي، پر زالون ان جو اُچار "جائقان" ڪنديون هيون يا جاقان؛ ان تان ٿي "جقَ" معنيٰ اڌ چري ۽ گهٽ عقل وارو اصطلاح بڻيو ۽ اهڙي عورت لاءِ چئبو "چري جائقان"، تون تہ ڪا چري جاقان آهين."

**زُلف**– وارن جي اها لاٽ، جيڪا ڪَنَ وٽان هجي، پر عام طرح وارن لاءِ بہ چئبو آهي.

● ٻـا اکـر– زر– زيور، زور– ظلم، ذرو– پـرزو، ذري– پرزي، ذرِي– پرزِي.

# ر

**رَجُ**– لائق- ڪم وارو، نيڪ مرد، بار سَهڻ وارو. "فلاڻو رَجُ مڙس اٿئي يا آهي." اڻين ڪو يار وڏيڪ به ڪٿي ويندو ته به چئبو، "رج مڙس يا مرد آهي."

**ريچَڪُ**– چوٽي، اتساهه، جُڇڪي، اوچتو خيال، جوش اچڻ. ڪو نه نه ڪري،جي اوچتو اتي اهو ڪم ڪرڻ لڳندو هو ته ان کي چئبو هو، "وري ڪهڙو ريچڪ اچي ويئي."

**رَندَ يا رَندَن**– معنيٰ يا بنياد جي ڄاڻ ڪانهي،پر ڪو ضروري ڪم ٿيڻ جهڙو به نه ٿيندو هو ته چئبو هو "مونکي ته رندن ۾ رلائي وڌءِ." يار "رند ۾ رلائڻ."⊗

**رانبوٽا يا رانيوٽا**– هٿن جي ننهن سان ڪنهن کي زخمي ڪرڻ/ پائڻ يعني رانيوٽا پائڻ.

**رانڊي**– زناني گار آهي. شايد "رَنڊيءَ" جو بگاڙ آهي. رَنڊي معنيٰ وٺشيا، ڇڪلي واري عورت. رن زال ڪا شيطان هوندي ته ان کي چئبو هو. أتر ڪاشيءَ ۾ ساهرن ۾ ڪنوار کي رانڊي (راڻيءَ جي معنيٰ ۾) چيو ويندو آهي. [18/441] پر مڌيه پرديش ۾ هڪ چوٽيءَ ۾ رانڊي لفظ وڌوا (بيوه عورت) جي معنيٰ ۾ ايندو آهي جيئن سنڌ ۾ به. [44/55]

**رينگٽُ**– دهراڻ، هر هر چوڻ/ ٻڌائڻ، ساڳي، ساڳي ڳالهه چوڻ، چپ نه ڪرڻ. "آهي ڇا، گهڙيءَ گهڙيءَ رينگٽ لائي ڏنو اٿئي." نار جي هلڻ ۾ ائٽ جي ڪتڻ جي آوازن کي به رينگٽ چئبو آهي.

⊗ رند = رستو (ڦاج)

[6/5] جن پوت بہ اڪثر جوان زالن کي وئندو آهي.

**رولو-** گهوٽالو، گڙٻڙ، غلطي. مُنڊا آديواسي ٻوليءَ ۾ رولو-رولو اجائي آواز لاءِ آهي. [6/674] اجائي گوڙ ۾ ٺي رولو ٿيندو آهي. ٿي سگهي ٿو مي بہ اصطلاحي طور ٿيو هجي.

**رِٻ-** رِٻائِڻ- اجايو تنگ ڪرڻ، حيران ڪرڻ، چوُ- چوُ ڪرائڻ، دير ڪرڻ. "اجائي رِٻ آهين"، "اجايو ڇو ٿو رِٻائين". منڊا قبائلي ٻولين ۾ بہ ربي- ربي ائين ٿورو- ٿورو ٿي وهڻ يعني پورو ڪم نہ ڪري ٿورو ڪري وري ڇڏڻ،ائين رِٻائِڻ بہ آهي. [6/674]

**رَڏي-** گهوڙي وغيره جو رَڏي هڻي بيهڻ (هلڻ کان نابري)، يا جڏو گهوڙو، رَڏ.

**رُڄَ-** رڻ پٽ، سيم، مرگهہ ترشنا يعني رڻ پٽ ۾ پاڻيءَ جي موجودگي سمجهڻ (ڏسڻ ۾ اچڻ). [41/47] ان کي رِڻُ بہ چئبو آهي. سنسڪرت ۾ ان جو بنياد رِڻ معنيٰ قلعي واري ايراضي، پاڻي (مرگهہ ترشنا) ۽ قرض بہ آهي. [90/183]

**راءِ-** راجا، حاڪم، سردار. هن جو بنياد سنسڪرت راجن معنيٰ راجا آهي،ان جي پراڪرت صورت بڻي رايہ، سنڌيءَ ۾ اهو راءِ بڻيو. ڪٿي ان کي 'راوُ' بہ چوندا آهن. ڪيلٽ ۽ اسڪاٽش ۾ اهو رِ يا ري (Ri) معنيٰ راجا. وڏي راجا جو ڪوعيوضي حاڪم بڻيو تہ اهو بہ ٿيو را يا راءِ. انگريزيءَ ۾ وائيس (Vice)+ راءِ= وائيس را يعني وائيسراءِ معنيٰ شهنشاهہ جي پاران حڪومت ڪندڙ حاڪم يا ننڍو راجا. [40/3/16]

ٻيءَ طرح راءِ معنيٰ دل جو خيال، ارادو. "تنهنجو ڪهڙو رايو يا راءِ آهي؟"

**رَبَ-** ڪاڏي جو هڪ نرم قسم، جو، جوئريا ٻاجهريءَ ۾ ٿورو وڌيڪ پاڻي وجهي،ان کي ڪاڙهي پيئڻ لائق (ڪائڻ- چباڙڻ نہ) بڻائبو

آهي. هيءَسياري ۾ تہ صبوح جو اڪثر ڪاڏي ويندي هئي. ان ڪانسواءِ ڪنهن بيمار کي ڳرو ڪاڌو نہ ڏيئي هيءَ رب پيئاربي آهي، جو هيءَ زُود هضم ٿيندي آهي. بنياد جي پڪ ڪانهي پر عربيءَ ۾ رُب معنيٰ ڦلن جي رس (رويہ بہ آهي)، فارسيءَ ۾ رُب آهي. فرينچ ۾ اسپئنش روب (Rob)، اٽالين ۾ روب يا روبو. پورچوگيز ۾ روب يا اروب، مطلب سڀني جو لڳ- ڀڳ ساڳيو آهي.

**روڏ-** ٿوڙهہ، ٽِپڙ، ڪوڙيل مٿو. (روڏِ ڪٽڻ) چئبو آهي. اگر ڪنهن کي مار ڏيڻ جو دڀ ڏبو آهي تہ "نہ تہ روڏ ڪٽيندوسانءِ" چئبو.

**روپيو-** چانديءَ جو گول وڏو سڪو، وزن هڪ تولو. چوڏهين صديءَ ۾ ان کي "رُپئيا" چئبو هو. [25/82] سنسڪرت ۾ چانديءَ کي روپيہ چئبو آهي؛ ان ڪري روپئي جي سڪي کي بہ رُپو (رپيو) چئبو هو ۽ آهي.

**رَلي يا رِلي-** نندين، نندين يا پراڻن ڪپڙن جي نندن، نندن ٽڪرن کي سبي ان ۾ اڳڙيون پيري هيءَ رات جو سمهڻ مهل مٿان وجهڻ يا هيٺان وڇائڻ جي ڪم ايندي آهي. زالون گهر جي ڪابہ شيءِ اڻين ڦٽي ڪونہ ڪنديون آهن؛ ان مان ڪونہ ڪو ڪم وٺڻ جي ترڪيب سوچينديون آهن. خاص ڪري واندو وهڻ سندن ڪم ناهي، ڪجهہ نہ ڪجهہ گهرجي. اُن لاءِ هي ٽڪريون پاڻ ۾ ڳنڍي (واندڪائيءَ ۾) ان مان ڪجهہ ڪم جي سهڻي چيز ٺاهينديون آهن. هاڻ تہ درزڪي ڪم مان ڦٽندڙ ڪتنگ جون رنگين ٽڪريون ڳنڍي انهن مان گاديلي وغيره جي چوَ بہ ٺاهينديون آهن. هيءُ هنر يا ترڪيب ڪڇ ڪاٺياواڙ ۾ آهي تہ گجرات ۾ بہ آهي. آمريڪا جا ڳاڙها هندو بہ ان طرح رنگا- رنگي وڳا ٺاهيندا آهن. پراڻن ڪتابن ۾ راجستان ۾ رآڪ ڪپڙي جو ذڪر ملي ٿو، جيڪو اتي شايد ڪشميري رڍن جي وارن مان ٺهندو هو، پر سنسڪرت ساهت ۾ 'رلڪ' هڪ ڪنبل جو قسم آهي، تہ رلي بہ هڪ

ڪنبل جي طرح سياري ۾ مٿان وجهبي آهي (امرڪوش ۾ به ائين آهي). هي به اڳڙين مان نهندڙ ٿلهو رلڪي يا رلڪو ڪپڙو ٿيندو آهي،جنهن ۾ زالون پڪل ڪوسي (گرم) ماني ويڙهي سنڌ ۾ رکي ڇڏينديون آهن، جيئن اها نرم ۽ گرم رهي. ٻارن کي سمهارڻ لاءِ به گهرن ۾ رلڪا ناهي رکيا هئا. جيڪي ننڍي گاديلي جو ڪم ڏيندا هئا.

**رُنيَڻُ**– ڪم ۾ رنيائڻ- لڳائڻ. واندو نه ويهي ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ رنيجي وڃڻ. سنسڪرت ۾ هن جو بنياد "روڌن" معنيٰ رنڊڪ، اٽڪاءُ آهي يعني واندي ويٺڪڻ کان روڪڻ. پراڪرت ۾ اهو رُنيَڻُ ئي آهي، معنيٰ ساڳي.

**ريسَ**– نقل ڪرڻ، تيسو ڪرڻ. هن هي ٻاتو نه مان به اهو ٻايان، هو تڪڙو ڊوڙي ٿو نه مان به ائين "ريس" ڪريان، مطلب ريس معنيٰ نقل ڪرڻ آهي. جيئن "ريسارو گدڙ". انگريزيءَ جو ريس (Race) به ان ئي مطلب مان آهي،ان ڪري هن جي بنياد جي ڇاڻ ڪانهي. هي سويڊش ۾ resa، پراڻيءَ انگريزي ۾ ras، raz، اينگلوسيڪسن ۾ raes، آئيلينڊڪ ۾ راس ras، معنيٰ اڪثر ڊوڙڻ آهي يعني شرط پڄائڻ، ٻئي کان اڳرو ٿيڻ. هر حالت ۾ مطلب فقط نقل ڪرڻ ئي آهي.

**راضي نامو**– ناهه ڪرڻ، پسندگي، ناهه، ٻڌي، پر گجراتيءَ ۾ راضي نامو معنيٰ استعيفا ڏيڻ، نوڪري ڇڏي ڏيڻ آهي، جتي وري مرهٽيءَ مان آيو آهي. ڪنهن نه وٺندڙ مالڪ جي رضامنديءَ کانسواءِ نوڪري ڇڏڻ. بس اهو ٿيو راضي نامو، هيءَ اصطلاحي صورت آهي.
[16/169]

**رَتي**– طاقت، مردانگي، سون وغيره هلڪي تور لاءِ وزن (٨ رتيون=ماسو). هي سنسڪرت رَتَ يا رَتِ معنيٰ خوشي يا جماع جو مزو. هنديءَ ۾ اهو رَتي مشهور آهي،شهوت آهي،پر سنڌيءَ ۾ مردانگي

يا طاقت طور ڪم ايندو آهي، ڪنهن سگهاري کي چئبو هو، ”مڙس ۾ رتي آهي“ يا ”مڙس رتيءَ وارو آهي.“

● ٻنا اکر: رَڌ- پچاءُ، رلڻ- پنڻ، رولو- پينو، ريل- چيل، روج- راڙو، رات- ڏينهن، ريهي- ريبي، ريهہ- پيهہ، راند- روند، راهہ- رباني، رلي- ملي، رلڻ- ملڻ، رلٽو- ملٽو، رَنَ- روڳڙي، راتو- واهہ، رنگ- ڍنگ، رنگ- روپ، رنگ- روغن، روٽي- ڏوٽي، روٽو- ڏوٽو، رتو- چاڙ، روٽي- لنگوٽي، روٽي- پاٽي، رَڌ- پچاءُ.

# س

**سَڌَ**- دِل، خواهش، چاهه. "اچ هن شيءِ تي سَڌَ ٿي پئي آهي." هن جو بنياد سنسڪرت شرڌا آهي.

**سانسَتي**- ڏيرج سان، ڪجهه ترسي، موقعي سان، جڏهن ٺيڪ لڳي. "تڪڙ ڪانهي ڀلي سانسَتيءَ سان پورو ڪج." گجراتيءَ ۾ "سانستائي" آهي.

**سانجَڻ**- روٽي، ماني تيار ڪرڻ جو ڪم، رڌ- پچاءُ. "هاڻ تہ سانجڻ ڪرٽي اٿم، پوءِ اهو ڪم ڪنديس."

**سَڪو**- هي چِڙ ۾ اڌ گار برابر آهي. "فلاڻي جو سَڪو"، راجستان ۾ مسلمانن جو هڪ قبيلو سَڪا آهي،جيڪي بهشتي (پاڻي پريندڙ) آهن. [28/8] (ريلوي اسٽيشنن تي مسافرن کي پاڻي پيئاريندڙ کي بهشتي چئبو آهي).

**سوُڪڙي**- سوغات، يادگار، ڪنهن کي ڪا چيز خاص ڏبي آهي تہ ان کي سوُڪڙي چئبو آهي. گجرات جي،پنج محال ضلعي ۾ بہ ان جو استعمال ٿيندو آهي. [27/18]

**سيڙهي**- چُن. جاين کي اڇو چُن پسائي لڳائبو آهي، جنهن ڪري سونهن تہ ٿيندي آهي،پر جاءِ جي پٽ خود مضبوط رهندي آهي ۽ جاءِ تي لڳايل سيمينٽ جي پلستر مٿان چُن لڳائڻ سان اهو خود بہ وڌيڪ پڪو ٿيندو آهي. پراڪرت ۾ اهو سيڊي يا سيڙهي آهي،جتان سنڌيءَ ۾ بہ سيڙهي معنيٰ اڇو چُن. [27/112]

**سينهي**- مٿي تي ڪو وزن رکڻ لاءِ ان جي هيٺان ڪپڙي جو نهيل گول ويڙهو رکڻ سان بار جي تڪليف گهٽ ٿيندي يعني ايذاءَ- سَور نہ ٿيندو، ان کي سينهي يا سينهوڙي يا سينهوڙو بہ چئبو آهي. سنڌ ۾ پيش وغيره جي گول نهيل ٿيندي هئي، جيڪا زالون درياءَ يا کوهہ تان پاڻي ڀرڻ مهل مٿي تي رکي مٿان پاڻيءَ جو دلو رکنديون هيون.

**سگهہ**- طاقت، همت، طريقو. "اٺئي ايتري سگهہ جو هي بار کٽي سگهين يا قرض لاهي سگهين." ان جو ئي سگهارو (طاقت وارو) ۽ سگهو (تندرست) آهي. اگهو (بيمار) هو هاڻ سگهو (چڱو ڀلو) ٿيو آهي. پر جي س کي زير ڏبي تہ ٿيندو سِگهو معنيٰ جلد. حساب ۾ درجي جي پهرين سَگهہ، ٻي سگهہ ٿيندي آهي يعني طريقو.

**سُندُ**- پيشَ مان نهيل گول داٻلي جيان ڍڪ سان جنهن ۾ زالون اڪثر ماني پچائي رکنديون هيون، جنهن ڪري ماني گرم رهندي ۽ ٻانس نہ ڪندي، جو هوا جو لنگهہ ان ۾ هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن گهر جو سامان ڏر- پٽ بہ ان ۾ رکبو هو. ٿي سگهي ٿو هي عربي صَندوُق جو ننڍو روپ سُندُ هجي.

**سَمَڪَ**- ڄاڻ، سڌ، خبر، محسوس، يادگيري. "تو ڇيو پر مون کي سمڪ ئي ڪانہ رهي." (وسرڻ)، "تون آئين پر مون کي سمڪ بہ ڪانہ پئي" (خبر).

**سَماءُ**- ڏس- ڄاڄڻ، حال احوال وٺڻ، سڌ- سماءُ لهڻ. ڪو بيمار هجي تہ ان جو سڌ- سماءُ لهڻ يعني پرگهور ڪرڻ" صوفين جي هڪ مستيءَ ڀري مجلس، جنهن ۾ ٻيگٽن جيان گول- گول ڦرندا آهن، پر اهو 'سماع' ٿيندو آهي، اُچار ساڳيو.

**سُنٽالو**- وڏيڪ، ٿورو وڏيڪ. جيڪو ڏجي تنهن کان ٿورو وڏيڪ تور ۾ يا ٻيءَ طرح ڏيڻ. ان جي اُبتڙ اُنٽالو معنيٰ گهٽ- ٿورو

گهٽ.

**سُتي**- دوا، ڪجهہ پسار جون شيون پسائي، ڪاڙهي ، چاڙي اهو بيمار ٻار کي پيئارڻ. رواجي حالت ۾ بہ ڙالون ٻار جي تندرستيءَ جي خيال کان ڪجهہ ستيون پيئاريندڀون هيون، جنهن کي سُتي- ڦڪي چئبو هو. ٻي معنيٰ اثر يعني "هن برائيءَ جي تہ هن کي ڄائي کان ڪا ستي پيل آهي." يا سنائي يا سنن ڳڻن جي سُتي يعني تعليم.

**سُتيڙو**- سِپ، سِپيءَ جو اڌ. جنهن سان ٻار کي سُتي (دوا) وغيره پيئاري ويندي هئي، ان سُتيءَ ڪري ان جو نالو ئي سُتيڙو پئجي ويو: جيڪو اڄ جي چمچي کان وڌيڪ منو ۽ بي- ضرر هو. ان کي مَلڻ جي بہ ضرورت ڪانہ ٿيندي هئي،فقط پاڻيءَ مان ڌوئي ڇڏبو هو. هر گهر ۾ هي لازمي هوندو هو.

**سوجِهرو**- روشني، صبوح يا شام جي (منهن اونداهي)

**ساڏا**- سڃا ۽ اڌ (ٽي+ اڌ= ساڏا ٽي). هن جو بنياد سنسڪرت ۾ سا+ ارڌ= سارڌ= ساڏا پٽيو.

**سِجهائڻ**- چانور يا ٻاجي رڌي پوءِ تمام هلڪي باهہ تي ان کي سِجهائڻ (پوري طرح ڳرڻ) لاءِ رکي ڇڏبو هو،سو ٿيو سجهائڻ. راجستانيءَ ۾ سيجهنا آهي.

**ساڪي**- جنهن ۾ سؤ بيت يا ڏوهيڙا هجن،سو ٿيو ساڪي. هن جو بنياد سنسڪرت شتَڪ آهي. معنيٰ سؤ. سو پراڪرت ۾ ٿيو سئِڪي ۽ سنڌيءَ ۾ ساڪي. [202/172] پنجاب وغيره ۾ بہ ساڪي آهي.

**سائِر**- سمنڊ. هن جو بنياد سنسڪرت ساگر آهي. راجستانيءَ ۾ "ساير" آهي.

**سَجَر**- تازو پاڻي ، منو پاڻي نديءَ جو [202/420]. هن جو مول

سنسڪرت سَجَل يا سَجَر آهي.

**سُڪو**- پنگ گھوٽي ان ۾ گھٽو پاٽي وجھي،پوءِ عام ۾ مفت ورهائبو هو. گرمين ۾ هندو روز ٢-۴ بجي منجهند ڪانپوءِ ائين ڪندا هئا. ان سان گڏ چڻا يا چونئرن جا ڪوهر ڻاهي سُڪي سان گڏ ورهائيندا هئا ۽ هوڪو هوندو تہ سُڪو، سيسا لال جو (سيسا ڪوهرن کي چئبو آهي يا جيڪي بہ ورهائجي). پنجاب ۾ اهو نهنگ سکن جو هڪ قسم جو ڪنتري دارون آهي. (گھاٽي پنگ مان نشو ٿيندو آهي).
[107/149]

**سينڌي**- ساهيڙي مرد جي يا رکات. سنسڪرت جي "امرڪوش" موجب اها عورت،جيڪا پنهنجي مرضيءَ سان پرائي گھر ۾ رهي،ڪو ڪاريگريءَ جو ڪم ڪندي هجي.

**سِرو**- مٿيون حصو. سنڌ ۾ سنڌ جا ٽي ڀاڱيوار نالا آهن،سِرو، (مٿيون)، وچولو (وچيون) ۽ لاڙ (هيٺيون- لڙيل). پر اصل ۾ سِرو ۽ لاڙ ٻئي بلوچي لفظ آهن، يعني سر ۽ لاڙ معنيٰ اتر ۽ ڏکڻ. اِليٽ صاحب جي چوڻ موجب سر يا سرو، سلاو (Slaw) ٻوليءَ جو لفظ آهي،جتي ان جو اُچار سَئُرو (Sauro) آهي. سلاو ۽ ايران پاڙيسري آهن ۽ بلوچيءَ تي فارسيءَ جو اثر آهي، ان ڪري سرو معنيٰ اتر ۽ لاڙ معنيٰ ڏکڻ سنڌ. پر سنڌ جو وچولو بہ فارسي لفظ آهي يعني "وسط"، ان جو سنڌي روپ ٿيو وچ ۽ هنديءَ ۾ بيچ. خاص اها ڳالهہ بہ آهي تہ اهڙي قسم جي ورچ عربن مصر جي نيل (Nile) نديءَ سان بہ ڪئي آهي؛ جو نيل جي مٿي ۽ هيٺ جي وچ واري حصي کي "وسطاني" يعني وچولو ڪري لکيو آهي.
[323/527]

**سِهَرو**- مٽڪ- منڊڪ پڳ. شاديءَ ۾ گھوٽ کي مٿي کان منهن تائين سچو گلن وغيره جي جھالر سان سينگارڻ (ڍڪڻ) کي بہ سِهَرو چئبو آهي. شاباس معنيٰ بہ ان طرح آهي تہ "هن ڪاميابيءَ جو

سهَرو هن جي سر تي آهي." راجستانيءَ ۾ سيهَرئو چئبو آهي.
[513/49] سَحَر معنيٰ صبوح جو سويلءِ سَحَر ياساحر(عربي) معنيٰ جادوگرءِ سهَر معنيٰ اوجاڳو يا بيداري آهي. پراڻي سنڌيءَ ۾ سِهرو آهي ۽ عام طرح سنڌي سَهِرُ (بنا صبوح جي تميز جي) چئبو آهي.

**سيلَ**– اوائل ۾ پهريون سگريٽ بتي ڇاپ ايندو هو، جيڪو پئسي- ٽڪي ۾ پاڪيٽ ملندو هو،ان کي سيلَ چئبو هو.

**سِياپو**– ماتم، ڏک، شور، اجايو ڇاتي متو پٽڻ.؟ جي گهر وچي زالون ڇاتيون پٽينديون هيون،جيڪو اصل سنڌ جو رواج ڪونهي. پنجاب ۾ بہ سياپو چئبو آهي. هي ترڪستان جي هوڻن جو رواج هو، جيڪو ساڻن گڏ ڦهليو.

**سَويل**– جلد، اڳ، اصطلاحي طور. مگر مؤل آهي س- ويلا. ان ۾ ويلا معنيٰ ويل ۽ س معنيٰ نيڪ،س- ويلا يعني نيڪ وقت تي. دير سان نہ، ان ڪري اهو ٿيو سويل. "سوير" بہ چئبو آهي، جو پراڪرت ۾ ر ۽ ل پاڻ ۾ متجندا آهن. [25/525]

**سگِهرو ۽ ساگهر**– س معنيٰ سان يا گڏ،جيڪو سنسڪرت جي بگڙيل صورت آهي ۽ گهر معنيٰ گهر جا ڀاتي. يعني سا+گهر=سگهر يعني گهر جي ڪابہ عورت جيڪا ساڻ گڏ ڪٿي ٻاهر هلي يا س+گهر=سگهر=سگهر يعني زال سان گڏ. "ڀلا اڪيلو آيو آهين يا سگهرو ؟" پر ساگهر ۾ وري زالون ٻار بہ شامل ٿيندا آهن. گجراتيءَ ۾ ساگاري معنيٰ ساگهر آهي. [27/112] ملڪ محمد جائيسيءَ سگري (سڀ) چيو آهي. [3/590]

**ساڦو**– ڪپڙي جو چورسي ٽڪرو (انگوڇي وارو ڪپڙو) جيڪو زالون هٿ منهن صاف ڪرڻ لاءِ اڪثر پاڻ سان رکنديون هيون. ٿي سگهي ٿو اهو صاف يا صفا مان ساڦو بڻيو هجي،جو تہ زالون ف نہ چئي

ڪري 'ڦ' چونديون هيون.

**سِرُونبڙي يا سُرونڊڙي-** ڇڇي هڪ ساهوارو جيڪو ڀت/ ڇت تي سرندو هلندو آهي. هيءُ زهري جيت آهي. پاڻيءَ جي مٽ وغيره ۾ ڪري پوي ته اهو پاڻي هڪدم هاري ڇڏڻ گهرجي ۽ برتن به ڀڃي ڇڏجي مٽ وغيره. سندس وِٺ به زهري آهي، ان سان به موت ٿي سگهي ٿو.

**سَرِسُ-** وڌيڪ، "ٿورو سَرِسُ ڏي" يعني وڌيڪ، گهڻو. گجراتي سَرس معنيٰ ڏاڍو يعني گهڻو.

**سَنوارَتَ-** هي لفظ اڪثر مسلمان ڪتب آڻيندا يعني حجامت لاءِ پوءِ ڏاڙهي ۽ مُڇن جا وار ڪٽنچيءَ سان سڌا ڪرائڻ هجن يا وار نهرائڻ، پر چوندا هئا "مان سنوارت ڪرائي اچان ٿو." (حجام وٽان)

● ٻٽا اکر: سٽيو- ستابو، سڪيو- ستابو، سڪيو- سنهنجو، سيڻ- سڄڻ، سيڻ- سَڌر، سچو- سارو، سيڏو- سامان، سِڏو- سنئون، سيڏو- پاڌو، سامان- سڙو، سار- سنيال، سنيال- سڙي، سُر- تال، سودو- پاڻي، سج- ٻج، صبوح- شام، سوڙهه- نگهوڙ، ساڻ- ساڻ، سَٽ- مَٽ، سَٽ- ڪَٽ، سُس- پُسِ، سَڄَ- ڏڄ، صلاح- صولي، سَٽڪو- پٽڪو، سند- سنبت، سَنُ- سَهرو، ساڱو- واڱو، سڳو- ڏاڳو، سونهه- ڦوءَ، سُڌ- سماءُ، سانڙيا- گادڙيا، سيل- مُهر، سُتي- ڦڪي.

# ش

**شِد** – ضد، هٺ، اجائي هوڏ. هن جو بنياد شايد فارسي شِدت تان بگڙي نڪرندو ٿيو آهي، جنهن جي معنيٰ به ساڳي آهي.

**شودو**– لچ، بدمعاش، لفنگو، غنڊو (گونڊو)، لوفر. مرائيءَ ۾ 'سودا' چئبو آهي.

**شَلِ**– پريل، پَسيل، پگهر ۾ شَلِ ٿيڻ.

**شاهه**– سيد، شاهوڪار، حاڪم. هن جو بنياد سنسڪرت شاڪا آهي معنيٰ ٽاري- شاخ. چون ٿا ايران ۾ جهنگلي جانور ماري، ان جا سِڱ متي تي لڳائڻ واري کي ان شاخ (سِڱ) سبب شاک جو شاهه چيو ويندو هو. ايران ۾ شَڪ قوم وارا پاڻ کي ساهي چوائيندا هئا ۽ حاڪم کي "ساهنساهي" چئبو هو،جتان شاهه ۽ شهنشاهه لفظ عمل ۾ آيا.

**شَريرُ**– هي سنسڪرت لفظ آهي معنيٰ بدن يا سرير، پر عربيءَ ۾ ان جي معنيٰ برو خراب، حرڪتي، فسادي آهي.

**شَرابُ**– دارون، نشيدار پيئڻ جي چيز (پائيٽ). حقيقت ۾ هر اها چيز جيڪا پيتي وڃي سو شراب آهي ۽ هيءُ عربي لفظ آهي، مگر اڪثر شراب جو مطلب ان شيءِ سان آهي،جنهن مان نشو ٿئي، پر حڪيمن جي ٻوليءَ ۾ "شربت دوا" آهي،جهڙوڪ "شراب بنفشو" يعني بنفشي جو شربت. اسين جيڪو اڄڪلهه کنڊ ڪاڙهي ان ۾ رنگ- ايسنس وجهي شربت نالي سان پيئون ٿا،سو شربت ناهي، اهو ته مٺو- ذائقيدار پاڻي آهي.

**شَربَتُ**- کنڊ کاڙهي ٿورو گهاٽو ڪري؛ لاهي ۽ ٺاري ان ۾ ڳاڙهو ۽ سائو رنگ ملائي خوشبوءِ ڪرڻ لاءِ ايسنس وجهبو آهي، سو ٿيو شربت. حقيقت ۾ شربت ڪجهه دوائن (پسار جي چيزن) جو مرڪب آهي؛ جيڪو دوا طور پياريو وڃي. ڪن حالتن ۾ سخت بيمار به ان سان شفاياب ٿيندا آهن، نه ته خمار وارين اکين کي شرابي اکيون نه چئجي! ”شربتي اکيون“ چو چئجي؟ خمار معنيٰ جهڙو نشو ته شربت مان ته نشو ٿيندو ڪونهي،جو ان کي شربتي اکيون چئجي، يعني معشوق جون شربتي اکيون. ٻيءَ طرح شربت جي معنيٰ آهي دوا جو هڪ وزن.

● ٻيا اکر: شادي- مرادي، شڪ- شبهو، شڪ- گمان، شاهد- گواهه، شيوا- پاٽي، شيوا- چاڪري.

# ڦ

**ڦِنگو**- ڇڊو، پتڙو، گهاٽو نہ، پاڻي گهٽو ملايل کير ۾. "کير کھڙو آندو اٿئي، ڦِنگو جهڙو پاڻي."

**ڦُلورَ**- ڦل، ميوات. زالون ورتِ (ڪاڏو نہ ڪائڻ) ڏينهن فقط ڦل ڪائينديون آهن يعني ڦل+آهار= ڦلاهار جو ڦلور ٿي ويو.

**ڦِلهيَر**- رک، ڇار، ڪاٺينءِ ڪوئلن جي ٻري پوري ٿيڻ بعد، جيڪا هلڪي وزن واري رک بچندي آهي،ان کي ڦلهير چئبو آهي.

**ڦسيڙو**- آهي تہ مٺيءِ سريلي ڳار، پر چئبو هو چرچي ۾،وڏن کي چڙي. "اي ڦسيڙا!ڪيڏانهن تو وڃين"،وڏا ننڍن کي بہ چوندا هئا.

**ڦارسي يا فارسي**- ڏکيائي، تڪليف، دقت، وڏي ڳالھہ. "ان ڪم ڪرڻ ۾ وري ڪهڙي فارسي آهي" (ڏکيائي يا وڏي ڳالھہ). گجراتي ۾ پوجڪ ءِ نائڪ لوڪ پنهنجي اشارن واري ٻوليءَ کي پارسي چوندا آهن. [27/110]

• ٻنا اکر: ڦير- گهير، ڦڙتي- گهڙتي، ڦِٽ- لعنت، ڦر- لٽ، ڦوت- پوڏ، ڦرڻ- گهرڻ، ڦُر- تکر، ڦت- ڦرڙي.

# ڪ

**ڪَيوَتْ**– ڪفايت، ڪس، بچت. ”ڪَسُ- ڪيوت ڪري هلڻ گهرجي.“

**ڪِچڪولُ**– ذري، پرزي، سڀ ننڍو وڏو (هروڀرو ڪم نہ ايندڙ) سامان. يا سامان هڪ هنڌ گڏ هجي،ان کي بہ ڪچڪول چئبو آهي.

**ڪُنگو**– ڇڊو، ڇڊو جهڙو پاڻي. ڀنگ يا تاڏل ۾ پاڻي گهڻو وجهبو تہ اها ڇڊو جهڙو ڪُنگو سڏبي آهي.

**ڪُجا، ڪجاڙو**– ڇا، ڇا آهي. فارسيءَ ۾ ڪُجا.

**ڪَفَنُ**– مري ويل مردي کي،جنهن ڪپڙي ۾ ويڙهجي،ان کي ڪفن چئبو آهي. عيسائي ۽ ڪجهہ ٻيا بہ هڪ پيٽيءَ ۾ لاش ڪٽي ويندا آهن،ان کي بہ ڪفن چئبو آهي. هي بنيادي طور سنسڪرت جو ڪوپين معنيٰ لنگوٽي آهي. اصل رواج اهو آهي تہ مُردي کي شنان ڪرائڻ بعد ان کي لنگوٽيءَ جهڙو هڪ ڪپڙو ڳجهو انگ ڍڪڻ لاءِ ٻڌبو آهي. بس، ٻئي ڪنهن ڪپڙي جي ضرورت ڪانهي. لاش ڪٽي ٻاهر ڏيئي ساڙي اڇبو هو يا بعد ۾ قبر ۾ پورڻ جو رواج پيو تہ بہ فقط ڳجهو انگ ڍڪڻ جيترو ئي ڪپڙو ڪتب آندو ويندو هو تہ ان لنگوٽيءَ جهڙي ڪپڙي کي ڪوپين چئبو آهي،جتان بگڙي ڪوفين، ڪافن ، ڪفن لفظ جڙيو آهي.

لئٽن (لاطيني) ۾ اهو لفظ ڪوفينس (Cophinass) آهي ۽ پراڻي انگريزيءَ ۾ ڪوفن يا ڪافن (Caffin) هو،جنهن جي معنيٰ ٻئسڪيٽ يا

برتڻ آهي، يعني جنهن ۾ مردو وڌو وڃي. پراڻي فرينچ ۾ Cafin آهي، عربيءَ ۾ ڪفن آهي،پر ان جي صحيح معنيٰ اتي آهي "مردي کي ڏنو ويندڙ ڪپڙو". مطلب ساڳيو آهي، رواج هر هنڌ بدليو آهي.

**قَبرَ**– پراڻن آرين ۾ رواج هو تہ مردي کي ساڙڻ کان اڳ ان مقرر هنڌ تي لاشن جي ماپ جيتري ڊگهي ۽ ٢–٣ فوٽ اونهي کڏ کوٽي،ان ۾ مردي کي رکي،پوءِ مٿان ڪانيون رکي باهہ ڏيئي ساڙيندا هئا. پر بدن جي مٿين اڌ وارو حصو ٿورو وڌيڪ اونهو کوٽيو ويندو هو. بعد ۾ ٽئين ڏينهن اتان هڏيون ميڙي ان کڏ کي وري ساڳيءَ شيءِ سان پوري پٽ سنئون ڪيو ويندو هو. پر جتي ٻيلا نہ هجن، ڪانيون نہ ملي سگهن، لس ميدان هجي تہ ان حالت ۾ ان کڏ ۾ ئي لاش دفنائڻو پوندو يعني مردي کي ڍڪڻو پوندو تہ ان ڍڪڻ کي سنسڪرت ۾ ڪَوَري- ڪَوَر يا ڪَبَر چئبو آهي. يوربي ٻولين ۾ ڪَوَر (Cover) معنيٰ ڍڪڻ آهي،پر عربيءَ ۾ ڪَبَر آهي،جو "قبر" ڪري لکبو آهي.

**ڪَرهو**– اٺ. اٺ جو قسم. راجستانيءَ ۾ 'ڪرهوُ' عام آهي. ڪوي رامسنر پنهنجي ٻاهڙ دوها ۾ "ڪرهي" (اٺ) جو ڪيترن هنڌن ذڪر ڪيو آهي. [20/339]

**ڪُٺبي**– هاري، پوک ڪندڙ. گجرات ۾ بہ ڪٺبي آهي. هي اصل ترڪستان جا هوڻ آهن. [22/146]. راجستان ۾ بہ ڪُنبي سڏبا آهن، ٻيو نالو ڪَرَمي آهي.

**ڪئليندر**– من لفظ جي معنيٰ حساب يا وياج جو ليکو آهي. رومن لوڪن ۾ ان جو عمل هو. اتي جا قرض ڏيندڙ واڻيا وياج جي ڳڻپ لاءِ پنهنجي وهي/ڪاتي ۾ مهينو ۽ تاريخ وغيره لکندا هئا. جيئن سنڌ ۾ ياڻيند (هندو) ڪندا هئا. ان وهيءَ (ڪاتي جي ڪتاب- ليجر (Ledger) کي اتي ڪيليندريم (Calendrum) چيو ويندو هو. ان تي

وهي/ ڪاتي جي آڌار تي روميولس عيسوي سنہ کان ٧٣٨ ورهيہ اڳ (ع. آ) سال، مهيني، هفتيءَ ڏينهن جو رواج هلايو تہ ان وَهي/ ڪاتي تي بہ " ڪئلينڊر" (Calender) نالو پئجي ويو. ان وقت ڪئلينڊر سال ۾ ڏهہ مهينا هوندا هئا، بعد ۾ ياميليس بہ ٻيا مهينا جوڙي پورن ٻارهن مهينن جو سال (ڪئلينڊر) ٺاهيو.

ان ڪري فعلَ موجب وهيءَ (چوپڙيءَ) ۾ داخل ڪرڻ ڪي ئي ڪئلينڊر چيو ويندو هو. هي پراڻي انگريزي ۾ Kalender، لئٽن ۾ Kalindarium (معنيٰ وياج حساب جو ڪتاب/وهي)، پراڻي فرينچ ۾ Calendier، فرينچ ۾ Calendrier. بنيادي طور اهو "Calends" مان نڪتو آهي. جيڪو پراڻي انگريزيءَ ۾ Kalendes معنيٰ مهينو، پراڻي سئڪسن ۾ Calend معنيٰ مهينو، پر لئٽن ۾ اهو Calendae يا Calends معنيٰ مهينو ۽ clare معنيٰ سڏڻ (to call)،پڌرو ڪرڻ prodaim. يا رومن ڪئلينڊر جو پهريون ڏينهن. چون ٿا روم ۾ مهيني جي پهرئين ڏينهن جي پڌرائي آواز ڪري ڪئي ويندي هئي. سنسڪرت ڪال معنيٰ وقت يا سمي سان ان جو ڪهڙو لاڳاپو آهي،اها ڳالهہ سوچڻ جهڙي آهي،جنهن جي معنيٰ وقت جي ورچ بہ آهي.

**ڪَنوائي يا ڪانوائي**- هڪ ٦ فوٽ ڪن مضبوط ڪاني،جنهن جي ٻنهي ڇيڙن تي رسيون ٻڌي، انهن ۾ بہ برتن رکيا هئا، پوءِ ڪلهي تي کڻي کوهہ يا درياهہ تان پاڻي ڀري اچبو هو يا ٻنگي بہ دٻا ٻڌي،انهن ۾ گهرن جو ڪنو پاڻي ڍوئي ڳوٺ کان ٻاهر هاري ايندا هئا. ٻيلن جي ٻوليءَ ۾ ڏنشد (ڪَمانِ) ڪي ڪامٺُن چئبو آهي. ڪنوائيءَ جي شڪل بہ لڳ ڀڳ ڪلهي تي رکڻ مهل اهڙي ٿيندي آهي. راجستانيءَ ۾ ڪامٺا، ڏکڻ پارت ۾ ان کي ڪاوڙي يا ڪواري چئبو آهي. اتي ڏرمي ڪمن ۾ ڪتب ايندي آهي، ڪڇي ٻوليءَ ۾ ڪاوڙ چئبو آهي.

**ڪاپڙي يا ڪاپَڙي**- ڪپڙي وارو، ڪپڙو وڪڻندڙ، هڪ قسم

ويندي هئي. هيءَ قاتل ديوي هندستان کان ٻاهر جي آهي.

**ڪَرِسو**- لوهہ يا جست جو هڪ ننڍو برتن،جنهن ۾ پاڻي وجهي رکبو يا ڪيڏانهن کڻي نندي ڪم لاءِ وڃبو.ٻاڙديءَ مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڪم ايندو هو، سنان وغيره لاءِ بہ ڪم ايندو هو.

**ڪِرمچي**- هڪ نهايت سهڻو رنگ، واڱڻائي رنگ، عربيءَ ۾ قرمزي آهي، پر سيني عالمن ۾ اهو فيصلو آهي تہ هي ٻارتي بنياد جو لفظ ڪرمي آهي، جنهن جي معنيٰ فقط جيت- ڪيئون آهي. ٿي سگهي ٿو ان 'ڪيئين' مان، جيڪو ريشم ڏيندو آهي، ان جي رنگ تان اهو نالو اصطلاحي طور ڪرمچي ٿي ويو. پوءِ تہ دنيا جي اڪثر ٻولين ۾ ان نالي جون مختلف صورتون ملن ٿيون، جهڙوڪ: پراڻي پارسيءَ ۾ Kerema، لتونيا ۾ Kirmis، عربيءَ ۾ Duel-il- Quirmis،پر بائيبل ۾ هبريو نالو Tola يا Tolaat آهي، معنيٰ ڪيئون. عربيءَ ۾ "اها شيءِ جنهن سان ريشم کي سرخ رنگ ڪيو وڃي"، آهي، فرينچ ۾ Crimson-Cramoisis ۽ جرمن ۾ Karmis آهي. [28/58]

**ڪولي**- مزور،اسٽيشن تي سامان کڻندڙ ڪولي. اصل ۾ هيءَ هڪ قديم قوم "ڪولي" آهي،جيئن ڀيل، راجپوتانا ۽ گجرات ۾ هي اڪثر آهن. غريب هاري هئڻ ڪري انگريزن جي زماني ۾ مزوريءَ جو ڪم ڪرڻ لڳا تہ ان ڪولي قوم انهن مزوري ڪندڙن جو نالو ئي ڪؤلي (Cooly) مشهور ٿي ويو آهي.

ڪاروُمُنهن،نيراپيرا- نڪمو، ناڪامياب، نيڪ جي بدران غلط ڪم ڪندڙ کي هي دل خوش ڪندڙ پاراتو يا لعنت وجهبي آهي، پر ان سان گڏ هڪ پُونڊو بہ ضرور ڏبو،نہ تہ ڳالهہ جو مطلب ئي مزي وارو ڪونہ ٿيندو.

اصل ۾ هي جملو راجستاني چارڻ چرپٽ جو چيل آهي،جيڪو هن

ڊونگي ساڌن لاءِ چيو آهي. ”ڪالا مُنهڙا پيلا ٻــگ“ يعني جن کي گنبير تي ساڌنا ڪرڻ گهرجي، سي جي ڏند ڪڏي وينا تهه ، تهه ڪندا تہ انهن جو ڪارو مُنهن نيرا پير ٿيندا يعني سب ڪارو. [27/259]

**ڪارَ مُنهان**– زالون (سنڌي) جڏهن ٻار تي غصو ڪنديون تہ چونديون، ”مَئا، ڪار منهان“. رواجي طرح جيڪو ڪنهن پرائي عورت سان زنا ڪندو هو تہ ان کي ”ڪارمنهو“ چيو ويندو هو ۽ ان فعل کي بہ ”ڪارو مُنهن“ چئبو آهي.

پر هند جو هڪ فرقو آهي،جنهن جو نالو ئي آهي ”ڪالا مُک“ يعني ڪارمنهان! هي شو مت جا مجيندڙ آهن،جيڪي ڀارت ۾ ٻاهران آيل آهن ۽ هڪ بد ذات ڪميٺو پنٿ (فرقو) آهي. [22/235]

**ڪَلَمُ**– لکڻ جو هڪ وسيلو (ساڌن)، جنهن سان پني وغيره تي لکيو وڃي. رواجي طرح سنڌيءَ ۾ عام پٽر جهڙي ڪنهن چوري مان ٺهيل هوندو هو،جنهن سان پٽر جي ڪاري سليٽ تي لکيو ويندو هو. تيلي، ڪاٺ جهڙي چيز،جنهن جو مُنهن گهڙيو تراشيو ويندو هو،جو لکڻ لاءِ ڪم ايندو هو، ان کي ڪِلڪ چئبو هو. هن جو بنياد سنسڪرت ”ڪلمه“ معني پين (Pen) آهي. ڪوي ڪاليداس پنهنجي رگهونشي ناٽڪ ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي.

عربيءَ ۾ ”قلم“ آهي،جنهن جي معنيٰ بہ گهڙيل، تراشيل يا گهڙڻ، تراشڻ يا ڪاٽڻ آهي، پر ان جي معنيٰ اها صاف ڪانهي تہ ان مان لکيو وڃي. عربيءَ ۾ اهو ڪلم اصطلاحي طور ڪِلڪَ جو هم معنيٰ آهي،نہ ڪ پنهنجو. ائين تہ عربيءَ ۾ ”سر قلم ڪرڻ“ معنيٰ قتل ڪرڻ آهي،جا ڳالهہ سنسڪرت ”ڪلم“ ۾ ڪانهي.

وٽن، ٻوٽن جي گڏيل جنس ڪرڻ يا پوکڻ لاءِ بہ ڪلم معنيٰ ڪاٺي وجهبي آهي،جا ڳالهہ عربي قلم سان واسطو ڪانہ ٿي رکي،

ڪجهہ بہ نہ. ان جي ٺي بگڙيل صورت آهي ڪاپاٺ يعني اٺاٺ سنڌيءَ ۾ چئبو هو، پاهر تہ اصل ڪاري پاٺ لڳي پيئي آهي.

**ڪوٽُ**- مٽيءَ يا سرن جو ننڍو ڪوٽ، قلعو. ڪنهن ڳوٺ جي چوڌاري ڪنيل ڀت کي بہ ڪوٽ چئبو آهي ۽ ڪوٽ جيڪو بدن تي ڪپڙن جي مٿان پائبو آهي، جنهن جي معنيٰ لڳ ڀڳ ساڳي آهي. سنسڪرت ۾ ان جو بنياد ڪوشٽڪ آهي، معنيٰ چوڌاري ڀت يا اناج جو ڀنڊار يا ڪوٺ. ائين تہ سنسڪرت ۾ ڪوٽا لفظ بہ آهي. تامل ٻوليءَ ۾ ڪوٽئي (Kottai) معنيٰ ڪوٽ يا قلعو. تيليگو ۾ ڪوٽِ آهي، پر پراڪرت ۾ ڪوٽا آهي تہ ڪنڙ ٻوليءَ ۾ ڪوٽي آهي.

آرڪٽڪ پيٽن ۾ لئپ (Lapp) لوڪ رهندا آهن، جيڪي پنهنجي ان جهوپڙيءَ کي، جيڪا مٿي نوڪدار Cone ٿيندي آهي، ڪاٽ (Kat) چوندا آهن، پر ان جو آچار ڪوٽا (Kawta) يا ڪوٽ (Cote) جيان ڪندا آهن. [125/863]

**ڪوڪي**- ڪڻڪ جي اٽي مان ناهيل ننڍي ٿلهي لولي، جيڪا اڪثر نيرن تي (چانهہ- ڪوڪي طور) کائبي آهي. هن جو بنياد شايد فرينچ آهي. ڊئنش ۾ Koek يا Koekji، جرمن ۾ Kuchen، پراڻي انگريزيءَ ۾ Coket ۽ انگريزيءَ ۾ Cake آهي. ڪوڪي ان جي مونث مُورت آهي، جا ڪيڪ کان ٿولهہ ۾ گهٽ ٿيندي آهي، يعني جيئن ڦلڪو ۽ ڦلڪڙي. ڀارت ۾ ان جو رواج يورپي قومن جي اچڻ سان پيو، شايد فرينچن مان.

**ڪَلدارُ**- چانديءَ جي رپئي يا روڪڙي رپئي کي چئبو هو. هن جو بنياد سنسڪرت ڪيدار [ڪا شڪار 0-5-15] آهي، جيڪو دينار ۽ ڪارشا پڻ سان گڏ آيو آهي. ڪيدار سڪو ڪُشاڻن، اٽڪل ٽين صديءَ ۾ جاري ڪيو. گپت زماني ۾ هي ٿيئي سڪا چالو هئا. سنڌيءَ ۾ ڪلدار اڪثر روڪڙي رپئي طور ڪتب ايندو هو. [381/511]

**ڪا ۽ ڪي ۽ ڪَ**- هي ٽي اکر عدد ۽ انداز جي معنيٰ ۾ سنڌيءَ ۾ اڪثر ڪتب ايندا آهن جهڙوڪ "ڪا" گهڙي تنهنجو انتظار پئي ڪيم"، "ڪي گهڙيون يا ڪي ڏينهن گذري ويا" ۽"ڪَ"فقط خراب وغيره معنيٰ ۾ ايندو آهي جيئن ڪَ+لڇڻو= ڪلڇڻو،جنهن جا افعال سنا نہ هجن يا ڪَ+مهلو= ڪَمهلو يعني بي موقعي، غلط وقت. خاص ڪري ڏينهن تتي يا دير رات جو.⊗

**ڪارو**- هي رنگ طور مشهور آهي،مگر ڪارو ڪو رنگ ڪونهي، جهڙي طرح اڇو ڪو رنگ ڪونهي. ڪارو ڪنهن بہ رنگ جي غير موجودگي ٿو ڏيکاري ۽ اڇو ستن (يا سيني) رنگن جو مجموعو آهي. توهين ستن رنگن جي پٽين جي چرخي ناهيو،ان کي تمام زور سان ڦيرايو تہ سڀ رنگ گڏجي فقط هڪ رنگ اڇو نظر ايندو. ڪارو تہ بس آهي ئي ڪارو. تہ بہ ڪارو ۽ اڇو عام طرح بہ رنگ ميجبا آهن.

اصطلاحي طور ان جي معنيٰ ڪارو يعني اندر جو ڪارو، بي-ايمان، لچو، بد، بڇڙو ۽ اسم خاص طور بہ واپربو آهي، جيئن ڪارو خان. حقيقت ۾ اندر جو ڪارو بدفعل ماڻهوءَ سان نهڪندڙ آهي. هن جو مول سنسڪرت ڪال آهي. ترڪستان ۾ ان جي صورت "ڪَرا" آهي. آئرش ٻوليءَ ۾ ڪرونن Cronan ۽ ڪيار (Ciar) معنيٰ ڪارو چيو ويندو آهي. [40/3/12]

بلڪل اونده (ڪاري رات) آماس (ڪاري رات)، جنهن ڏينهن گهڻو نقصان يا خراب ٿئي تہ ان کي بہ ڪارو ڏينهن چئجي.

**ڪُلو**- هي ترڪي لفظ ڪُلاهہ جي بگڙيل صورت آهي معنيٰ هڪ قسم جي گنبذ نما ٽوپي مٿي تي رکي،ان جي چوڌاري ڊگهي ڪپڙي جي سهڻي پڳڙي ٻڌبي آهي. پنجاب ۾ هندو- مسلمان پئي پائيندا آهن. هي پراڻي زماني جي روسي ٽوپي آهي. [18/23]

---

⊗ ڪا،ڪي لفظ، گرامر ۾ضمير آهن (تاج)

**ڪُتَنبُ**- سڄي گهر جا سڀ ڀاتي، فئملي. هن جو بنياد سنسڪرت ڪوُتنَب آهي. هي ترڪيءَ ۾ ڪِبتِڪا تي ويو آهي ۽ معنيٰ تنبو ۾ اٿس، ڇو ته سڄو ڪٽنب هڪ ئي تنبو ۾ رهندو آهي.

**ڪَڇو**- پيٽ کان هيٺ-گوڏن تائين پائڻ جو ڪپڙو (مِني پتلون) جيڪو ته اڄڪلهه سان پٽبو آهي. راجستان ۾ اڳي هاري يا رواجي ماڻهو پائيندا هئا،جنهن کي ڪڇي به چئبو هو. پنجاب ۾ سکن جو هي مذهبي نشان آهي.

جينين جي هڪ ڪتاب "ڪوليه مالا" (جنهن ۾ سنڌين جي باري ۾ به احوال لکيل آهي)،ان ۾ ڪڇي جو ذڪر آهي،جنهن موجب اهو هڪ قسم جي لنگوٽي هوندو هو، جيڪو بکاري (فقير) پائيندا هئا. هڪ هنڌ ان جي صورت ڪَڇوٽَڪ آهي. ڪجهه مردن کانسواءِ زالون به پڙي جي هيٺان پائينديون هيون. (اڄڪلهه ته هر عورت کي پيٽي طور پاڻُو ئي پوي ٿو). لاٽ (لاڙ؟ گجرات) ۾ ڪڇو پائڻ جو رواج هو. مهاراشٽر ۾ ان کي پويڙا چيو ويندو هو، جيڪو ڇوڪريون شاديءَ کان پوءِ گَرڀ (حمل) ٿيڻ تائين پائينديون هيون. اجنتا جي قديم غارن ۾ جيڪي پٿرن تي چٽ چٽيل آهن،تن ۾ شڪارين کي لنگوٽ پاتل آهي. ٿي سگهي ٿو ان جي بنيادي صورت لنگوٽي هجي،جا پوءِ ٿورو اڳهاڙي لڳندي هوندي،ان ڪري ان کي سبيل ڪپڙي جو روپ ڏنو ويو. جهڙي طرح راجائي ڌوتيءَ جا پاسا سبي،ان کي سلوار جي صورت ڏني وئي آهي. [479/144]

**ڪيڪو**- ننڍو ٻار، يا ننڍو. هن جو بنياد ترڪيءَ جو "ڪيڪا" معنيٰ ٻار يا ننڍو آهي، جيڪو مغلن جي زماني ۾ هتي ڦهليو ۽ لال ڪنهن به ننڍي مونث خواه مذڪر لاءِ ڪتب ايندو آهي. شڪارپوري ان لفظ جو اڪثر استعمال ڪندا هئا/ آهن. راجستان ۾ به ڪيڪا (ڪوُڪا) ۽ لال لفظن جو استعمال ننڍن ۽ ٻڍن (ٻارن) لاءِ ٿيندو آهي. بادشاهه اڪبر

راڻا پرتاب کي ”ڪوڪا“ ان ئي نظر سان چوندو هو. زالون ننڍي ڏير کي ”ڪڪو“ چونديون آهن يعني ”ڪڪا“ ڪري سڏ ڪنديون آهن ۽ وڏي ڏير کي ”ڏيرم“ چئي مخاطب ٿينديون هيون. آفريڪا جي ڏکڻ-اولهه حصي ۾ ڪلاهري ضلعي ۾ ٻه ٻارن کي ”ڪيڪا“ (Kie-Ka) چيو ويندو آهي، جيڪو سندن نجي لفظ آهي. ٿي سگهي ٿو ترڪن جي عربن تي حملي ڪرڻ وقت اهو لفظ ڪنهن طرح ڪم آيو هجي. [275/5]

**ڪَمدارُ-** سنڌ ۾ زميندارن جو ڪم- ڪار سنڀاليندڙ کي ڪمدار چئبو آهي، ٻيءَ طرح عملي جو مکيه ماڻهو ٻه. راجستان ۾ ضلعي جي عملدار کي اڳي ڪمدار چئبو هو، جنهن جي هٺ هيٺ چپراسي هوندو هو.

**ڪَسيرو-** تمام ننڍو سڪو ۽ وزن تورڻ جو. ٿي سگهي ٿو ٻارت جي پراڻي سڪي ”ڪارشا ٻاڻ“ جي بگڙيل صورت هجي، پر بائيبل ۾ اهو Kesitah جي صورت ۾ آهي. پڻسن جي لاءِ جيڪو لفظ ٻين ٻولين ۾ Keeseh يا Kecsh تي واپريو آهي،سو لڳي ٿو انگريزيءَ جو ڪئش (Cash) ان جي صورت آهي.

پهاڪي طور اهو ”ڪَسيري جي ڪُتي،ٽڪي جا ڪائي نان“ يا ”ڪَسيري جو (هلڪو) ماڻهو؛ ”رواجي شخص“

**ڪِلڪِل-** ڪٽ- پٽ، گهيي، آواز، جهڳڙو، ويڙهه- پيڙهه. هن جو بنياد سنسڪرت ڪَليل تي سگهي ٿو،جيڪو هنديءَ ۾ ”ڪَلڪَل“ بڻيو آهي،جنهن جي اصطلاحي معنيٰ آهي مٿان وهندڙ (آبشار وغيره) جي پاڻيءَ جو آواز. ايجپشن (مصري) ٻوليءَ ۾ هڪ لفظ "Kel Kil" آيو آهي، جيڪو آئرش ۾ Keol يا Keolin تي آيو آهي، معنيٰ وڄندڙ ساز- آواز ڪندڙ آهي. [40/3/148]

**ڪاڪا- ڪاڪو-** ٻيءَ جو سڳو ڀاءُ ۽ سؤٽ يا دوست. ان

ڪري پيءُ ڪانپوءِ هنن ٽنهي جي عزت ۽ ادب ڪرڻ لازمي هوندو هو. پنجابيءَ ۾ ننڍي پار کي ڪاڪو/ ڪاڪا چيو ويندو آهي،ان ڪري هي لفظ به ترڪي "ڪيڪا" جي بگڙيل صورت آهي. پيءُ جي وڏي ڀاءُ کي به ڪاڪا چئبو هو،ان ڪري پوءِ لفظ وڏي عمر واري لاءِ به هلڻ لڳو. هن وقت هتي اتفاق کي ڇڏي ڪاڪو فقط ٻڍي ماڻهوءَ لاءِ ڪم ايندو آهي،ڪڏهن ته اهو ٻي ادبيءَ جو سبب بڻيو آهي،جو ماڻڻ جا ٻي- ادب پار "ڪاڪو" لفظ ٺٺولي طور چوندا آهن. گجرات ۾ "ڪاڪا" فقط وڏي عمر لاءِ ڪتب ايندو آهي ته پيءُ جي ڀاءُ لاءِ به.

**ڪَڏُ**- ڏيگهه، ماپ، ڊگهو، بندرو. پر سنڌيءَ ۾ فقط ڊيگهه، ڊگهو، ڊگهائي، لنبائي ماپ لاءِ ڪم ايندو آهي. هي سميرين ٻولي جو لفظ 'Kad' آهي،جتان عربيءَ ۾ "قد" بڻيو آهي. [54/23]

**ڪوسو**- گرم، ڪوسو. هن جو بنياد سنسڪرت "ڪوشڻ" آهي،جنهن مان ڪوسو بڻيو آهي،جيئن "اُشڻ" مان اُس. سنڌ ۾ مٽر رڌي انهن کي ڪوهر چئبو هو، جيڪو ڦيريءَ وارا ڪٽي وڪڻندا هئا. فقط هڪ پائيءَ جا به وٺبا هئا،پر ڪوسا (گرم) هئڻ تي وڌيڪ وٺبا/ ڪاڻبا هئا. الائي ڪهڙيءَ طرح ڪير پنهنجا تيز سستي اگهه ۾ وڪڻندو هو ته چئبو هو "ڪوسا ڪوهر ڪري ڇو وڪيئه؟"

**ڪانڌُ**- پيارو، مڙس، پريمي. هن جو سنسڪرت بنياد آهي. [98/54]

**ڪُسَڻُ**- ڪسجڻ، ڪُهڻ، مارڻ، ڪاٽڻ. هن جي بنياد جي ڄاڻ ڪانهي،پر ايجپشن (مصري) ٻوليءَ ۾ ڪُس =Kus معني ڪُهي ڇڏڻ= Cut off آهي. [143/89]

فارسيءَ ۾ ڪَسُ معنيٰ عورت جو ڳجهو عضوو، جتان سنڌيءَ ۾ گار نهيل آهي ۽ ڪوس معنيٰ قتلام يا اونهي ڪڏ کوٽڻ لاءِ لوهه جو

اوزار.

"ديسي نام مالا" (وياڪرڻ) ۾ ڪَسڻ جي معنيٰ آهي تيوڻ، ڪڙهي، خاص ڪاڏو، پر سنڌيءَ ۾ ڪسجڻ جي معنيٰ آهي ٻئي جي هٿان مارجڻ، پر ڪُهڻ جي معنيٰ آهي ماري ڇڏڻ، قتل ڪرڻ، ڪاٽڻ. محبت ۽ عشق ۾ ڪسجڻ ڪي پنهنجي معنيٰ آهي.

ترڪستان مان آيل شڪ لوڪن جي ڪن ليکن (تحريرن) ۾ ڪسڻ لفظ آيو آهي، پر مطلب چٽو ڪونه اٿس، ڇو ته اتي هڪ شيءِ جو ملهه يا انداز آهي، ان ڪري ان جي معنيٰ مگ،مگن جي دال وغيره ڪيل آهي. [228/164]

فارسيءَ ۾ ڪُشت معنيٰ ماريو، قتل ڪيو ۽ ڪُشتن معنيٰ مارڻ، قتل ڪرڻ آهي. ٿي سگهي ٿو سنڌيءَ ۾ ش جو س ٿي ڪشتن ۾ ڪُسڻ ۽ ڪُهڻ بڻيو هجي، ڇو ته سنڌيءَ ۾ ڪسڻ ۽ ڪهڻ ٻه جدا فعل آهن، جيتوڻيڪ مطلب ساڳيو آهي ۽ ڪُشتا معنيٰ قتلام، جنهن مان "ڪوس" جڙيو آهي ۽ ڪُشتو (دوا جو) مارڻ ٻه.

**ڪوڙي -** ويهن جو جوڙ، ويهه. ڪن اُن کي سنسڪرت "ڪوٽي" مان بگڙيل چيو آهي،جو غلط آهي. هي ڏاريو لفظ ٿو لڳي. ڪن قديم قبيلن ۾ ان جو استعمال آهي. بنگاليءَ ۾ ڪُري يا ڪُڙي آهي، ته برهورن (بروهين) جي ٻولي (پارت) ۾ ڪوُڙي ۽ جُئانگ ٻوليءَ ۾ ڪوڙي آهي.

**ڪوري-** ڪوڏيءَ جو سڪو. نوانگر (ڪاٺياواڙ) ۾ اڳي سڪو ڪوري نالي ١٩ صديءَ ۾ به چالو هو. ائين ڪوڏيون (ڪوريون) چالو ته سنڌ ۾ به هيون،مگر اسان جي سانير ڪان اڳ. سو بعد ۾ اهو بند ٿي ڏوڪڙ (انگريزي پئسي) جو رواج پيو. سنڌ ۾ به هڪ پئسي کي ڏوڪڙ چيو ويندو هو ته جيئن پئسي وارو شاهوڪار تيئن ڏوڪڙن وارو به هوندو هو. ان ڏوڪڙ (پئسي) ۾ ٢ پايون ٿينديون ۽ ٽڪي ۾ به

ڏوڪڙ يعني ٻه پئسا.جيڪي هتي ٻه هئا،جيڪي شڌ (خالص) ٽامي جا ٺهندا هئا،پر اهو انگريزي سڪو هو. ديسي سڪو ڏوڪڙ هو. ان ڪان ڪوري (ڪوڏي) بند ٿي ويئي،جن سان راند ڪبي هئي.

ڪوري لفظ مچي/ پلي جي هڪ نندي پتيءَ کي به چئبو هو، ڪورڻ معنيٰ ڪاٽڻ يا ڪترڻ طور به عمل ۾ هو.

**ڪِنگرَ يا ڪِنگري-** متيءَ جو ٺهيل ڪچو چاهي پڪو برتن، جنهن جو ترو ٿورو گولائيءَ تي ۽ منهن ٿورو ويڪرو هوندو هو. هي پاٽيءَ سان ٻيري رکبو هو، هن ۾ پاٽي گهٽو ٿڌو ٿيندو هو. پراٿو ٿيڻ تي اهو گهر ۾ رکي ان ۾ ننڍيون ، ننڍيون شيون يا ٻڌل ٻڙيون ٻڌي وجهي رکبيون هيون، يا تيل وغيره. ڪنگريون اڪثر ڪوهه مان پاٽي ڪڍڻ لاءِ مالهه ۾ ٻڌبيون هيون.

**ڪُني / ڪُنو-** هي به متيءَ جا پڪل ڊول جهڙا برتن هئا،جن ۾ زالون اٽو/ چانور رکنديون هيون يا آچار (سانڌاڻو- ڪتاڻ) سنڌڻ جي ڪم ايندا هئا.

**ڪُنڙي-** هي به متيءَ جو پڪو،پر ننڍو برتن هو،جنهن ۾ به پاڻي ڏاڍو ٿڌو ٿيندو هو ۽ سڀ ڊڪڻ ۽ ڊڪڻيءَ سان ٿينديون هيون. بنگاليءَ ۾ ان کي "ڪوُنري" (Koonree) چئبو آهي. [53/639]

**ڪانو-** سڪل گاهه جي هڪ لٺ يا ڪانا. هن مان ڪَتر ٺاهي جُوپائي مال کي ڪارائبي هئي. هن جي بنياد جي ڄاڻ ڪانهي،پر بئبيلونين ٻوليءَ ۾ ان کي "ڪانو" (Kanu) چيو ويندو هو معنيٰ سڪل يا سائي گاهه جي هڪ لٺ/ ڏنڊي. پر سنڌيءَ ۾ سائي گاهه جي لٺ کي ڳنو چئبو هو،جيڪو ڪائڻ ۾ مٺو هو ۽ ڪمند جيان چلي/چوسي ڪائبو هو، خاص ڪري ڏياريءَ جي ڏينهن ۾. سميرين ٻولي ۾ ان کي گِ-ن gi(n) چيو ويو آهي. [189/228] يعني ڳنو.

**ڪُٽڻ يا ڪُٽڻِ**- ڪُٽني- جيڪا عورت يا مرد پيون هٿ ڪري زناڪارن کي پهچائيندي هئي،ان ڌنڌي ڪندڙ کي ڪُٽڻ يا ڪُٽڻي چئبو هو. ڪنهن ڀڙوي/دلال کي يا گار ڏيڻ ۾ چئبو هو،"ڪو ڪُٽڻ" آهين. سنسڪرت ۾ ان جو بنياد ڪُٽِني آهي.

**ڪَنهاڙ**- ٻلي جو مُنهن وارو حصو،جيڪو ڀڃائي کائبو هو. ڪل- چرچي واري گار ۾ سنڌيءَ ۾ "ڪوڪنهاڙ آهين" چئبو هو،پر محدود.

**ڪاڻيو**- ڪوٽ، قاصد، سڏڻ.

**ڪَٺِ**- ساڻ، گڏ، شامل، ٻئيان. "ڪَٺِ وڃينس" يا "ڪَٺِ ٻئينس."

**ڪُنواري يا ڪُنوارو**- شادي نہ ڪيل ڇوڪرو يا ڇوڪري، ڇڙهو، ڇانڊُ. هن جو بنياد سنسڪرت "ڪمارڪا" آهي،جيڪو پراڪرت ۾ "ڪنئاري" آهي، سنڌيءَ ۾ ڪنئاري يا ڪنئاري چئبو آهي، پر پراڪرت ۾ ان جي معنيٰ هڪ خاص ٻوٽي بہ آهي. (سنڌيءَ ۾ بہ ڪُنئار گل يا ڪنئار ٻوٽي آهي). اها ساڳي ريت سنٿالي قبيلي ۾ ڪُنئَري آهي. [18/143] دوا طور ڪم ايندڙ "ڪنئار گل" ٿيندو آهي.

**ڪدَمُ**- پنڌ ۾ هڪ پير کان پوءِ ٻئي جي وچ وارو مفاصلو، پير، سلسلو، سرانگهہ. هن جو بنياد سنسڪرت ڪَرمُ آهي، معنيٰ قدم، هلڻ، وڃڻ، چرڻ سلسليوار. جتان هي بگڙي عربيءَ ۾ "قدمُ" بڻيو آهي. معنيٰ قدم بہ قدم. سلسلي يا ڪارروائي ڪرڻ يعني قدم کڻڻ ڪنهن جي خلافِ.

**ڪاتي**- ڪجهہ بہ ڪپڻ/ڪاٽڻ لاءِ ٿلهو وچولو هٿيار،جنهن سان گاهہ گوشت وغيره ڪاٽيو وڃي. هيءَ تکيءَ موتمار ٿيندي آهي، تامل ٻوليءَ ۾ ان کي ڪَتي چئبو آهي.

**ڪُلُ**– سڀ، مڙئي، هڙئي، سڀ جو سڀ. اها ايشيا جي منوئن (Minoan) ٻوليءَ ۾ ”ڪَلو“ (Kulo) آهي ۽ باقي سامي ٻولين ۾ ان جو اُچار ڪَل (Kull) آهي [112/68]، جتان عربيءَ ۾ ڪُل تي آيو آهي.

**ڪُرتو**– بدن تي پائڻ جو ڪپڙو، جنهن جون ٻانهون ڊگهيون، ڪالر بنا ۽ هيٺ ثورو ڊگهو. هيءَ اصل مرداڻي قميص جو قسم آهي. هن وقت زالون نه پائن ٿيون، هن جو بنياد ٻاهريون آهي. ڪن ان کي سنسڪرت ڪرت معنيٰ ڪپڙو پائڻ، تاڙ پتو (هڪ وڻ جو چوڏو جيڪو لکڻ لاءِ ڪتب ايندو آهي) وغيره آهي، مگر ان مان ڪپڙي جو چٽو اهڃاڻ ڪونه ٿو ملي. زند ٻوليءَ ۾ ”ڪيرتي“ لفظ آهي. فردوسيءَ جي شاهنامه ۾ ”ڪُرتا“ صورت ۾ آيو آهي، ان ڪري نيڪ ”ڪُرتي“ جو بنياد زند ۾ آهي، جاڪاڻ ته صدري نالي سان ڪپڙو جيڪو ڪرتي جي مٿان يا ڪرتي ڪانسواءِ پارسي پائيندا آهن، سو به پارسي لفظ آهي، جيڪو گنجيءَ جي ڍنگ جو آهي. هيٺ ڇيلهه تائين فارسيءَ ۾ ڪرتا يا ڪرتي آهي. عربيءَ ۾ ”ڪرتق“ ”ڪُرد ۾ به ڪرتق، بلوچيءَ ۾ ڪُرت، خراسان، افغانستان ۽ بدخشان ۾ ”ڪَرَت“ يا ڪُرتي ملي ٿو. ايران جي پار جارجيا ۾ ڪَرتَڪي آهي، جنهن کي روسي ٻوليءَ ۾ ”ڪُرتُڪ“ چيو ويندو آهي. هاڻ ته هتي جو عام پهراڻ ٿي چڪو آهي. [95/485]

**ڪوهَه**– هڪ مفاصلو، به ميل خشڪيءَ دوري ماپڻ جو وسيلو. هن جو بنياد سنسڪرت ڪروش آهي. آرين جي پتنجلي مُنيءَ ان جو ذڪر ڪيترن ئي هنڌن تي ڪيو آهي (دوري ماپڻ ۽ ٻيءَ طرح به). هنديءَ ۾ اهو ڪردش جوڪوس پوءِ سنڌيءَ ۾ ”س“ جو ”هه“ ٿي ڪوهه بڻيو آهي [379/350]. ڪشميريءَ ۾ ڪروهه آهي، جيڪو سنڌي ڪوهه سان وڌيڪ ملندڙ آهي [382/504]، پر ”راجرنگڻي“ ۾ ”جونراج“ به ان ڪشميري لفظ جو بنياد سنسڪرت ڪروش چيو آهي [382/503].

**ڪَرنگهو-** بدن ۾ پٺيءَ جو ڏگهو هڏو Spine ۽ هنديءَ ۾ ريڙهه (Back Bone) چيو ويندو آهي، پر آفريڪا جي زلو (Zulu) ٻوليءَ ۾ ان کي 'ڪرنگو' (Karango) (جهڙي سنڌي صورت ۾) چئبو آهي يا مبرو Mubira.جهوپڙيءَ جي وچ تي ٽيڪ طور ڪتل ڏگهو ٿنيو. [280/32] ائين ته سنڌيءَ ۾ به ڪرنگهو معنيٰ ٿوٺي آهي ۽ آفريڪا جي ٻي سواهلي (Swahli) ٻوليءَ ۾ ان "ڪرنگ" (Karanga) جي معنيٰ آهي بوهي مگ .Groundnuts

**ڪَنڌي-** ڪنارو، پاسو، ڇيڙو، ڪپ درياهه جو. محاوري طور ڪير مرڻ کي ويجهو هوندو آهي ته ان کي ۽ پڻ تمام ضعيف پوڙهي کي به "مرڻ ڪنڌي تي اچي پهتو آهي" چئبو آهي.

**ڪوهر-** چڻا، مگ، ڄُونئرا ۽ مٽر سڀ سڄا رڌيء، پاڻيءِان ۾ ٿورو لوڻ وجهي ڪاڙهڻ، اهي سڀ "ڪوهر" سڏبا آهن. سنڌ ۾ اڪثر مٽرن جا ڪوهر اونهاري ۾ منجهند ڪانپوءِ پاڻي پيئڻ لاءِ ڪائبا هئا، جيڪي گهورڙيا ڪٽي گهمندا هئا.

**ڪيوي-** ڪاڌي رڌڻ ۾ پاڇيءَ وغيره کي ديگڙيءَ ۾ گهمائڻ جو وڏو چمچو، پرڪيويءَ جو وزن چمچي کان ڀٽو ٿيندو آهي. پاڇيءَ ۽ ڪٽوري ۾ پائي ڏيڻ لاءِ به اها ڪتب ايندي آهي.

**ڪوُنڌَر-** جوان، ننڍو نينٽو، ڪو جوان ماريو يا مارجي ويندو يعني ڪُسجي يا قتل ٿي ويندو هو ته افسوس وچان چئبو هو "ويچارو ڪوُنڌر ڪُسجي ويو."

**ڪاڻِ-** ڪمي، گهٽتائي، اوڻائي. تور ۾ نابرابري يعني ساهميءَ (تارازي) ۾ هڪ پڙ ٻئي پڙ کان هيٺ هجي ته ان کي ڪاڻ چئبو آهي. هي هڪ قسم جو ڪاڻو يا ڪاڻي سان ملندڙ لفظ آهي، جيئن ڪاڻو هڪ اک سان گهٽ وڌ ڏسي سگهندو آهي،تهڙي طرح ڪاڻ واري

**ڪَڇَڻُ- ڪاڇو-** ماپ ڪرڻ، درزيءَ وغيره کي ڪپڙو سبڻ لاءِ ڏبو آهي ته ان جي ماپ درزي وٺندو آهي.ان کي ”ڪاڇو وٺڻ“ چئبو. شاديءَ ۾ گهوٽيتن کي ڪنوار لاءِ جيڪي وڳا نهرائڻا هوندا آهن،تن لاءِ ڪنوار جو وڳو ماپ طور گهوٽيتن ڏي موڪلبو آهي.ان کي ”ڪاڇي جو وڳو“ چئبو آهي.

**ڪوڇهو-** ڪارو، بڇڙو، اٺوٺندڙ. ”هي ته ڪارو ڪوڇهو اٿئي.“ (بڇڙو شڪل جو).

● ٻيا اکر: ڪپڙو- لٽو، ڪمي- ڪاسبي، ڪن- ڪچرو، ڪسل- ڪيوٽ، ڪنو- ڪوجهو، ڪامورو- ڪرڊ، ڪن- ڇن+ ڪيو- ڪرتيو، ڪپڙو- گندي، ڪسو- پڪو، ڪُوڙ- سچ، ڪنڊ- ڪڙڇ، ڪار- پٽ، ڪلهي گس، ڪسو- ڪانجهو، ڪن- پٽ.

# ڪ

**ڪيپَ**– ڪيپ ڪٽڻ، وڏو ڪم ڪرڻ. ”ڏاڍي ڪيپ ڪٽي آيو آهين.“ هنديءَ ۾ مال جي ؟ ڪي ڪيپ چئبو آهي، جنهن ۾ اهران ايندو ويندو آهي.

**ڪَٽي**– ڪَٽڻ، گهٽ ٿيڻ، ڪا شيءِ ڪپي، خلاص ٿي وڃڻ تہ عمر جو ڪَٽڻ بہ ٿيندو آهي. ان ڪري ڪو جوکائتو ، بيوقوفيءَ جو ڪم ڪندو آهي تہ چئبو آهي ”ڪٽيءَ تہ ڪونہ ڪنيو اٿئي. ”ڪٽيءَ ڪنيو اٿس“، ”ڪنيو شايد ڪٽيءَ اٿئي.“

**ڪوُلسَ**– حرڪت، شرارت، لچائي، ڇيڙڻ، ڇيڙخاني، ڄاڻي ٻجهي جهڳڙي لاءِ شروعات ڪرڻ/ٻار کي دڙڪو ڏبو آهي، ”جنهن سان تنهن سان ڪوُنس لايو ويٺو آهين.“

**ڪڳو ، ڪڳيون**– مڇيءَ جو هڪ قسم جيڪو ڦٽڪندو ، نچندو گهڻو آهي. ڪو شخص خوشيءَ ۾ ٻرجي نچ/ٽپا ڏيندو آهي تہ چئبو آهي ”ڪڳيون ٿو هڻي“، ”ڪنيو اٿئي هڻ ڪڳيون“ . ڪڳو پاڻيءَ خواه سُڪيءَ تي ڏاڍو اڇلندو/ ٽپندو آهي. هن جو بنياد سنسڪرت ڪَڳ معنيٰ ڪڳو آهي.

**ڪوٻلو**– ٻلو يا ٻليءَ تان. ٻار کي پيار جو دڙڪو ڏبو آهي، ان وقت ٻلو يا ٻلي بہ چئبو آهي، پر وزن ڏيڻ لاءِ ان جي اڳيان ”ڪ“ ڳنڍبو آهي تہ ٿيو ڪوٻلو، پر فقط ڇوڪري کي چئبو آهي نہ ڪہ ڇوڪريءَ کي.

**ڪَندِ**– ڳالهہ ڇيڙڻ ، ڪڍڻ ، شروع ڪرڻ. ٿي سگهي ٿو هي سنسڪرت ڪندا معنيٰ ٻڪ کان اصطلاحي ضرورت ۾ بڻيو هجي. ڳالهہ

هن مان لڳي ٿو تہ هيءَ ڪانياٺي نہ گليل هوندي، جيڪا بہ ڪانياٺيءَ جيان هڪ بہ ڦاڪي ننڍي ڪانيءَ ۾ ٻڌي ڪاٻي هٿ ۾ جهلي ساڄي هٿ مان ڇڏبو آهي،جو بہ وڏيڪ ٽُڙ نشان تي وڃي لڳندو (سنڌ ۾ پکي مارڻ لاءِ ان گليل جو استعمال ڪيو ويندو هو.) ان جي ئي بنياد تي اڄ جي پستول (روالور) جي ايجاد ٿي آهي.

ان ڪري ڪانياٺي ۽ گليل ٻنهي جي ترڪيب ۽ مطلب ساڳيا آهن، فقط ٽيڪنيڪ ۾ ٿورو فرق آهي. ان ئي ٽيڪنيڪ جي بنياد تي يورپ ۾ توپ، بندوق، مشين گن جڙي، جتان عربن ان ڪانياٺيءَ جي نقل تي منجنيق تيار ڪئي،جو تہ منجنيق بہ اصل عربن جي چيز ناهي، يعني هي هڪ عالمي طور (World Wide) ڦهليل چيز آهي.

ٿبيٽ ۾ بہ ڪانياٺي ٿهندي آهي، جيڪا گهوڙن جي وارن ۽ اُن مان ٺهندي آهي ۽ پنجاهہ والن تائين مار ڪندي آهي. جهنگل (ٻيلي) جي جانورن خواه ماڻهوءَ کي ماري سگهي ٿي [15/849]. هن جو استعمال پراڻي زماني ۾ ڀارت ۽ ايران کان وٺي دور روم تائين ٿيندو هو. بندوقي بارود ٺهڻ تائين ان جو ئي استعمال ٿيندو هو. اتر سنڌ ۾ ڪمان ۾ ڪانياٺي جي طرز تي ڏوري ٻڌي باغن ۾ پکين کي ڀڄايو ويندو هو. يورپ ۾ ڪٿي هڪ ڏڪهيءَ لٺ جي مُنهن تي ڪانياٺي ٻڌي، ترڪيب سان، پٿر ڦٽو ڪيو ويندو هو. پراڻي يورپي ادب ۾ بہ ان جو ذڪر اڪثر ملي ٿو. [112/511]

**ڳنڊُ**- ڏاڙيدار مٺي چيز،جيڪا ڪنهن بہ ڪاڏي يا پيئڻ جي چيز ۾ ملائي،ان کي مٺو ڪبو آهي. ان مان ڪنڊاسري (يعني ڪنڊ مان ٺهيل ٻيون شيون) ٺهندي آهي. هندي وغيره ۾ اها "ڪانڊ" آهي.

مگر ان جو ٻيو نالو شڪر آهي،جنهن تان انگريزيءَ جو شگر (Sugar) جڙيو آهي. هن جو بنياد سنسڪرت شرڪرا آهي. هيءَ بہ ڪمند جي رس کي پچائي ٺاهي ويندي آهي، جنهن مان ڳڙ بہ ٺهندو آهي. ڳڙ، ڪنڊ ۽ لوڻ اهي هند- پاڪ زندگيءَ جون خاص چيزون آهن.

**ڪَرِيَل**– بگڙيل، خراب تيل، بدفعل. ڪو مرد ڪنهن پرائيءَ عورت سان ئهيل هوندو يعني يار هوندو هو تہ چئبو هو، "فلاڻو، فلاڻيءَ سان ڪريل آهي."

**ڪيتُ**– وڏو ڳوٺ، پراڻي هنديءَ ۾ هن جو واهپو هو، سنڌيءَ ۾ بہ هو، جيئن سنڌ ۾ "لالوُ ڪيت" جو ڳوٺ.

**ڪوُرو**– وڏو چُلهو (چلهہ)، ٻٺي باھ جي. مٽي جا ٻاسڻ "ڪوريءَ ۾ وجهي پڪا ڪبا هئا يا بسڪوٽ- بريڊ وارا جنهن بند ٻنيءَ ۾ بسڪوٽ پچائيندا هئا.

هن ۾ اڪثر ڪائيون وجهي ٻاربو آهي يا اگر بہ. فارسيءَ ۾ هن جي صورت "خور" آهي معنيٰ سج (سج جي تپت). هن لفظ ڪي وئي هڪ عالم ڪن ٻين ٻولين ۾ ان جو ذڪر ڪندي بحث ڪيو آهي. [40/ 3/154]

● ٻيا لفظ: ڪُتو- ڪائو، ڪاڏو- پيتو، ڪيتي- ٻاڙي (واڙي)، ڪيل- تماشو، ڪِتِ- پِٽ، ڪڏوُن- ڪوٻا، ڪاڌ- خوراڪ، ڪنڌو- ڪنائو، ڪنڍ- ڪير (يا ڪير- ڪنڍ تي وجڻ)، ڪِنَ- اڌ (ٿوري گهڙي- دير)، ڪاڪڙ- ڪوڪڙ، ڪِڪو- وِڪو (ٽيڻ).

# گَ

**گلابُ**– هڪ قسم جو نهايت خوبصورت گل،جنهن تان ئي هڪ رنگ جو نالو گلابي پيو آهي. ڏاڍي مٺي خوشبوءِ وارو آهي، حقيقت ۾ هن جو نالو فقط گُل آهي. فارسيءَ ۾ اهو گلاب نالي مان وڌيڪ مشهور ٿيو آهي،جو غلط آهي. گلاب آهي گل+ آب= گل جو پاڻي، نہ ڪہ گلاب جو گل. گل فقط گلاب جو گل ئي آهي،جنهن جو نالو فقط گلُ آهي. جڏهن ان گل مان پاڻي چڪي ڪڍيو ويو تہ اهو ٿيو گلاب ۽ اهو پاڻي قبضيءَ لاءِ ڏاڍو اثردار آهي، ان ڪري جنهن کي قبضي ٿي تنهن کي اهو پاڻي پيئارڻ سان ان کي پيٽ ايندا هئا يعنيٰ گل جي آب ۾"گ "بدلجي "ج" ٿي گلاب مان جلاب ٿي ويو، ڇاڪاڻ تہ ان پاڻيءَ ۾ جلاب جو اثر هو. حقيقت ۾ جلاب ڪا ٻي دوا ڪانهي،فقط گل+ آب يا گل جو جل ئي جل+ آب بڻيو،ان ڪري ان جو نالو ئي جلاب مشهور ٿي ويو، بعد ۾ جيڪا بہ ان قسم جي دوا ڏسڻ ۾ آئي،ان جو نالو "جلاب" مشهور ٿي ويو. بعد ۾ اهو ئي گلاب جو جلاب يورپ ۾ پهتو، پر عرب مان جلاب صورت ۾ پارت ۾ بہ آيو. باوجود ان جي فارسيءَ ۾ يعني ايران ۾ اهو گلاب "دستن جي دوا" جي معنيٰ ۾ جلاب صورت ۾ چالو آهي. هتي هنديءَ، مرائيءَ، گجراتيءَ وغيره ۾ جلاب،پر نيپاليءَ ۾ "جُلاف" يا "جُلاپ" چئبو آهي، پر يورپ جي ٻولين ۾ اهو "جيوليپ" Julep تہ فرينچ ۽ اسپيئنش ۾ Julepe. انگريزيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي:"Honey in woods, juleps in brooks."

هڪ مڪسچر،جنهن ۾ برانڊي يا وسڪي يا ديسي شراب ۾ ڪنڊ، ڪٽيل برف ۽ ٿورو ڦونو (اڄ جوهر ڦودني جو) ملائي پيئڻ کي بہ اتي "منٽ جليپ" (Mint Julep) چيو ويندو آهي. ان ڪري گلاب هڪ

قسم جو گل نہ،پر گلاب جو پاڻي (عرق) معنيٰ جلاب آهي. ان گلاب جي گُل جي ڪنڊ گڏي معجون جيان مرڪب ٺاهيو ويندو آهي، جنهن کي گلقند چئبو آهي،جيڪو پيٽ جي تڪليف (سور وغيره) لاءِ اڪسير آهي. اگر گلاب فقط گل هجي ها تہ ان گلقند کي بہ "گلاب- قند" چيو وڃي ها! ۽ مزو اهو جو گلقند فقط گلاب جي گلن جو ئي ٺهندو آهي. ظاهر آهي تہ گل معنيٰ ئي گلابي يا گلاب جو گل آهي ۽ گلاب خود جلاب آهي. خود فارسيءَ ۽عربيءَ ۾ گلاب ڪونہ چئبو آهي فقط گل.

**گندي**– ڪپڙو يا مٽان وجهڻ جي چادر ، ڪپڙي جي معنيٰ ۾ هن جي بنياد جي ڄاڻ ڪانهي. سنڌ ۾ ائين بہ چئبو هو تہ "مٿان گندي پائي (وجهي/ سمهج)". ٻيءَ طرح گندي معنيٰ خراب شيءِ ۽ مونث ۾ ۽ مذڪر ۾ گندو معنيٰ خراب.

**گلُ**– صاف، سهڻو، وسائڻ. هن طرح سمجهڻ گهرجي. ڪپڙا اڇا ڌوتل جهڙو گل، صاف- سٿرو سهڻو ٻار جهڙو "گل". بتي "گل ڪرڻ" معنيٰ بتي وسائڻ. "ٻيڙو گل ٿيئي" يعني ٻيڙو غرق ٿيئي. باقي گل معنيٰ گل تہ آهي ئي.

**گسُ**– رستو، پيچرو، واٽ، واهُہ. "گس (واٽ) وٺيو وڃڻ"، "گس ڇڏي ٻيهہ" يعني پاسي تي لنگهڻ جو رستو ڏي. هي گس ڳوٺ ڏي ويندو آهي.

**گمَ**– ڄاڻ، خبر، ٻيت، سمجهہ. "گم ڪا ٻوي تي تہ ڇا وٺو (پيو) ڪرين." گجراتيءَ ۾ بہ گم ان معنيٰ ۾ آهي.

**گڙدي**– ٻيڙ، ميڙ، ميڙاڪو، گوڙ، پيهہ. مول جي ڄاڻ ڪانهي. گجراتيءَ ۾ "گِردي" چئبو آهي.

١٨ صديءَ ۾ مظفر خان گاردي (گڙدي) هڪ مشهور سپاهي هو، ڪيس پنهنجو سپاهُہ هو. مرهٽن هن جي چڱي مدد ورتي هئي. هي حملو ڪري وڃي ڪڙڪندا هئا تہ گوڙ ميڙاڪا مڙي ويندا هئا.گردي آيو

گڙدي ٿي ان طرح اصطلاحي ٿي سگهي ٿو [4/309].

**گولي**– گولو، ٻانهو ، نوڪر، غلام، چاڪر. راجستان ۾ هڪ گولي قبيلو آهي (سنڌ ۾ به هو)،جن جون ڪنواريون سردارن ۽ ٺاڪرن وغيره جي نياڻين جي وهانءَ ۾ ڏاجي طور ڏنيون وينديون هيون،جتي گهوٽيتن ۾ سندن "هر طرح" جو استعمال ڪيو ويندو آهي. [10/2] سنڌ ۾ سيدن وغيره جي ٻانهي/گولي ۽ گولا به هوندا هئا. گجرات ۾ به هڪ قبيلو گولو آهي. راجستان ۾ به گولي ڪي سنڌ جيان (نوڪر) هلڪي درجي جو سمجهيو ويندو هو. [25/616] (ترڪستان جي) هؤڻن جي ٻوليءَ ۾ ان ڪي گل يا گِيل چئبو آهي، جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ ان جي صورت ڪَل آهي. [18/562] ڪاٺياواڙي ۾گوليءَ کي "گوليسر" (Golisar) يا واڌارانا (وڏيڪ) معنيٰ رڪات چيو ويندو آهي. /207] 118] پراڻي انگريزيءَ ۾ گِل (Gill) لفظ جي هڪ معنيٰ جوان يا فاحشي ڇوڪري، پر اُچار گ ِ نه ٿي ڪري ج يعني جِل اٿس. هڪ انگريز حاڪم جو نالو هو گل ڪرائيسٽ (Gil Christ) يعني ڪرائيسٽ جو نوڪر (گِل). [40/3/110] آفريڪا ۾ هڪ قبيلو آهي گل يا گولا. (Gola) [16/1054] اتهاسڪار اوجها صاحب لکيو آهي ته راجپوتانا ۾ هڪ قبيلو رهندو آهي،جيڪو دروگا، چاڪر يا گولا سڏبو آهي. هن قبيلي ۾ وڏوا (ٻيوه) جي شادي ٿيندي آهي. جاگير نه رهڻ تي جڏهن راجپوت لاچار ٿيندا آهن ته پوک يا نوڪري ڪندا آهن ته پردو به ڪونه ڪندا آهن ته هو دروگا ۾ شامل ٿيندا آهن، پوءِ سڻن راجپوتن سان سندن سڱ ڪونه ٿيندو آهي. [22/47]

**گِدامڙي**– هڪ ڪتي ذائقيدار سڪل (نرم) ڦَل،جيڪو پاڃين ۾ ڪناٺيءَطور ۽ ڪتي چٽڻي ناهڻ لاءِ ڪتب ايندي آهي. هن جو بنياد سنسڪرت آملي آهي، جيڪا ٻار ڪچي به کائيندا آهن ته وڏا پڪل. سنڌيءُ ۾اڳيان جو لفظ (Prefix) گِد نه معلوم ڪيئن ڳنڍيو آهي،جو گد + آملي= گدامڙي بڻيو آهي. هيءَ خاص سنڌ جي بنيادي پيدائش آهي.

قديم زماني ۾ هيءَ مصر (ايجپٽ) ملڪ ۾ عام طرح ويندي هئي،جا اتي مَميُن (Mummies) ۾ مسالي طور لڳائي ويندي هئي (ڀين شين سان گڏ)،جنهن ڪري اهو پردو (Mummy) هزارن ورهين تائين اڃا به سلامت آهي. (تي سگهي ٿو گدامڙيءَ ۾ ڪجهه ليئڻ- گِدَ هئڻ ڪري،اها گِد+ آملي مان گدامڙي ٿيو هجي).

بعد ۾ هي جڏهن عرب ۾ پهتي ته ان جو ڏاڍو رواج ٿيو ته ان جو نالو ڇا رکن؟ هن طرح عرب ۾ کجور ٿيندي آهي، ان جو رنگ اول ته پيلو- ڳاڙهو ٿيندو آهي،پر ڇانوَ ۾ سڪائڻ ڪانپوءِ ان جو رنگ ناسي ٿي ويندو آهي، جنهن کي ڪَتَلَ چئبو آهي. هيڏانهن گدامڙيءَ جو رنگ به ناسي ٿيندو آهي يعني ٻنهي جو رنگ هڪجهڙو!عرب کجور کي تَمَرُ چون، سنڌي تمَر (گدامڙي) کٽي، سو ان تَمَر ۾ تميز ڪرڻ لاءِ هند مان ويل تَمر کي چيائون تمرهند معنيٰ هند جي کجور. بس! گدامڙي ٻڻجي ويئي "تمر الـهند" اها تمرهند اهو تئمرنڊ (Tamarind) ٻڻجي پيو يعني تئمرنڊ معنيٰ گدامڙي.

**گڏوَن**- لوٽو- هن جو سنسڪرت بنياد گڏڪَ آهي،جيڪو هنديءَ گڊُوا آهي يعني هڪ قسم جو لوٽو،جنهن مان پاڻي وجهي ڪڍڻ لاءِ اڳيان هڪ ٽونٽي (نلي) هوندي آهي،جتان ٿورو- ٿورو پاڻي ڪڍبو آهي. سنڌ ۾ ٽڪر جو اهڙو برتن هوندو هو،جيڪو مسلمان ڪتب آڻيندا آهن، ان کي "ڪوُنرو" چئبو هو؛ مگر هي سنڌي گڏون سڌو سنئون پتل جو لوٽو هوندو هو.

گواليار قلعي جي اوپر ديوار جي وچ تي به ننڍا مندر آهن،جن کي ساس- بهوُ (سَسَ-ننهن) جا مندر چيو ويندو آهي. اتي اٽڪل ١٠٩٣ع جو هڪ ليک (ڪتبو= Inscription) آهي،جنهن ۾ "گڊوا" نالو ملي ٿو [331/80+88]. ائين سنسڪرت ۾ گڏُ ءِ گڏون مان به گرڙي ڪرڻ ۽ مَنهن ڌوئڻ جو ڪم ورتو آهي،نه ڪه پيئڻ جو. [22/293]

**گُٽو**- شراب جو دڪان،جتي دارون (شراب) وڪامندو آهي.

ڪلال جيڪي شراب ناهيندا/ وڪڻندا هئا، تن جي گهرن ٻاهران شراب ڇا پريل وڏا برتن رکيل هوندا هئا، جن کي گتو چئبو آهي؛ ان تان گتو معنيٰ شراب جو دڪان عمل ۾ ٿي ويو، هو ان کي گوٽ (Got) چوندا هئا يعني گتو. [42/134]

**گنهن خور**– فارسيءَ ۾ هي گورخر معنيٰ جهنگلي گڏهه آهي، پر سنڌيءَ ۾ اهو گورخر مان بگڙي گنهن خور ٿيو آهي، جو هو ڪائيندا ناهن. سنڌيءَ ۾ جيڪو گنديون گاريون ڏيندو هو، تنهن کي "گنهن خور" چئبو هو.

**گلاباشي**– هڪ ڌاتوءَ جو ٺهيل برتن،جيڪو هيٺ هڪ ننڍي لوٽيءَ جيان ٺهيل هو، جنهن ۾ هڪ مني فوٽ جيڏي پولي نلي لڳل هوندي هئي،جنهن ۾ تنگ هئس. ان ۾ اندر گلاب جو پاڻي يا پيو خوشبودار پاڻي پري ڇڏبو هو. شادين يا ٻين مجلسن ۾ اهو آيل مزمانن جي مٿان ڇٽڪبو هو تہ مجلس خوشبوءِ سان ڀرجي ويندي هئي. هي شايد فارسي "گلاپپاش" مان آيو آهي. ليڪن يورپ ۾ ان جو ڍانچو هڪ "تُنبي" آهي، معنيٰ بوتل، پاڻي ڀرڻ لاءِ لوٽي يا ڏوئي،جيڪا تنبيءَ مان ٺهندي هئي،جيئن ناريل جي ڪل/ ڪولي مان پاڻي ڪڍڻ جي لوٽي ٺهندي آهي، ان جو نالو ڪلاباش (Calabash) آهي،جيڪو اسپئنش ۾ Calabaza فرينچ ۾ Calebasse آهي. پر لڳي ٿو انهن جو مؤل بہ فارسيءَجو"گلابپاشي" معنيٰ "گلاب جو پاڻي ڇٽڪڻ" آهي.

**گوسائين**– ايڪلنگ ديوتا جي مڙهہ تي جو لڪوليشن فرقي جي ناٿن جو وهنوار گهڻو بگڙي بدفعل ٿي پيو تہ ميواڙ جي راڻا ڀيم سنگهہ جي وقت ۾ کين اتان "ايڪلنگ مهاديو" کان الڳ ڪري،سندن جاءِ تي سنياسي رکيا ويا،جن کي گوسائين چئبو آهي. [202/259]

**گهيڙَ**– فقط کنڊ جون ٺهيل ڊگهيون سنهيون اڇيون لٺيون ٺهنديون آهن، جنهن ۾ ٿورو جوهر ڦودني جو وجهبو هو ۽ حلوائين وٽان

وٺي ڪائبو هو. ان جو بنياد شايد ڪَنڙ (ڏکڻ پارت) ٻوليءَ ۾ کنڊ کي "گڙ گڙاتُ گيت" چئبو آهي، شايد ان مان بگڙي نندو تي گبيت بڻيو آهي، تيليگو ٻوليءَ ۾ ان کي "ڦاتڪا پانچاداري" چئبو آهي [18/3]. حلوائي دڪان جي در وٽ وڏو ڪِلِ (ڪلو) کوڙي مال اول وڏي ٿئيءَ ۾ لچڪيدار ٺاهي،پوءِ ان کي ان ڪل ۾ لٽڪائي هيٺ ڇڪيندا، وري مٿان هڻندا ويندا. ان طرح چڱي دير تائين ڪندا هئا،تيسين اهو تيار ٿي ويندو هو، جنهن مان سنهيون لٺيون ٺاهي وڪڻندا هئا. جيڪي ٺري/ سُڪي،ڪڙاڪيدار ٿي ڪائڻ جهڙو ٿيندو هو ۽ سوادي ٻ.

نائيجيريا (آفريڪا) ۾ ٻ اڄ تائين اهو ڪاڄ ٿهندو آهي،جيڪو هو وڏي وڻ ۾ ڪلو کوڙي ان تي هيٺ- مٿي ساڳيءَ طرح ڪري ٺاهيندا آهن ، پوءِ ان ۾ کنڊ، پاڻي، ماکي ۽ بادام جو مرڪب ملائيندا آهن ۽ ان کي اتي حلوو چيو ويندو آهي: پوءِ گهوريٽڙا اهي ڪٺي گهٽين ۾ وڃي وڪڻندا آهن. هي اتي ڪانو (Kano) قبيلي وارا ٺاهيندا آهن [16/804]. ٿي سگهي ٿو سنڌي هندو اتي ١٨ صديءَ تائين ٻ رهندا هئا. ڪانو قبيلي وارا وڻ تي هڪبئي جي سامهون ٻيهي ٺاهيندا آهن. هاڻ اها چيز سنڌ مان اتي ويئي يا اتان سنڌ ۾ آئي،سو چئي ڪونہ سگهبو: پر تہ اهو گبيت فقط سنڌ ۾ ٺهندو هو.

**گرو گنجو**- جهڙو تهڙو، جيڪو آيو سو. ١٢٠۴ع ڌاري شهاب الدين غوري ترڪستان جي گوارگنج شهر کي گهيرو وڌو. شهاب الدين جي وحشانيت اهڙي مشهور هئي،جو شهر جو هڪ- هڪ آدمي بچاءَ لاءِ کڙو ٿي ويو يعني گوارگنج جو هر هڪ ماڻهو،اهو بگڙي گروگنجو ٿي ويو اصطلاحي ضرورت ۾. اهو امڪان آهي، غلط ٻ ٿي سگهي ٿو [17/ 43]

**گاسليٽ**- بتي خواه ٻارڻ جي معدني پاڻيٺ. ٿي سگهي ٿو هي گئس لائيٽ (Gaslight) جو بگڙيل هجي،جو تہ هي گئس معدو آهي. هن جو واهپو انگريزن جي زماني ۾ گهڻو ٿيو، نہ تہ اڳي فقط ڪائيون

ٻارڻ لاءِ يا سرنهه ڇانيي جو تيل ڏيئا ٻارڻ لاءِ ڪتب ايندو هو تہ ماڻهن جي اکين جي روشني بہ سٺي هوندي هئي. هاڻ تہ ننڍي ٿي چشمو پائي اندو ڏسيڻ جو شوق وڏي رهيو آهي. لنگريزي نالو ڪيروسني (Kerosene) ۾ هنديءَ ۾ ڪراسن تي ويو آهي، جهڪو يوناني لفظ ڪيروس (Karos) معنيٰ ميڻ بتيءَ مان نهيو آهي. ميڻ بتيءِ جيان ٻري روشني ڏيڻ ڪري ٿي اهو ڪيروس مان ڪيروسن بڻيو، نہ تہ انگريزيءَ ۾ تہ ان کي راڪ آئل (Rock Oil) چيو ويندو آهي، جنهن مان مرانيءَ (مرهٽي) ٻوليءَ ۾ بہ راڪيل بڻيو هو.

قديم زماني کان ان جو وجود پارت ۽ ايران ۾ آهي. هن وقت جيڪا ٻانس گاسليٽ ۾ آهي،سا اصل ۾ اهڙي ڪانہ هئي. چين ۾ اهو ڏيئن ٻارڻ جي ڪم ايندو هو. مصر (ايجپٽ) ۾ اهو ممين کي لڳائڻ جي بہ ڪم ايندو هو. بائيبل موجب حضرت نوح جي جهاز کي ان ئي تيل جو ليپ لڳايو ويو هو، پر لڳي ٿو اهو تيل اصل ۾ ايران مان هتي ايندو هو. ڪشميري پنڊت بِلهڻ ان جو ذڪر ”پارسيڪ تيل“ نالي سان ڪيو آهي،جنهن مان نڪرندڙ باهہ کي ”پارسيڪتيل اگني“ (پارس تيل ۾ نڪرندڙ باهہ) چيو ويو آهي يعني يارهين صديءَ ۾ بہ ڪشمير ۾ اهو تيل ٻرندو هو.

ٻوڌين جي ڪتاب ”مَنجوشري مولَڪلَپَم“ ۾ وري تروشڪ تيل نالو مليو ٿو، تروشڪ ماڻهن کي تُرڪ نالو جڙيو آهي،ان ڪري لڳي ٿو هن ترڪ قوم جي ذريعي يا وقت ۾ ايران مان اهو تيل هتي ايندو هجي، ڇو تہ سنسڪرت آيرويد (طب جي) ڪتابن ۾ ايران (پارسي ملڪ) لاءِ بہ تروشڪ لفظ جو استعمال ٿيل آهي. اهي ترڪ ايران مان هتي آيا هجن، ڇو تہ هتي آيل ترڪ/ مغل تہ گهڻو پوءِ جا آهن. ڪيئن بہ هي هڪ پراڻو مثال (حوالو) آهي. ائين تہ ”منجوشري مولڪلپم“ جو زمانو ٽين صدي ميڄيو ويجي ٿو، تہ بہ نائين صديءَ کان پوءِ جو ڪونهي،ان ڪري جو ان ڪتاب جو ترجمو ڏهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ چيني ٻوليءَ ۾ ۽

جمي ويندي هئي.ان کي گر چئبو هو.جا صاف ڪبي هئي.

**ڱِرانٺ-** سڄو هٿ ڪولي چيچ جي چنهنب کان آڱوٺي جي چنهنب تائين جي وِٿي،سا ٿي گرانٺ يعني هڪ ماپ. ”گرانٺ جيڏو ڇوڪر ائين تو ڳالهائين.“

● ٻيا اکر: گول- مول، ڳِهل- گينداڙ، گار- گند، گپ- شپ، گانو- ٻجانو، گڏ- سڏ، ڱِڙ- ٻڙ، گوڙ- گنبور، گپا گيھ، گنهن- مٿ، گنهنَ- گوڇرُ، ڱِلا- ڱِيبت، گر- پير، گپ- چِڪَ، گند- ڪچڙ، گامي- ٻگامي، گرھ- گوڇر

ڪانهي پر سنڌي ۾ مُروج هو،خاص ڪري "ڳيڙچ جو ٽڪر ڏج" ميجي/ پلي واري ڪي چئبو هو.

**ڳِنَهَڻُ**- وٺڻ، خريد ڪرڻ. ڪنهن جو نالو وٺڻ يعني ڳنهڻ.

**ڳيوراڙي**- ويم واري عورت،ڪمزور هئڻ ڪري ان ڪان ڪم گهٽو ڪونہ ڪرائبو آهي. "ويچاري ڳيوراڙي آهي،آرام ڪري".

**ڳهيلو**- پرمتڙيو،ٿوريءُ سمجهہ وارو. "ڳهيلو تہ ڪونہ آهين." (پرمتڙيو).

● ٻتا اکر: ڳهہ- ڳنو، ڳالهہ- ٻولهہ، ڳجهہ- ڳوهہ، ڳالهہ- ڳتِ، ڳڻ- ڳوتَ

# گھ

**گهوٽُ**- شادي ڪرڻ وارو جوان، ڪنوارجو مذڪر يعني گهوٽُ (Bride Groom). هن جو بنياد سنسڪرت گهوٽڪ معنيٰ گهوڙو ۽ چاڪاڻ تہ گهوٽ ڪي گهوڙيءَ ياگهوڙي تي چڙهي شادي ڪرڻ ويٺو آهي،ان ڪري اصطلاحي طور اهو گهوٽڪ جوگهوٽ بڻيو آهي،۽ هيءُ خاص لفظ (نالو) فقط سنڌيءَ ۾ مروج آهي-تہ بہ حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ مذيہ (وچ) ڀارت جي آديواسي قبيلن ۾ ۽ ان ڪان اوپر طرف پري تائين انهن قديم قبيلن ۾ هڪ خاص مقام (گهر) نهيل هوندو آهي، جنهن ۾ سڀ ڪنوارا (ڇوڪرا/ ڇوڪريون) گڏ رهايا ويندا آهن ۽ ان گهر(جهوپڙيءَ) کي گهوٽل چيو ويندو آهي، يعني ڪنوارن جو گهر (گهوٽ بہ سچ پچ شاديءَ جي رسم پوري ٿيڻ تائين ڪنوارو هوندو آهي). انهن گهرن ۾ مـــتّن سخت پابنديون آهن ۽ چاڪاڻ تہ اٽپڙهيل ۽ اڄڪلهہ جي سڌريل (اڻ سڌريل/تهذيب ڪان وانجهيل هئڻ ڪري،سچ- پچ ڪنوارا رهندا آهن. اهو گهوٽل جو رواج گهڻو اوپر دوُر پئسفڪ سمنڊ جي ٻيٽن، آسٽريليا جي قديم قبيلن ۾ بہ آهي ۽ انهن گهوٽلن مان ئي گهوٽ- ڪنوار بڻجندا آهن.

**گُهتَ**- دير ڪرڻ، گم ٿيڻ جي اصطلاح ۾. ڪير تڪڙي ڪم سان وڃي ۽ دير سان موٽي تہ ان کي چئبو "وري ڪيڏانهن گهت ڏيڻ ويوهئين" يا "رڳو گهتون پيو ڏين".

**گهمتاري**- گهمي اچڻ، چڪر ڏيئي اچڻ. هي گهمڻ سان جڙيل آهي،پر آهي فقط سنڌيءَ ۾. "چگو، تيسين گهمتاري ڏيئي اچ، جيسين ماني تيار ٿئي." وغيره.

**گهرُ**- رهڻ جي جاءِ- مـڪان، جنهن ۾ ڪوبہ ڪٽنب رهندو

هجي. هن جو بنياد سنسڪرت گرهہ معنيٰ گهر آهي ۽ پراڪرت ۾ بہ گهر آهي؛ ان ڪري سڄي هند- پاڪ ۾ ان ئي صورت ۾ رائج آهي. ايجيپشن ۾ ان جي هڪ صورت گر (Gar) معنيٰ گهر آهي. [54/202] پراڻي گال جي گالڪ (Gaelic) ٻوليءَ ۾ 'گل' (Gull) معنيٰ گهر آهي. ٿي سگهي ٿو اهو سنسڪرت ڪُل (ڪٽنب) جو بگاڙ هجي، ڇو تہ ڪل- ڪٽنب، گهر سڀ ساڳي مطلب وارا لفظ آهن. [40/3/8]

**گهَر ٻارُ**- معنيٰ گهر ۽ ٻار/ ڪٽنب، پر جڏهن گهر لفظ ۾ ٻار بہ اچي وڃن ٿا تہ پوءِ گهر سان ٻار اجايو جوڙڻ جو مطلب ڪونهي. لڳي ٿو ان جي بنگالي صورت گهر/ واڙي (يا واڙ) معنيٰ گهر ۽ ٻنيءَ جو ٻارو يا ٻاري، يعني گهر سان شامل زمين، ٻنيءَ جو ٽڪر هر ڪٽنب لاءِ لازمي آهي،سو ٿيو گهر- واڙ يا واڙي، سنڌيءَ ۾ واڙ/واڙي جو ٻار ٿي ويو آهي؛ يعني واڙي معنيٰ ٻاڙي ۽ واڙو معنيٰ ٻاڙو. ائين تہ هڪ ٻيءَ صورت بہ ٿي سگهي ٿي تہ هر گهر/ ڪٽنب کي واڙي يا واڙو تہ ضرور هئڻ گهرجي،جنهن ۾ ڳئون ۽ مينهن چوپايو مال رکيو آهي ۽ سنڌيءَ ۾ "واڙو" معنيٰ چوپائي مال جو ڪکائون منهہ يا گهر؛ ان ڪري وري بہ گهر- واڙو يا واڙي بہ ان حالت ۾ درست آهي نہ ڪہ ٻار.

ساڳيءَ طرح ٻار ٻچا بہ آهن. جڏهن ٻار لفظ اچي ويو،جنهن ۾ ٻچا بہ شامل آهن تہ پوءِ ٻار ٻچا چوڻ جو مطلب ان ڪري فقط گهر يا ڪٽنب ئي ڪافي آهي. هتي هڪ چرچو ياد اچي ويو. هڪ ديوان اٺ ٽي ٻارن سان گڏ چڙهي وڃي رهيو هو، پر سائس ٻار بہ چگو هو، تنهن تي جت چيس؛ ديوان ٻار تہ گهڻو ٿي پيو آهي. تنهن تي ديوان چيو؛ بس، باقي "فئملي" آهي. ويچارو جت ڇا ڄاڻي "فئمليءَ" مان، سو چيائين؛ سائين "فئملي" کي وجهو کوهہ ۾، جلدي ٻار- ٻچا وٺي اچو.

**گهر ٻار**- هتي هن جي معنيٰ سڄو پنهنجو گهر/ ڪٽنب آهي، جنهن ۾ زالون/ ٻار سڀ شامل آهن. هي ڪنواري/ چڙهي جو متضاد آهي. دشنامي فرقي ۾ گوسائين ٿيندا آهن، جن کي گهر ٻاري گوسائين

چئبو آهي. [17/179] يعني شادي ڪيل. ڪاٺياواڙ ۾ انهن کي اتپت يا گوسائين چيو ويندو آهي، جبڪي شو ڀڳوان جي مڙهين ۾ رهندا آهن. [207/155]

**گھوڙو**– هڪ تيز رفتار عزت وارو جانور. سنسڪرت ۾ گھوڙي کي اَشوَ چئبو آهي. ٻيو لفظ گھوٽڪ بہ آهي. ٿي سگھي ٿو ان جي پراڪرت صورت ترڪستان ۾ پهتي هجي ۽ اتي بگڙي ترڪي ٻوليءَ جو "گھورن" لفظ جڙيو آهي ۽ اتان ئي اَشوَ جو ٻيو مڪيہ نالو گھورو (گھوڙو) اتان هتي آيو هجي. [17/108]

**گھاتَ گھڙڻ**– سازش سٽڻ/ ڪرڻ، دوکو ڪرڻ، مارڻ لاءِ ڪا تياري ڪرڻ، دوکو/ وشواس گھات ڪرڻ. گھات جي معنيٰ مارڻ آهي. پر هي گھات گھڙڻ سنڌيءَ ۾ راجستاني ٻوليءَ مان آيو آهي، جتي ان جي صورت گھاٽ گھڙنا آهي، ان ڪري سنڌي محاورو ناهي. ٻيءَ طرح "گھاٽ" لفظ جي معنيٰ نديءَ تي سنان ڪرڻ (وهنجڻ) ۽ ٻيڙيون بيهارڻ جو ٽَڙ آهي، ان حالت ۾ راجستانيءَ ۾ گھاٽ غلط ٿي ڪري اهو گھات ٿيڻ گھرجي.

**گھوگھو**– گھُتو- ٻچيءَ جي چوڏاري هٿن جي زوردار پڪڙ سان ڪنهن کي گھتو ڏيئي مارڻ. گھوگھو ڦاهيءَ جي معنيٰ ۾ بہ آهي.

**گھاڻي**– گھاڻو، جنهن ۾ ڄانيو، سرنهہ وغيرہ ٻج وجھي پيڙي تيل ڪڍجي. اوڙيسا ۾ ڪانڌ نالي هڪ قبيلو آهي، جيڪي بہ تيل پيڙيندا آهن ۽ ان کي گھاني (گھاڻي) چوندا آهن. هو مٿي چڙهي چڪر ڦيرائيندا آهن،جيئن تيل نڪرندو ويندو آهي. سندن گھاڻين جا ٻہ نمونا آهن،جڏهن تہ سنڌ جي گھاڻي يا گھاڻو ڏٺا يا ڪٿي اٺ بہ هلائيندا آهن. [2/338] هنديءَ ۾ بہ گھاني چيو ويندو آهي،نہ کہ گھانو (گھاڻو). گھانا جي هندي معنيٰ مارڻ آهي. ٻچن کي ماري ۽ پيڙي پوءِ تيل ڪڍجي ٿو. گجراتيءَ ۾ گھاڻي ۽ گھاڻو لفظ آهن،پر ان کي اچڪلهہ گھنٽي چوندا آهن؛ پر گھنٽي اٽو پيهڻ جي ڪم جي چيز آهي، جنهن کي

"چڪي"چئبو آهي، جڏهن تہ گهاڻي تيل پيڙڻ جي آهي. هو گهنٽي کي پراڪرت" گهٽتا" صورت مان" گهاڻي" بڻائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا،جو بلڪل غلط آهي. [24/250] هنديءَ ۾ گهاني جو واهپو گهڻ آهي. سنڌيءَ ۾ ٿي گهاڻو يا گهاڻي وڌيڪ رواج ۾ آهي. راجستانيءَ ۾ بہ گهاڻي آهي، پر گهاڻو وري بہ سنڌيءَ ۾ آهي. ٿي سگهي ٿو اوڙيسا وارا ڪانڌ جڏهن لڏ- پلاڻ ڪري هتي ڪنهن زماني ۾ آيا تہ هنن پاڻ سان اهو گهاني يا گهاڻي لفظ بہ آندو هجي!

**گهٽو ڪري**- اڪثر، زياده تر، گهٽي پاڳي، پر گجراتيءَ ۾ اهو گهٽو-ڪڙوُن چوندا آهن معنيٰ گهٽو+ ڪڙون (صحيح)= شڌ. پنهنجي ليکي هي بہ ٺيڪ آهي يعني "گهٽو سچ".

**گهوڙي**- گهوڙي جو مونث. هن لفظ ڏيڻ جي ضرورت ڪانہ هئي پر ان سان هڪ ضروري چوڻي وابستہ آهي. ڪنهن گهر جا سڀ ڀاتي ڪو هڪجهڙو غلط وهنوار ڪن تہ چئبو هو "گهوڙيءَ کي گهمرو" يا ڏنِ کي داسو." مطلب تہ مڙئي هڪ جهڙا آهيو. ڪي "ڪوڙيءَ کي گهمرو" بہ چوندا آهن.

● ٻنا اکر: گهر- ٻار، گهر- گهات، گهٽ- گهيڙ، گهٽ- وڌ، گهمڻ- ڦرڻ، گهمڻ- گهتڻ، گهوڙو- ٻوڙو، گهاٽو- واڌو، گهٽ- وڌائي.

# ل

**لَڪو**- ڪانگ کي هڪلڻ ءِ اُڏائڻ جو آواز. ’لڪو‘ ائين چئي هٿ جي آڱر ڪبي تہ ڪانگ اُڏامي ويندو،فقط ’لڪو‘ سان بہ؛ جيئن ڪتي کي ڀڄائڻ لاءِ بہ هٿ آلاري چئبو ’ڪُتو‘ تہ ڪُتو هلي ويندو؛ جيئن ”چ-چ“سان هليو ايندو آهي.

**ليڙپيو**- هڪ پيار واري سُريلي گار، جيڪا ننڍي کي چئبي آهي. مڪراني ٻوليءَ ۾ اُٺ کي ’ليڙهو‘ يا ’ليڙو‘ چئبو آهي. ليڙ پيءُ معنيٰ اُٺ جو پيءُ، جيڪو اٺ جو پيءُ سو اُٺ جو پُٽ بہ تہ ٿيو نہ. پر اُٺ جو پٽ سڏي سنئين گار آهي،جيئن ”ڪتي جو پٽ“ پر ”اُٺ جو پيءُ“ چوڻ آبرودار گار آهي.

**ليڙي**- ڪمزور، سُست، ڍلو. ڪو ائين ليٽيو پيو هوندو تہ چئبو چو: ”ليڙي ٿيو پيو آهين.“

**لَباڙ**- ٻتاڪ، پاڻ ٻڌائڻ. پنهنجي ڪُوڙي وڏائي ڪرڻ. ٻتاڪ هڻندڙ ٻتاڪي ۽ جيڪو اجايو بازار ۾ خرچي چٽو ڪري،تنهن کي ”لاٻڙ چٽو“ چئبو هو.

**لِڱا**- دفعا، ڀيرا، ڪيترا لڱا (دفعا) چيو اٿم.

**لاڪر**- ڪان وٺي، تڏهانڪر، ان وقت کان وٺي. ”ڪيڏي لاڪر ويٺو چوان، ٻڌين ئي نٿو.“

**لوئيو**- لچ، لوفر، رولاڪ، بدمعاش، فاحش ماڻهو.

**لَپَ**- ٿورو، مُٺ ڀر، هٿ ڀريل جيترو، لپ جيترو ٿورو. هن جو بنياد سنسڪرت آلپ معنيٰ ٿورو آهي.

**لَپاٽ**- چماٽ، ٿڦڙ، هٿ کولي ڳل تي وهائڻ. "لپاٽ وهائي ڪڍڻ."

**لاڦَ**- ٻٽاڪ- ٻڙ ٻڙ، اجائي وڏائي.

**لڳڙ يا لِڳِـڙي**- ڦاٽل ڪپڙي ٽڪر، ڪپڙو ڦاٽي لِڳڙيون (يا ليڙون- ليڙون) ٿيڻ. يا ڏِلو- هيٺو، ڪمزور."جو لِڳڙي تي پيو آهين." يعني ڪمزور. راجستانيءَ ۾ "لڳڙان" پائڻ جي ڪپڙي کي چوندا آهن. [3/592] مهاراشٽر، راجستان وغيره ۾ ڀَلاهي قبيلي جون زالون هڪ اڻ سبيل ڪپڙو سڄي بدن تي پائنديون آهن، ان کي لگرا چوندا آهن، جيڪو ٦-٧ وال ٿيندو آهي. [6/53] پر هرياڻا جون زالون رڱيل ڪپڙو مٿي تي پائينديون آهن، ان کي لڱڙا يا لڱڙي چئبو آهي. [392/254] ⊗

**لاٺيرو**- ٿورو ننڍو، قد ۾.

**لڳي**- وقت، ٻجي، گهڙيال ۾ ۵ لڳي ١٠ منٽ. پراڪرت جي "ڪانهڙوي ۾ ٻنڌ" ۾ لَڳِٿِ آهي، اتي معنيٰ چٽي ڪانهي،پر مطلب لڳ ڀڳ اهو ئي آهي يعني 'ڪان وٺي' يا ڪان، مان. [24/105]

**لاڏو**- گهوٽ، مڙس، شاديءَ ۾ ڳايو ويندڙ راڳ جو قسم. هماچل پرديش ۾ گدي قبيلي ۾ لاڏو (گهوٽ) ۽ لاڏي (ڪنوار) لاءِ ڪم ايندو آهي. [2/335] راجستان جي خانہ بدوش ڪيرن ۾ لاڙو چئبو آهي (گهوٽ کي) ۽ لاڏي يا لڙمن (ڪنوار کي). [26/452] ڪٿي دُلڙي بہ چئبو آهي. گجراتيءَ ۾ ڪنوار لاءِ لاڊي (لاڏي) لفظ آهي (لنڪاني لاڊلي ني گهوگها نو وڙ). [16/529] راجستان ۾ بہ "لاڊو- لاڊي" چئبو آهي. [160/678] سنڌيءَ ۾ لاڏو، ٻنسر وغيره راجستان

⊗ سنڌ ۾ اڄ سوڏن ۾ "لُڳڙ" ڪپڙي کي بہ عام طرح چئبو آهي. (تاج)

**لِنڊُ**– گُونه، هنگڻ، ليندي. ”لنڊ لاهڻ“ معنيٰ هنگڻ. ”تڦڙ هٿانءِ تہ لِنڊُ وهي ويندءِ.“ [94/293] هن جو بنياد سنسڪرت لنڊ آهي.

**ليئو**– لياڪو، ليئو پائي ڏسڻ، ڪنهن وٽان لياڪو/ليئو پائي اچڻ يعني ٽي اچڻ، ملڻ، نهارڻ، ڏسڻ. ”ليئو پائي ڏس تہ سهي.“

**لَنگھڻُ**– لنگهي وڃڻ، هليو وڃڻ. بهار جي آديواسين ۾ لَنگھيَہ آهي، معنيٰ ندي پار ڪري وڃڻ آهي. [2/530] هنديءَ ۾ بہ لانگھہ جاتا آهي.(سنڌيءَ ۾ لنگهڻ ”ٽپ“ ياويلي (ڦاڦي) کي بہ چئبو آهي- تاج)

**لائوَن**– شاديءَ ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جا ساٿ سوڻ (رسمون) ٿيڻ کي ”لائون لهڻ“ چئبو آهي.

**لَڙهو**– ڇڊو، پتڙو. کير ۾ پاڻي وڌيڪ هئڻ يا دال ۾ پاڻي وڌيڪ هوندو تہ چئبو ”هي لڙ پاڻي ڪري ڇڏيو اٿئي.“ يا کير لاءِ بہ چئبو ”لڙهو جهڙو پاڻي.“

**لَسو**– سُهڻو، چمڪندڙ، لسائڻ. ”هي ڇوڪرو لسو (سهڻو) آهي“، ”وار تہ لساڙي ڇڏ.“ ”لساڪري ڇڏ تہ چمڪن“. هن جو بنياد سنسڪرت لَس آهي. رستو صاف خالي هوندو تہ چئبو ”لس ٿي لس لڳو پيو آهي.“ يا ڪتاب بنا بيهڪ جي پڙهڻ يعني لس ٿي لس پڙهڻ.

**لَکَ لهڻ**– قدر ڪرڻ. ”واهہ جو ڪم ڪيئہ،لک لهين يار“، ”هن جي ڳالهہ ٿي لک لهي“. هي هوبهو راجستان جو محاورو آهي،جتي ”سنديسا هي لک لهئہ.“ يعني ”يار جو سنيهڙو ٿي لک لهي.“ [221/423] يا لکن ۾ لال- هڪ.

**لِکِلِکو**– وَڏَڻُ لوهہ جو (هڪ ڪنوري جيان ان کي ڊگهو هٿيل) جنهن ۾ ڪجهہ وجهي باهہ تي رکي تربو آهي. گيهہ ۾ آهر وجهي دال ۾ رائي ڏيڻ. ڦٽ ، ڦرڙيءَ لاءِ پوٽيس ٺاهڻ وغيره.اڪثر ڪمن لاءِ ان

لڳلڳي(يعني وڏڻ)رنڊڻي جي هڪ تمام ڪارائتي چيز آهي.

**لوُلائو-** پارن کي ڊيڄارڻ جو هڪ آواز "چپ ڪر لوُلائو ٿو اچي." جيڪو ٿيندو ڪجهه ڪونهي پر مڙئي پارن کي ڊيڄارڻ لاءِ ائين چئبو هو. نيوگني (آسٽريليا) جي قديم قبيلن ۾ "ڪانگنامن" قبيلو آهي ان ۾ مُکي (اڳواڻ) کي للئائي (Luluai) چوندا آهن. [95/526] هن ۽ سنڌي لولائي جو ڪهڙو لاڳاپو آهي چئي نٿو سگهجي.⊗

**لِڱَ-** بدن، سڄو سرير. پار سِنان ڪري ايندو ته ماءُ چوندي، "لِڱ ته چڱيءَ طرح اُگهه." يا ڪو خوفناڪ حادثو ٿيندو يا ڏسبو ته چئبو هو، "ڏسي، منهنجا ته لڱَ ٿا ڪانڊارجن." هن جو بنياد سنسڪرت لِنگ معنيٰ بدن جا عضوا آهي.

**لاٽ-** انگريزن جي وقت ۾ گورنر فقط لارڊ جي حيثيت (خطاب) وارا مقرر ٿيندا هئا، جهڙوڪ "لارڊ هارڊنج"، انهن جي حيثيت ڪري سندن دهشت ۽ نالو به لارڊ صاحب چئبو هو، جيڪو پوءِ لارڊ مان لاٽ بڻجي ويو. ان ڪري ڪير پاڻ کي ڪجهه وڏو سمجهڻ لڳندو، هو ته ان کي چئبو هو "ڪو لاٽ صاحب آهين ڇا؟" ڇڻ ته لاٽ صاحب اچي لڳو آهي." وغيره. ٻيءَ طرح لاٽَ وڏي اسٽاڪ (Stock) لاءِ چيو ويندو هو ته، "فلاڻي مال جو وڏو لاٽَ پيو آهي."

● ٻيا اکر: لاهي- چاڙهي، لائي- چائي، لهڻ- چڙهڻ، لهه- چڙهه، لهه- وچڙ، لچ- لوفر، لچ- لفنگو، لوُلو- لنگڙو، ليٽڻ- پيٽڻ، لڪ- لڪائي، لڪ- چپ، للي- چُپي، لچ- شرم، ليڪو- چوڪو، لنگهندي- پائيندي، لنگهه- پاءُ، لٺي- پٺي، لٽ- پٽ، لڙ- ٻڙ، لڪ- چوريءَ. لڏ- پلاڻ، لاهي- پائي، لاءِ نه ساءُ (گجراتيءَ ۾ لا نه سا) .([8/89]

⊗ سنڌ ۾ "لَلو" يا "لوُلوُ" ٻرڪم ايندو آهي. (تاج)

# م

**مَرداني**- صبوح جو سويل. "صبوح مرداني اچي نڪتو آهين، ڪر خبر."

**مِتيرو**- چيز، ٻنيءَ جو هڪ ڦل جيڪو آسوءَ جي مهيني ۾ ڏياري ڌاري پچي راس ٿيندو آهي تہ چئبو آهي، "ڏياريءَ جو ڏيئو ڏئو، ننڍو وڏو چيز منو". اک جو دوڏو بہ چئبو آهي.

**مُنجَڻُ**- موڪلڻ، موڪلي ڏيڻ.

**مَمَڻُ**- ڌانڌل، گوڙ، ڪِٽ پِٽ، اجايو زور سان ڳالهائڻ جو سمجهڻ ۾ نہ اچي. چئبو "چو اجايو ڪٿي مَمَڻُ مچايو اٿئي." هن جو بنياد سنسڪرت "مَنمَنَم" ۽ پراڪرت مَمَڻ آهي.

**مُٺا ماريا**- هڪ زناني پٽ، چڙ جو لفظ. "مُٺا ماريا، وڃي ڪَڏَ ۾ پؤ." "اهڙو مُٺو ماريو آهي جو مڃي ئي نٿو". هندن جو هڪ فرقو جيڪو آسام جي وشنون جو آهي،جنهن ۾ "چوتيا" بہ شمار آهن. [4/51] مڌيہ پرديش ۾ 'ماڙيا' يا 'مُڙيا' نالي هڪ آديواسي قبيلو آهي. [33/198].

**مَر**- ڀلي، وڃي ٿئي. "مَر، وڃي مار ڪائي، مان نہ ٻڌائيندوسانءِ." گجراتي ۾ بہ "مَر"ان مطلب سان ان طرح ڪم ايندو آهي. [6/672]

**موچارو**- سُهڻو، سنو، چڱو، ڳهڻو، پورو سارو. هي ڏاڍو موچارو يا موچاري آهي. "هي موچارو ڪم ڪيئہ، شاباس اٿئي." هي

مَنڊا ٻوليءَ ۾ ”مُوچاري“ آهي. [6/672]

**موڙُ**– مکٽ (مٽک يا مُنڊڪ)، تاج مٿي تي پائڻ لاءِ. مسلمان گهوٽ شاديءَ وقت مٿي تي ٻڌي ان جي جهالر منهن اڳيان لٽڪندڙ رکندا آهن، ان کي موڙ چئبو آهي. هن جو بنياد سنسڪرت مُکَٽَم آهي، جنهن جي پراڪرت صورت مَٿُڙ آهي،جتان سنڌيءَ ۾ موڙ بڻيو.

**مُنڊِ**– جَوَ. اناج جو قسم جيئن ڪڻڪ. ڪَنَڙ ٻوليءَ ۾ ان کي ”مُڊ جَبَوِ“ چئبو آهي،جتان سنڌيءَ ۾ ٻه جَوَن سان گڏ ”منڊ“ مشهور آهي. بيمار کي مُنڊن (جَون) جي رٻ ڏاهي ڪارائبي هئي.

**مارِيا**– زنانو اکر آهي. ”ماريا، هي ڪم ٻه نٿو ڪرين.“

مڌيه پرديش جي بستر ايراضيءَ ۾ اوڙيسا آنڌرا پرديش ۾ وسندڙ هڪ قوم آهي، جنهن کي مارِيا چئبو آهي، بستر ۾ مرڪز اٿن. [18/294]

**مَمَچِترو**– اجائي حرڪت ڪندڙ ٻار. وٽ ڪان ٻاهر مستي ڪرڻ وڙهڻ. ”مُنا چو مَمَچترو ٿي پيو آهين،سيني سان پيو وڙهين.“

**مَستَ**– چريو، متوالو، موجي، شهوت ۾ پريل يا چتو ٿيل. روحاني مست،جنهن مان انگريزي جو مسٽڪ (Mystic) لفظ جڙيو آهي. هن جو بنياد فارسي آهي.

**مَستي**– حرڪت، کيچل، چرچو، چيڙ خاني، نشو، بيخودي، جوانيءَ جي مستي.

**مَنجرُ**– لوهه جي شيخن جي ٺهيل وچوٿين واري چلهه ٽنگن سان، جنهن تي اڪثر پلو (مڇي) پچائي ڪاڊو ويندو هو. جنهن جو ذائقو رڌل کان ٻه وڌيڪ آهي. پچائڻ جو ٻيو ٻه گهريلو ڪم ان مان ورتو ويندو هو.

**مَتو-** گڏيل، هڪ ئي وقت، جُدا- جُدا طور رقم ڏيڻ کان هڪ ئي وقت 'مَتو' ڪري ڏيڻ. شادي ۾ ڏيتي- ليتيءَ ۾ ڏهہ هن جا، ۴۰ فلاڻي جا، ۵ فلاڻي جا جُدا- جُدا ڏيڻ کان گڏي ڏيڻ کي مَتو چئبو آهي ۽ اهو شاديءَ ۾ اصطلاحي لفظ آهي؛ يا متو معنيٰ گهڻو بار هڪبئي مٿان سٽيل. قرض هڪ مٿان ٻيو چڙهڻ کي ٻہ متو چئبو آهي. "مَتو ڪندو پيو وڃين، ڏيندين ڪيئن؟" هن جو بنياد سنسڪرت مَشي آهي معني مٿ يعني"مٿ ٻري هڪ ئي وقت ڏيڻ" جيئن يڪ- مشت.

**مُباهہ-** معافي- معاف، ڇڏي ڏيڻ. "چگو باقي توکي مباهہ ٿيو."

**موڙي-** ڏنڊو گهٽ، بازار ٺڏي، گراهڪي گم.

**موڙي-** مُوڙ، پهرين سيڙيل رقم. بنيادي سيڙپ ڏنڊي ۾.

**مارواڙي پنو-** اڳي ڪتابن وغيره تي پوش چاڙهڻ لاءِ رنگين چٽڪمرو پنو فولسڪيپ سائيز جو پٿو ملندو هو، جنهن جو نالو سنگمرمر جيان چٽ هڻڻ ڪري،ان جو نالو ماربل (Marble) پيپر هو، مگر اسين ان کي ماربل نہ سمجهي فقط مارواڙي پنو چوندا هئاسون.

**مَنهن اولداهي-** صبوح جو تمام سويل،جڏهن ڪنهن جو منهن بہ سڃاڻي ڪونہ سگهبو آهي ۽ شام کان پوءِ اهڙي اونداهيءَ کي مُنهن اونداهي چئبو آهي. راجستان ۾ 'منهن انڌيرا' چئبو آهي. [31/90] ⊗

**مانجهي-** ساٿي، همٿ وارو، اڳواڻ، ٻيڙيءَ جو ناکئو. بهاري ماليرآديواسين (قبائلين) ۾ مانجهي،مکيءَ کي چوندا آهن. [4/450]

**مون-** معنيٰ ٽي (۳)، اٿي ڏڪر ۾ وڪڻ، لين، مؤن. معنيٰ ٽيون. هي تامل ٻوليءَ جا لفظ آهن،جيئن نار (چوٿون). [8/750]

**مَنجهہ-** ۾، اندر، وچ ۾. "هن منجهہ وجهہ." هن جو بنياد

⊗ سنڌيءَ ۾ "مُنهن-مير" لفظ بہ استعمال ٿئي (تاج)

سنسڪرت مَڌيہ معنيٰ وچ، اندر آهي.

**مَچُ**- گهٽي باهہ. باهہ جا ڀنيت. چلهہ ۾ باهہ گهٽي هوندي تہ چئبو "مچ باهہ جا ٻيا ٻرن."

**مُچو**- ننڍو ٻڌل بنڊل ڀن جو، يا مچو ڌاڳن يا سُٽَ جو. اڱرين جو اڻ سوڌيل مچو، منجهيل. "سُٽ منجهائي مُچو ڪري ڇڏيو اٿئي."

**مِري**- ڪارو مرچ يا ڪارا مرچ يا مِريون. تيليگو ٻوليءَ ۾ اهو مَريا آهي ۽ اتان ئي سنڌيءَ ۾ آيو آهي. اصل ۾ هي مرچ ناهي،پر هڪ ونسپتي آهي،جنهن جو استعمال دوا جي طرح ڪبو آهي،نہ ڪہ عام طرح. مرچ جي فقط هڪ ذات آهي يعني ساوا مرچ. پر اسين ڳاڙها مرچ ۽ ڪارا مرچ بہ چوندا آهيون. ڳاڙهن مرچن جو اصل نالو چلي آهي، جاڪاڻ تہ ان جي پيدائش جو اصلي هنڌ (ڏکڻ آمريڪا) آهي، اتان هتي اچڻ ڪري ان کي چلي ئي چئبو آهي; پر ماڻهن انهن جو خوامخواه استعمال ڪري،انهن کي لال مرچي يا ڳاڙها مرچ چوندا آهن، جيڪو اسان جي ملڪ جي آبهوا جي خلاف آهي، يعني سخت گرم آهي. ڪارا مرچ بہ مرچ نہ،پر ونسپتي آهي،جنهن جو استعمال اڪثر بيمارن جي ڪاڌي ۾ ڪبو آهي; پر عام طرح بہ ٿي پيو آهي. حقيقت ۾ سائو مرچ سونهن وڌائيندڙ آهي. يهودين جي عبراني ٻوليءَ ۾ ان ڪاري مرچ يعني مِريءَ لاءِ مِر (Myrrh) ۽ عربيءَ ۾ مُرَّ معنيٰ ڪوڙو، تِکو آهي. [378/114] وارو رنگ بہ ڪاري مرچن جهڙا ٿيندا آهن ۽ ڪي ان جو استعمال ڪندا آهن.

**مانجهاندو**- هندو سَتَئِن (جنم اشٽمي) تي هڪ ڏينهن اڳ منيون مانيون پچائي رکندا آهن ۽ ستٿن جي ڏينهن اها ئي کائيندا آهن، جنهن ڪري منجهند جي ماني ڪرڻ جي ضرورت ڪانہ پوندي آهي،جو تہ ٿڌو کاڌو منجهند جو کائبو آهي. زالون مانٽ ڪري ويٺيون هونديون آهن،جو تہ مانيءَ ڪرڻ جو انتظار ڪونہ ڪرڻو هوندو اٿن; ان ڪري

اهو ٿيو ٿڏو- مانجهاندو. پر جي ٻئي ڪنهن ڏينهن تي بہ ائين ڪن ۽ ڪم نہ ڪن تہ چئبو آهي، "ڇاهي، ٿڏو مانجهاندو ڪري ويٺيون آهيو." معنيٰ ڪم جي سستي يا ڪم جو آسرو لاهي وهڻ. مانجهاندو ڪيئن جڙيو؟ جيئن هيڪاندو (گهڻو).

**مَهي**- ڏؤنٹرو. ڏهي بنا پاڻيءَ جي ولوڙيل، گهاٽو ڏُڌ جهڙو مَهي.

**مِتان**- نہ، نہ ڪج، ناڪاري. "متان ائين ڪيو اٿئي." معنيٰ ائين نہ ڪج. ايجپشن ٻوليءَ ۾ ميت (Met) معنيٰ ناڪاري، نہ آهي. [40/3/148]

**مَنجُهہ**- اَندرُ، ڳجهي ڳالهہ، راز. ڪنهن مان منجهہ ڪڍڻ معنيٰ ڪو راز هٿ ڪرڻ يا دل جي ڳالهہ (اَندرُ) ڄاڻڻ. هي بہ مَنجهہ جي ٻي صورت آهي مطلب "اندر، ڳجهہ" سان آهي.

**مِنهُن**- بهانو، ٽٽاڻ، ڪم نہ ڪرڻ. مينهن (برسات) پوندو آهي تہ ڪير ٻاهر ڪم ڪرڻ لاءِ نڪرندو ڪونہ ۽ "ٻاهر مينهن پيو پوي" ائين بهانو تاڙيندو، ان ڪري ان مينهن تان نهڻ ڪري اهو مِنهُن "بهانو" بڻجي ويو آهي، جيئن "گهپي."

**مَنئِس**- مَنجهيس جو بگڙيل روپ يعني اندر "هن جي اندر ۾"، "هن ۾ اندر"

**ماني**- ڪاڏو، جوئر يا ٻاجهريءَ جي اٽي مان پڪل ماني يا ڏينهن خواه رات جو جيڪي ويلي تي کائجي،ان سڀ کي گڏي ماني چئبو آهي، يعني ماني کائڻ. هي لفظ اردوءِهنديءَ ڪنهن ۾ بہ ڪونهي، سنڌيءَ ۾ خاص آهي. بائيبل ۾ اچي ٿو تہ "اسرائيل جي گهراڻي وارن ان (کاڌي) جو نالو مَنا رکيو ۽ اهو ڌاڻن جي داڻن جيان سفيد هو ۽ ان جو سواد ماکيءَ ۾ ٺهيل پوريءَ جيان هو."

**مَنجي**- ننڍي ڪتولي، ننڍي ڪٽ، سوا فوٽ ڪن جي ننڍي منجي، هڪ ڄڻي لاءِ اڪثر هوندي هئي. ٻي ٻه يا ٽي فوٽ ننڍي ٻار ڪي سمهارڻ لاءِ هوندي هئي. آئي وئي لاءِ اها ننڍي منجي وڇائبي هئي، جو ته ڪٽ وڏي هئڻ ڪري پنهنجي جاءِ تي هوندي ته مَنجي سيري ويجهي ڪري ڪنهن ڪي وهارڻ لاءِ ڪم ايندي هئي. هندو ڙالون جنڊي ٽيل منجيءَ تي پنهنجو ڌرمي ڪتاب رکي پڙهندا ٿيون هيون. مَنجو، منجيءَ جو مُذڪر آهي. اهو اتفاق سان ڪنهن وٽ هوندو هو، جيڪو منجيءَ کان ٿورو وڏو هوندو هو. ڪٽ کي به منجو چئبو هو. هن جو بنياد سنسڪرت مَنچ آهي، چ جو ’ج‘ لازمي آهي، ان ڪري منچ جو منجي ٿي ويو، جيئن گ جو ج يا ج جو گ.

**مائوَ**- ٻليءَ جو آواز، پر قديم ايجپٽ (مصر) ۾ سندس ان ئي آواز ڪري ايجپشن ٻوليءَ ۾ ان کي مِياو (Miaw) چيو ويندو هو. ان جو اتي احترام ڪيو ويندو هو، ان جي پوڄا ڪئي ويندي هئي ۽ اهو هڪ گهرو پالتو جانور هو، جيڪو حاڪمن تائين عزت پائيندو هو. ٿالمي جي زماني ۾ هڪ روميءَ (Roman) کي ان ڪري ڦٽڪن جي سزا ڏني ويئي، جو هن هِڪ ٻلي ماري وڌي هئي. [75/672]

**مڱڻهار**- سنڌ ۾ مڱڻهار فقط دهلارين کي چيو ويندو هو، جنهن سان گڏ شهنائيءَ وارو يا وارا به هوندا هئا. هي اڪثر مسلمان هئا ۽ ڏاڍا سُريلا هوندا هئا. لکيءَ جو عبدالله مڱڻهار مشهور هو ۽ حيدرآباد جو بَسنت.. عبدالله مڱڻهار سان هڪ ڏمالي به هوندو هو، جيڪو دُهل تي مٿي ڏمال وڄائيندو هو. اڄ جي ٻئنڊ پراڻي مڱڻهارن اڳيان خواه مخواه پيئي لڳندي.⊗

هي اصل راجستان جو هندو قبيلو آهي، جيڪي به هاڻ مسلمان آهن، پر سنڌن رستو ۽ وهنوار هندن سان ئي آهي، ڄاڪاڻ ته منگڻ (گهرڻ) جو پيشو اٿن، ان ڪري مڱڻهار سڏبا آهن. راجستان ۾ ڏاڍو

⊗ ڏمالي فقير، سنڌ جي مشهور راڳي علڻ فقير جو والد محترم هو. (تاج)

مشهور آهن. 135/14 ۾ [125/B/177]

**مَڙهه يا مَڙهو**- بيمار، مُردو، پيو، مهمان، مڙهو معنيٰ مزمان يا بيمار. "هلي ٻه نٿو سگهي، مڙهو ٿيو پيو آهي." مڙهه معنيٰ لاش- مڙدو يا "انهن چو ته ڪنَ ڪرين، مڙهه مسـاڻ ۾ اٿئي." يعني مرڻ ڪنديءَ تي آهين.

● ٻتا اکر: مت- مائٽ، متي- مائٽي، ملم- پٽي، منٽ- ميڙ، ميڙي- چونڊي، محل- ماڙيون، ماڙ- منجهاڻ، ميو- متارو، مال- مليدا، مار- ڪُٽ، مهمان- مڙهو، مڙهه- ميزبان، مڙهه- مقام، ماٺهو- چيٽو، مان- مرتبو، مٿ- سٿ، متا- ستا، مهٿ- سهٿ.

# ن

**نيرَنِ**- صبوح جو ٿورو ڪاڌو ڪائڻ يا نيراڻو، معنيٰ بنا ڪاڌي. هن جو بنياد سنسڪرت نراهار معني بنا ڪاڌي، پر بنا منجهند جي ماني ڪائڻ تائين ۽ ان ڪان اڳ ٿورو ڪجهه ڪائڻ کي نيرڻ چئبو آهي. يعني صبوح جو سويل ڪجهه ڪائي (ڪم تي وڃڻ).

**ندورو**- نياڳو ٻار،جيڪو ڇيو نہ مجي تہ ان کي ندورو چئبو آهي، جو هڪ نندي پٽَ برابر آهي.

**نِرَهُ**- هڪ نندي پٽَ. ماءُ ٻار کي ڪاوڙ مان چوندي هئي ”شل نِرَهُ ٿين.“

**نيِيه**- معاف، ڦٻڻ، هضم ٿيڻ، معاف ڪرڻ. پر نيڪ معنيٰ ۾ ”شَلَ نبيه ٿيئي يا ٿيڻ.“

**نوِيڪِلو**- اڪيلو، هيڪلو، واندو، بي ڪنڪي. ”هي ڪم ڪري پوءِ نويڪلو ٿي وڃي ويهہ.“ يا واندو ويهڻ.

**نِڌ**- ٻار ڪو اونڌويا غلط ڪم ڪندو هو تہ ماءُ چونديس ”مٺا ڪا نِڌِ ڪٿي اٿئي ڇا.“ هيءَ بہ هڪ پٽ آهي، پر ان جو راز سنسڪرت ٻوليءَ جي نِدِ يا نِڌي ۾ آهي معنيٰ جمع ٿيل رقم، ملڪيت ، دولت، خزانو تہ ڪٿندو تہ خزانو يا جمع ٿيل رقم آهي،جا ٻارن وٽ پلي نہ هوندي تہ بہ چئبو هو تہ ”نِڌِ ڪٿئي اٿئي ڇا؟“

**نِڪورو**- بلڪل نئون، تازو (نئون+ ڪورو= نڪورو). ڪجهہ بلڪل ڪورو ڪپڙو وغيره هوندو تہ ان لاءِ چئبو ”نئون نڪورو آهي.“

**ناڙا- ڇوڙ**- مُتڻ، پيشاب ڪرڻ. ناڙو معنيٰ اڳٺ يا ڏوري. تہ مُتڻ مهل سٿڻ (سلوار) جو اڳٺ (ناڙو) ڇوڙي پوءِ پيشاب ڪبو آهي،ان

ڪري 'ناڙا ڇوڙ' مُنڻ لاءِ هڪ اصطلاح بڻجي ويو.

**نيڙُ** - زنجير، پيرن ۾ پڌل زنجير،جيئن چور يا جانور ڀڄي نہ وڃي،ان کي نيڙ چئبو آهي. هن جو بنياد سنسڪرت نُپور معنيٰ پيرن ۾ پاتل چانديءَ وغيره جو زيور، جيڪو پراڪرت ۾ ٹيڙُ ۽ گجراتيءَ ۾ نيوَر آهي. [15/503] ۽ سنڌيءَ ۾ نيڙُ.

**نِچوڙڻ**--نپوڙڻ، ڪپڙا ڌوئي نچوڙي سُڪڻ لاءِ وجهڻ. ليمي وغيره کي نچوڙي ان مان رس ڪڍڻ. هن جو بنياد سنسڪرت نِشچوئِت آهي ۽ پراڪرت ۾ نچوڙٽا آهي معنيٰ نچوئي پاڻي ڪڍڻ. هن جي ٹي ٻي صورت نِچوڙ معنيٰ تاتپرج، نتيجو حاصل مطلب آهي يا غريبن کي لٽڻ لاءِ انهن جو نچوڙي رت ڪڍڻ يا گهٹو پڙهڻ لاءِ نور نچوئڻ.

**نارنگي- هڪ** سهٹو گيڙو رنگ جو ڦل، ڪيسري رنگ جهڙو کٽو ۽ مٺو ۽ سوادي فروٽ آهي. هن جو سنسڪرت بنياد نارنگ يا نارَنگ جيڪو نارنگ ڦل بہ سڏبو آهي. ڪي ان کي ناگ رنگ ڪارڻ نارنگ يعني رس وارو ڦل چوندا آهن. [26/58]

هي ڀارت جو ڦل ۽ برما جي اُپج آهي، جيڪو اڳي ڀارت جو حصو هو. هزارن ورهين کان هن جو ذڪر ملي ٿو. [13/103] سلهٽ (آسام)، ڪمايون، سڪم ۽ نيلگريءَ جي پهاڙين ۾ ان جون جهنگلي جاتيون (قسم) اڄا بہ پاتيون وڃن ٿيون.

يورپ ۾ هي پنجين صديءَ ڌاري پهتو. ڪولمبس ان جو ٻج هائٽيءَ (پئسفڪ سمنڊ ۾) نيو. اسپين وارن اتان ١٥٦٥ع ۾ فلوريڊا (آمريڪا) ۾ آندو ۽ ڪئليفورنا ۾ ١٧٩٩ع ۾. اڄ نارنگيءَ جي سڄي دنيا ۾ پئدائش جو اڌ فقط آمريڪا ۾ آهي، پر ان جو اصلي ڦهلاءُ چين ۽ هند-چين (انڊو- چائنا) کان ٿيو. يورپ ۾ ١٥ صديءَ کان اڳ نارنگيءَ جو ڦل هوندو ئي ڪونہ هو. فارسيءَ ۾ ان کي نارنگي چئبو آهي، جڏهن تہ عربيءَ ۾ گ جو ج ٿي "نارنج" چئبو آهي، چين ۾ نارنگيءَ جو ذڪر

۲۲۰۰ سؤ ورهيہ پراڻو ملي ٿو. ان ئي طرح يورپ جي ٻولين ۾ اسپئنش ۾ naranja، اٽالين ۾ aranica ته لٽن ۾ Agangia، پورچوگيز ۾ laranja، فرينچ ۾ orange معنيٰ سون (نارنگي جو رنگ سون جهڙو آهي،ان ڪري) ۽ انگريزي ۾ به ان فرينچ صورت جو ڦهلاءُ ٿيو آهي يعني آرينج معنيٰ نارنگي يا نارنگي رنگ به. [13/103]

**نينهَن-** پيار، سڪ، اُڪير، دل، لاڳاپو. گجراتيءَ ۾ نيهه ۽ پراڪرت ۾ ڻيهه آهي. هن جو بنياد سنسڪرت سِنيهه آهي.

**نُگرو-** بي- ڇيو، نياڳو، ٻار ڇيو نه مڃيندو ته ماءُ چوندي "مٺا، ڏاڍو نگرو ٿي پيو آهين. ڳالهه نٿو مڃين." اصل ۾ هي نه+گرو=يعني بي- گرو معنيٰ جنهن جو گرو (استاد) نه هجي. هي گورکناٿ فرقي جي ٻوليءَ مان ڦهليو آهي،جتي نِگران ۽ سگران (گرووارو) جو استعمال ڪيل آهي. [1/564]

**ننڍو-** ننڍي- قد جو ڇوٽو،ماپ ۾ وڏي جو ابتڙ ننڍو. گهٽ يا وڏي ڪان گهٽ. مُنڊا ٻوليءَ ۾ نَڙِ صورت ۾ آهي.

**نارِ-** اٿي ڏڪر راند ۾ وڪٽ، لين، مون، نارِ وغيره چئبو آهي. يعني نارِ جي معنيٰ چار آهي،جو تامل ٻوليءَ جو آهي. [8/750] ٻيءَ طرح نار معنيٰ سمنڊ مان پاڻيءَ جو رستو خشڪيءَ ۾ اندر گهسي ويل آهي. عورت کي به نارِ چئبو آهي.

**نيسَرِ-** مٿان ڇت تان برسات وغيره جو پاڻي سِرَ جي نهيل نالي مان وهي ٻاهر پوڻ. هن جو مذڪر نيسارو آهي. اصطلاح آهي جڏهن تمام گهڻو وهندو آهي ته چئبو "رت نيسارا ٿي پئي وهيو". هن جو بنياد سنسڪرت نِرسر معنيٰ پاڻي ٻاهر وهڻ. پراڪرت ۾ نيسر معنيٰ نڪرڻ ۽ پراڻي گجراتيءَ ۾ نيسَر آهي.[نيسر، نارَجي به ٿيندي آهي. تاج]

**نَئِن-** برسات جي موسم ۾ پاڻي جبلن تان وهي ننڍي نديءَ جي

صورت ۾ وهي ايندو آهي، يعني عارضي ندي يا پاڻيءَ جو وڏو ريلو. گجراتيءَ ۾ ربل معنيٰ ٻوڏ. سنڌ ۾ سن ڳوٺ (ضلعي دادو) وٽان جبل تان نئن رني ڪوٽ ڪان اچي سنڌو نديءَ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي. سخت برسات ۾ ته ان جي صورت ۾ ڳجگوڙ ڏاڍي ڀيانڪ ٿيندي آهي. چوپايو مال، وڻ ۽ ڪڏهن مردا به گهلي ايندي آهي. سن جي ريلوي اسٽيشن وٽ ان جو پيٽ هڪ نديءَ جيترو آهي. رني ڪوٽ وٽان اچڻ ڪري ان جو نالو به نئن رني ڪوٽ هو. ٿي سگهي ٿو عربن جو نيرون ڪوٽ به اهو ئي قلعو هجي، جيڪو سن ريلوي اسٽيشن جي پٺيان هو ۽ وڏو قلعو آهي، ساڻ ساڻ قديم به. باقي حيدرآباد ته ڪنهن به صورت ۾ نيرون ڪوٽ ٿي نٿو سگهي،جنهنڪي ڪٽر هندو وري نارائڻ ڪوٽ چوڻ لڳا هئا،۽ نه ئي ديبل بندر نٿو بندر آهي. چچنامي ۾ آيل عربن جو رستو (Itinerary) بلڪل غلط، گمراهه ۽ ڏکي وارو آهي. ديسي لفظن ۾ انَ جي صورت نَئن معنيٰ ندي آهي.

**نان خَتائي**- اٽي مان نهيل کائڻ جي هڪ مٺي شيءِ،جيڪا اٽي، کنڊ ۽ گيهه سان ڳڌي ٺاهبي آهي. ٺاهي ٿالهي يا ٿالهه ۾ وجهبي،سوڪڙ کائيندي،ان کان اڳ ئي ان کي ڇُريءَ مان چورس ڇهڪ ڏيئي پوري سُڪڻ تي کائبو آهي ،يا بيڪرين وارا گول گول ٽڪيون ڪري پچائيندا آهن.

ان جو بنياد ترڪن جو قديم قبيلو ڪتائي آهي، جيڪو ترڪستان ۾ اوپر طرف سِرامِرين نديءَ جي ڏکڻ طرف هو. ان ڪتائي قوم اڳتي هلي چين کي جيتيو،جنهن ڪارڻ چين جو ٻيو نالو ڪتائي مشهور ٿي ويو هو (ٿي سگهي ٿو ڪوٽن به ان قوم جي آبادي هجي). هي اٽي ۾ کنڊ وجهي ٺاهيندا هئا. جڏهن هي اولهه ۾ ايران طرف وڌيا ته چاڪاڻ ته هي اهو ڪاڏو هڪ مانيءَ جي صورت ۾ ٺاهيندا هئا، جيئن سنڌ ۾ زالون ٺاهينديون هيون ته مانيءَ کي فارسيءَ ۾ نانَ چئبو آهي ته ان تان ان ڪاڏي جو نالو ٿيو ڪَتائي نان يعني نان- ڪتائي يا چين جي

ماني. [17/117]

**نارُ-** کوھہ مان پاڻي ڪڍڻ جو ھڪ وسيلو،جيڪو کوھہ جي مٿان گو ل چڪر ھوندو آھي، جنھن ۾ ننڍيون ڪنگريون ٻڌل ھونديون آھن. نار کي ڏڳو يا اُٺ ھلائيندو آھي. ھي خاص ڪري ٻنين کي پاڻي ڏيڻ لاءِ ٺھندو آھي. اولھہ ايشيا ۾ ان کي ناٺرا (Naura) چئبو آھي. [15/42]

**نَڙچِلمَ-** تماڪ ڇڪڻ جو ھڪ سلامتيءَ وارو ساڌن. جنھن ۾ چلم ۾ پاڻي پيربو آھي. گوءِ ان ۾ وجھي انھيءَ ڦل رکبو آھي. پوءِ نڙ مان ڇڪبو آھي تہ تماڪ جي گرمي،پاڻيءَ۾پاڻ سان ٺري نڪرندي آھي. نقصانڪار تہ بہ آھي، مگر ڏيري سان. پئلسٽائين (فلسطين) ۾ ان کي نَر- ڳِليھہ يا نَر- چِليھہ (Nargileh) گ ۽ ج ٻئي ھڪٻئي سان مٽجندڙ اکر آھن، ج جو ڇ تہ ڇ جو ڪ بہ ٿيندو آھي،ان طرح نرچلم ۽ نرجليھہ ۾ ابو ڪير پُٽ ڪير؟ پر تماڪ ڇڪڻ قديم ڀارت جي چيز ناھي،ان ڪري ٻاھرين ھئڻ ڪري،ان جو نالو بہ ٻاھريون ھئڻ گھرجي. [129/189]

**ناڻو-** ڌن، دولت، ملڪيت، رقم، پئسو. ڪشاڻ حاڪمن زماني جي مرجڪتڪ نالي سنسڪرت ناٽڪ ۾ ٽامي جي سڪي کي نائڪ چيو ويو آھي.

**نِيو يا نَيو-** لاٽن جو ھڪ قسم،جو جھنگلي ٻوٽن/ گاھہ کي سيڪي اڌ سڙيل ڪري اھو ڪپڙن ڌوئڻ ۾ ڪم ايندو آھي. لاٽن جي رک ٿي وجي،تہ بہ ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ سٺي آھي. ڪپڙي مان غلاظت ڪڍڻ جو ھڪ ديسيءِ سستو ذريعو ۽ بي ضرر بہ،اڄ تہ تيزابي چيزون چمڙي کي نقصان پھچائڻ لاءِ واپرجي رھيون آھن.

**نائو-** واڻ جھڙي گاھہ جو سنھو نرم قسم،جيڪو اڳي مس-

ڪپڙيءَ ۾ وجهي،ان ۾ مس وجهبي هئي تہ اهو گاهہ (نائو) مس چهي ونندو هو ۽ لکڻ مهل مس ٿوري ٿوري ٿي نڪرندي هئي، جنهن ڪري ڏُبا ڪونہ ٿيندا هئا.

**نُختي**- مٺائيءَ جو هڪ قسم، جيڪي ڀُريون ، ڀُريون يعني فقط- نقطا ٿي تربي آهي، پوءِ چاش ۾ پوري رکبي آهي. حلوائي ٺاهي وڪڻندا آهن. ان جو ٻيو نالو بوندي آهي،سو بہ ان طرح ڇاڪاڻ تہ بوند- بوند ٿئيءَ ۾ پوندي ۽ تربي آهي، ان ڪري نختي ۽ بوندي،ٻنهي جو مطلب ساڳيو آهي.

**نادي**- مٽيءَ جو پڪو ٿيل هڪ وڏو برتن،جهڙو ڊمُ لوهہ جو. ان ۾ اناج ڀري رکبو هو. هاري خواه زميندار انهن نادين ۾ وجهي رکندا هئا. ٻيءَ طرح برف جي مڻ/اڌ مڻ جي سڄي چنب ان کي بہ نادي چئبو هو. آديواسين جي ٻوليءَ ۾ ان کي ناند چئبو آهي. [13/214]

**نِمرو**- مٺو، هلڪو، صحت وارو، ٿڌو، زود هضم، موري، گجر، پالڪ وغيره اهي نِمريون چيزون آهن، يعني مٺين خصلتن واريون آهن،ان ڪري کائڻ گهرجن. ڪو ڪاڏو بہ نِمرو ٿيندو آهي،خاص ڪري ڪچٽي. صحت جي خيال کان زالون چونديون هيون ”شل نيو نِمرو هجين.“

**نؤسڻ**- ڏسڻ، جاچڻ، ڪٽي وانگر نڪ سان نوَسڻ. ٻار ڪو کائڻ يا شيءِ هٿ ڪرڻ لاءِ ڪبٽ وغيره ۾ جاچيندو تہ چئبو ”سڀ ۾ نؤس- نوس ڇو ويٺو ڪرين.“

● ٻتا اکر: نالو- نشان، نڪ- چپ، نوڪر- چاڪر، ناز- نخرو، نؤس- نؤس، نوڪري- چاڪري، ننڍو- وڏو، ننڍ- وڏائي، ننڍي- نيٽي (نائي)، نيت- پت، نئون- نڪورو، نِس- پِس، نشو- پتو،

# و

**وِلھہ**- تڏ، سيءُ، سخت سيءُ. "ٻاهر ولھہ (سيءَ) ۾ ڇو پيو گهمين؟"

**وِيلو**- هڪ زنانو ٻاراتو. "شل ويلو پوندءِ پيٽ ۾."

**وَلھوٽ**- اجائي ڪيچل (ٻاراڻي) اجائي هٺ چراند. ٻار ڪو گهڻي ڪيچل/حرڪت ڪندو هو تہ زالون چونديون "ڪيڏي ولھوٽ ويٺو ڪرين." ٻيءَ طرح پيٽ ۾ سور، پيٽ ۾ ولھوٽا پوڻ يا وڪڙ پوڻ.

**وِٺاءَ**- خلر، خرابي، خطرناڪ يا نازڪ حالت. "هي تہ وڏو وٺائي تي پيو" معنيٰ خلر ۾ري پيو. "وِڻ" بہ چئبو آهي.

**وَڏَنَدو**- ڏهيءَ جي دري،جيڪا ڪير ۾ ڏُڌ جمائڻ لاءِ وجھبي آهي. زالون پڇنديون ڏيئرن کان "وڏندو بچايو اٿئي" (ڪير جمائڻ لاءِ) يا "ڪير ۾ وڏندو وڌو اٿئي؟" هن کي سباڻ بہ چئبو آهي.

**وَڍِي**- چمڙي جي پٽي.

**وات ٽڪائي**- ڳالھہ، ڳالھہ ـ ٻولھہ، چوڻ، ڳالھہ ڇيڙڻ، ڏيان تي آڻڻ، ڳالھہ جو اشارو ڪري ڇڏڻ يعني وات ٽڪائي ڪرڻ. متان هو اٿين نہ چئي تہ ٻڌايئہ بہ ڪونہ.

**وَجَھڻُ**- رقم، پئسو. "ڏنڌي ۾ سيڙائڻ لاءِ تہ رقم (وَجَھڻُ) گهرجي." روڪڙ

**وَٽو**- وڏو ڪتورو، وياج، مٿڪي رقم، رقم جو وياج گهٽو يعني

”وٽو يا وٽاءِ (مٽڪي) ڳهٽو ڏيندينّ. وٽو معنيٰ ڪٽورو پر وڏو ڪٽورو. انگريزيءَ ۾ وَٽ (Vat) مٽيءَ جو پڪل وڏو برتن (ڪونار). معنيٰ مختلف باقي مطلب ملندڙ آهي. وٽو يا وَٽَ معنيٰ تورڻ جو وزن ۽ سير- پاءُ وغيره. بيلجيم ۽ هالنڊ ۾ اهو پاٿيٺ واري شيءِ جي ماپڻ لاءِ ڪم ايندو آهي.

**وِٿَ يا وَٿَ**- شيءِ، چيز، ذري، ننڍي يا ننڍو، ننڍو يا ڪمزور وڏي يا سگهاري سان وڙهندو تہ ننڍي= هيٺي ڪي چٽبو. ”آهين وِٿَ جو مون سان وڙهندين.“

**وِٿي**- وڇوٽي، ٿوري دوري، ٿورو پري، خال.

**وَڙُ**- لائق، مناسب، جوڳ. ”اهو تنهن جو وَڙُ نہ هو اٿين ڪرڻ“، يعني توکي مناسب ڪونہ هو ائين ڪرڻ.

**وَڏِهاڙ**- وڏو، ايڏو وڏو. ”ايڏو وڏو وڏهاڙ تي ويو آهين، جو پيءُ کان ٿو سبب پڇين؟ يا ”مهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين“. تامل ٻوليءَ ۾ وَڏِيارُ معنيٰ وڏيرو، حاڪم.

**وِڪاندُ**- اجايو ڏکوئيندڙ، غلط يا زهر اوڳاريندڙ ڳالهہ، وير، وروڌ، دشمني، هن جو سنسڪرت بنياد وڪاد آهي.

**وَنڊِيَر** - سنڌي هندو زالون مسلمانن کي ’ونڊَيرَ‘ چونديون هيون. ڪين مسلمان تہ چا، پر هندو نالي جي پوري چاڻ ڪانہ هئي. ’وَنڊِيرُ، Vandal جو بگاڙ تي سگهي ٿو. پر مهاڀارت (وراٽ ٢-٢٧) ۾ ارجن اگيات واس (لڪل رهڻ) وقت پاڻ کي برهنل ۽ شَنڍَڪ معنيٰ نپوسڪ چوايو هو. ٿي سگهي ٿو ان برهنل جو اولاد ان برهنل نالي سان ترڪستان ۾ ويو ۽ اتان اٽليءَ پهچندي اهو وئنڊل (Vandal) بڻجي ويو هجي، [51/8] جو تہ گجراتيءَ ۾ اهو وِينڊل معنيٰ نامرد صورت ۾ آهي. [8/460] ڪچ ۾ ’وَڊِيارُ ايراضي آهي. [42/26] ٿي سگهي ٿو تہ

سنڌ جو ونديڙ اتان آيو هجي ۽ اهو نهڪندڙ به لڳي ٿو.

**وَڪَٽِ**- اِني، ذڪر راند ۾ ذڪر ڳَڻَڻ وقت اول وڪٽ پوءِ لين- مون وغيره چئبو آهي. ان جا ڪجهه لفظ ته تامل ٻوليءَ جا آهن، [8/750] باقي جي ڄاڻ اجا پري آهي. ٿي سگهي ٿو هن وڪٽ (جنهن جي بنياد جي ڄاڻ ڪانهي) کي ئي بگاڙي سنڌيءَ ۾ بَرڪَتُ چيو ويندو هجي.

**وِڙِواندُ**- ائين چرچي ۾ چريو چوڻ جو سُريلو ڍنگ. ”ڪو وڙواند آهين.“

**ويرَ ۾**- جلد، سگهو ”جلد ڪج- وير ۾ اچج.“ هن جو بنياد سنسڪرت ويلا آهي معنيٰ وقت، گهڙي. ويلا هڪ گهڙيءَ کي چئبو آهي ۽ گهڙي وقت جو حصو آهي؛ ان ڪري چئبو هو ته ويلا يعني گهڙيءَ ۾ اچج، دير نه ڪج. ان ڪري اهو ويلا بعد ۾ جلد/ سگهو اصطلاح ۾ اچي ويو ۽ بعد ۾ صورت به ويلا مان وهلا يا وهلو بڻجي ويو. گجراتيءَ ۾ وهلو معنيٰ سويل/جلد آهي. شاهه لطيف به ان لفظ جو استعمال (سُر سريراڳ ۽ سُر ڪنيات ۾) ان ئي معنيٰ ۾ ڪيو آهي؛ ”والي رسج وهلو، ارک ٿيا انسان.“ هن وقت اهو لفظ سنڌيءَ مان گم ٿي ويو آهي. گجراتيءَ ۾ عام آهي. ”سياڻ صبوح جو سويل“ لاءِ چوندا، ”ڪالي وَهلي سَواري.“

**واڙو**- ڳائين ۽ مينهن جي رهائڻ جي جاءِ،جنهن کي چوڌاري ڪنڊن جو لوڙهو ڏنل هوندو هو. گهر ۾ ان کي وٿاڻ چئبو آهي. گجراتيءَ ۾ به واڙو چئبو آهي، پر ڳوٺن ۾ گهر ۾ ڪاڪوس کي به لوڙهو ڏنل هوندو هو. زالن جي ڪري ته ان ڪري ويڙهو معنيٰ ڪاڪوس به هو. ”ويڙهي مان ٿي اچڻ“ معنيٰ ڪاڪوس ڪري اچڻ. هن جو بنياد سنسڪرت ”واٽه“ آهي،جيڪو ”ٽ“جو ”ڙ“ ٿيندو آهي، جهڙيءَ

طرح لارڊ (Loard) جو لاٽ.

**وَرندي**– جواب. ڳالهه يا سوال جي موٽ. ورندو معنيٰ اُلٽو يعني سوال جو ابتڙ جواب ۾ موٽ. گجراتيءَ ۾ وَرَتون چوندا آهن. معنيٰ موٽ ۾ جواب.

**وِتُ**– سگهه، طاقت، زور. "وِتُ گهٽو اٿئي، جو هن سان وڙهندين." معنيٰ سگهه. "اٿئي وت جو ڪنور سان پُڄي سگهين." هن جو بنياد سنسڪرت ۾ وت آهي، معنيٰ ڌن- دولتَ. پئسو ۾ طاقت به هڪ طاقت آهي.

**وِڪو**– شرمندو، لڄي، گهبرائجڻ. "هي ڏٺي هو ڪِڪو وکو ٿي ٿي ويو." يعني شرمندو يا گهبرائجي ويو.

**وَچائِتُ**– اٽچاڻ جهڙو چريو. سنڌ ۾ جابلو هندو گيهه اُن تي لڏي ايندا هئا وڪڻڻ، جو تہ هو وڏا مالدار هوندا هئا، تن کي وچائت چئبو هو. الائي ڪيئن هن جي معنيٰ بدلجي ويئي، جو چئبو هو، "ڪو چريو وچائت تہ ڪونہ آهين؟" راجستان ۾ وَچاوَت هڪ آکهہ آهي. [25/300] ۽ [31/315] بيڪانير ۽ اديپور ۾ هي وچاوت مهتا سڏبا هئا ۽ اڪثر سرڪاري نوڪرين ۾ هوندا هئا. سنڌ ۾ بہ مهتا سرڪاري نوڪرين ۾ هوندا هئا، جن کي ديوان بہ چئبو هو. زالون شام جو گهمڻ نڪرنديون تہ چونديون هيون: "هلو تہ مهتن مان (وتان) ٿي اچون." پر اهي وچاوت ڪونہ سڏبا هئا. [35/752-3] وچاوتن جي وڏي جو نالو وچا هو. جٿان هو وچاوت سڏجڻ ۾ آيا، جيئن شيڪا جا شيڪاوت. ان ڪري ظاهر آهي تہ هي اصل وچاوت راجستان جا آهن. سنڌ ۾ اچڻ تي سندن نالو وچائت ٿي ويو. [36/116] هي سادا لوڪ هوندا هئا. حساب ڪتاب ڪرڻ بورو ڪونہ ايندو هون، ان ڪري ڪين وچائت معنيٰ اٽچاڻ اصطلاحي طور مشهور ٿي ويو.

وجهہ تہ واڻکو تي وجي. (يعني ٿورو سڪل)

وات ۾ آگر وجهي چوڻ تہ عقل- بس ڪيم. نڪ تي آگر گسي چوڻ تي جانو ٿو پريان،اڳتي نہ ڪندس ۽ ڪن پڪڙي چوڻ تہ توبهہ ڪيم اڳتي نہ ڪندس. تنهي جي حالت ۾ عضوا الڳ آهن مگر مطلب هڪ آهي.

● ٻنا اکر: وڏڻ- ويجهڻ. وٽج- واپار. واپار- وڻو. وغيره- وڪر- واڻو. ويج- طبيب. واءُ- ساءُ. واقف- چاقف. وڏ- گهٽ. وڏ- گهٽائي، واڌو- گهاٽو. واڌي- گهاٽي (گجراتيءَ ۾،واڌين- گهاٽين: هن کي وات تي بہ ٻولبو تہ نديءَ جي گهاٽ تي بہ) [25/598]. وٽ- ڦير، وڻ- ٽڻ، وير- وروڌ، ويٺي- ويني، ويهي- ويهي، ونڊ- ورچ، وندر- ورونهن، واپار، وڙو، وِنڏ- وِنڏ. وٽ- پڪڙ. وچان- پانڌان، ويهہ- ويسائي، وارا- چمارا، وياج- وٽو، ويجهو- ٻري، وڙهڻ- جهڙڻ (گجراتيءَ ۾ ويڙي- جهيڙي معنيٰ ويڙهي يعني انب يا ڦل ۽ جهيڙي يعني جهاڙ (وڻ) تان هٿ سان يا ٻئي ذريعي پٽڻ (ٽوڙڻ) .([62/598]

# ھ

**ھَڙَئي**- سڀ، ڪُل، مڙئي. "باقي ڇو ٿو رکين هڙئي ڏيئي ڇڏ." (يعني سڀ) هن جو بنياد سنسڪرت سَروَ آهي،"س"جو"ھ"ھڪبئي ۾ مٽجڻ لازمي آهي. زند ٻولي ۾ اھو ھؤروَ (Haurw) آهي.

**ھَلَٽُ**- گھر جو گھڻو سامان،جيڪو سنڀالڻ ڏکيو،"اجايو ھلٽ ڪٺي جمع ڪيو اٿئي."

**ھَوَ**- ذري، ٽڪڙي، گھرج کان گھٽ، ٿوري ذري. "گھڻي نہ، بس ھَوَ ڏي."

**ھُرِبلو**- خواہ مخواہ اچار،جيڪو ٻار يا جوان کي ائين ڇئبو آهي، "ڪو ھُربلو آهين."

**ھَنبَسَ ڦوُسڙي**- ھلڪڙي سياءِ جو، جيڪو ٿوري خوشيءَ يا ٿوري واڪاڻ ۾ ڦوندڻ ۾ پرجي وڃي يا ڦونڊجي وڃي.

**ھابُ**- مھڙو، جيان، وانگر. جيئن ڪلڻ ھاب ۽ روئڻ ھاب.

ھوم- ٻار اجائي راند ڪندو ڦٽڪندو، پيچ ڊاھہ ڪندو تہ ڇئبو، "اجائي ھوم ڇو ٿو ڪرين."

**ھيٺ ٿِئي**- ڪنھن کي گھٽ ڪرڻ. پوندو ۽ بجو ڏيئي چوڻ تہ "ھيٺ ٿئي!" يعني ڦٽڪار وجھڻ.

**ھَندَھِن**- ڪنھن ذرمي موقعي تي رذل ڪاڌي مان پھرين پانيڻ لاءِ پائي ڏيڻ. وڏي چوندي "اول ھَندَھِن پاءِ" يا "پاتي اٿئي؟"

**هورِوالو**- رولاڪ، پيناگ، اپالو ٻار،جيڪو سڄو ڏينهن پيو گهر کان ٻاهر رُلي ، ڀني ۽ ڏڪا کائي. بنديلکنڊ جي ٻوليءَ ۾ 'هربولو' آهي.

**هُلُ**- گوڙ، شور، بکيڙو، وڏو آواز. انگريزي ۾ هلوُ (Hello) معنيٰ لڳ ڀڳ ساڳي آهي يا هُلو (Hullo) بہ. ڪٿي ان جو اُچار هُلاهُل معنيٰ شور آهي. ٿي سگهي ٿو هي اُل لفظ تان جُڙيو هجي، [20/33] جو هہ ٿي ويو هجي.

**هَپُ**- ٻار کي ماٺ ڪرائڻ لاءِ دڙڪي ۽ ڊيڄارڻ طور هَپُ يا هائوُ چئبو آهي. "هَپُ- هائو ٿو اچيئي." هن جو بنياد سنسڪرت سرپ معنيٰ ڪانگ آهي. ان سرپ جو هرپ- هَپُ ٿي ويو آهي. هي لفظ انگريزيءَ ۾ سرپ جو سرپينٽ (Sarpent) تہ آهي،پر اهو گريڪ ٻوليءَ ۾ هرپن (Herpien) ٿي ويو. سنهالي (شري لنڪا) ۾ 'هَپُ' تہ آساميءَ ۾ زب (Xap) آهي. [8/460] ڪنڙي ٻوليءَ ۾ نانگ کي"هائوُ"چئبو آهي، ان ڪري ٿي سگهي ٿو ڏان جو ڦهلاءُ سنڌيءَ تائين ۽ ٻين هنڌ ٿيو. چو تہ هائوُ معنيٰ نانگ ڊپ طور سنڌي ۾ بہ چئبو آهي تہ هنديءَ ۾ بہ،پر ڊپ طور. سنڌيءَ ۾ "هائوُ ٻِچَڙُ" آهي. [38/380]

**هُوڙيو ، هوڙِيو**- ڪنهن کي چيڙائڻ يا بيعزتي، گهٽتائي ڪرڻ، هيسڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ اڪثر"هوڙيو- هوڙيو" چئبو آهي. مهرشي پَتَنجَلي، جنهن جي وياڪرڻ ڪتاب "مهاڀاشيہ" ۾ لکيو آهي تہ اَسُر ڪنهن جي هار کائڻ تي ان کي چيڙائڻ/ هيسائڻ لاءِ هيليہ- هيليہ چوندا هئا. [13/603] ائين تہ رڳو'هو- هوُ بہ چئبو آهي.

**هَري هَري**- آهستي، ڌيري، ڌيري. "بنا آواز ڪرڻ جي هري- هري هليو وڃ." يا "تڪڙ نہ ڪري هري- هري هل."

هَٽي- ڏياريءَ ۾ مٽيءَ مان ناهيل هڪ راند يڪي جيان دوڪان يا هٽ جيان ناهي ٻارن کي ڏبو آهي، جنهن ۾ هو رات جو ڏيئا ٻاري

رکندا ۽ وچ وارن خانن ۾ ڪجھ ڪاڏي جون شيون وجھي اڳيان ويهي رهندا آهن. هن جو سنسڪرت بنياد هٽ يا هٽي آهي معنيٰ پڙي (دوڪان جيان ميلي ۾)، ڇاڪاڻ تہ ڏياريءَ جو جشن فقط واڻين/ واپارين جو ڏينهن آهي تہ جيئن دوڪان وارا يا ميلن ۾ پڙين وارا ڪجھ وکر رکي وڪڻندا آهن، تيئن هٽڙي بہ هڪ هَٽَ آهي،جنهن ۾ ۲-۴ شيون وکر طور رکيل آهن ۽ پار جڻ تہ پنهنجي هَٽَ جو نقل هٽڙي نامي پاڻ وندرائيندا آهن. راجستان ۾ ان کي هَٽِڙي چئبو آهي.

**هَڙتالو**- حرڪتي، ڏنگو، ڪيچل ڪندڙ يار. پارسي هڏئن کي 'هَيٽتال' چوندا هئا. ٿي سگهي ٿو اتان جي فارسي صورت ۾ هتي هڙتالو ٿيو.

**هائيدوس**- اجايو گوڙ ڪرڻ، خسيس ڳالهہ لاءِ گهڻو شور ڪرڻ. "آهي ڇا، هائيدوس ڪٽي مچايو اٿو."

**هَنڊائڻُ**- عمل ڪرڻ، سمجھڻ، ڪم آڻڻ. "جيڪي پڌجي سو دل سان هنڊائجي." (عمل) ٻيءَ طرح نئون باسڻ پهريون دفعو ڪم آڻڻ ۽ آماهڻ يا آمائڻ. "هي باسڻ اڃا هنڊايو ئي ڪونہ آهي، ائين نئون- ڪورو رکيو آهي."

**هَبَڇَ**- گهڻو کائڻ، اجائي هبڇ ڪري کائڻ، لالچ. آفريڪا جا حبشي محنتي ۽ جانٺا ٿيندا آهن تہ کائيندا بہ گهڻو آهن، ان ڪري ٿي سگهي ٿو انهن تان حَبشي جو هَبِچي ۽ هبڇ بڻيو هجي،ان تان ئي لالچ ۽ لالچي اصطلاح بڻيو هجي. ان ڪري صحيح بہ هجي. ٽين صدي عيسوي اڳ ۾ هبشت نالي هڪ قبيلو هو، شايد اهي ئي حبشي هجن،جو تہ هو اوپر آفريڪا جا هئا. [378/62-3]

**هَرُ**- هَرَ ڏيڻ، زمين کيڙڻ. هن جو بنياد سنسڪرت هليہ آهي. هڪ ئي وقت کيڙڻ کي هڪ هليہ يا هَرَ چئبو هو. قديم زماني ۾ هر

اصل جڏهن هيءَ عرب ۾ پهتو تہ ڏاڍو پسند پيو. پر نالو ڇا رکن؟ ڇو تہ هند مان آئي ويو، ان ڪري ان جو نالو "هندواند" رکيو ويو، جو پوءِ هنداڻا تي خود پارت ۾ بہ مشهور ٿي ويو آهي. فارسيءَ ۾ ان جو نالو تَربُز آهي، جنهن کي تربوز چئبو آهي ۽ اهو نالو بہ پارت- پاڪ ۾ مشهور آهي، ان ڪري جُدا- جُدا صوبن ۾ ان جون مختلف صورتون آهن. [18/3]

**هَفتو**- ستن ڏينهن جو جوڙ. هن جو بنياد سنسڪرت سَپتاهہ آهي، جتان "س" جو "هہ" ٿي فارسيءَ ۾ هفتاهہ= هفتو ٿي ويو، جيئن سپت (٧) جو هفت (٧).

پر يهودين ۾ ان کي سَبات (Sabhath) چيو ويندو آهي، جيڪو بہ سنسڪرت "سپتاهہ" کي ويجهو آهي، پر سنڌيءَ ۾ فارسيءَ مان آيو آهي.

● ٻئا اکر: هاري- ناري، حال- احوال، هَٿون- هَٿ، هيرا- جواهر، هيرا- موتي، هل- چل، هنڌين- ماڳين، هنڌ- پَٽ، هنگي- مٽي، هنگڻ- مُتڻ، حساب- ڪتاب، هلڻ- چلڻ، هلت- چلت، هار- وير، هنڌ- بسترو، هڪو- ٻڪو، هَڪيو- تڪيو، هَڏَ- گڏ، هيڻءَ- هونئن، هَلَ- هَل

# ي

**يارُ**– دوست، ساٿي، ڌاريو مرد (مڙس)، بدڪار. هن جو بنياد سنسڪرت جار آهي. سنتن ۽ صوفين جي زبان ۾ يار، مالڪ ۽ خالق لاءِ ڪم ايندو آهي. الک سمپردايہ (فرقي) ۾ ائين آهي. [1/571] سنڌيءَ ۾ يار يا يَرَ عام طرح ڪنهن ۽ واقف ڪي چئبو هو، "يار ٻڌ تہ"، "يَرَ ائين ڪونہ ٿيندو."

● ٻيا اکر: يار– دوست، يَٺَ– شَٺَ، ياري– دوستي.